سمنڊ سمايو بوند ۾



بوند سمائي سمنڊ ۾ - ٿو جاڻي سيڪوئي
سمنڊ سمايو بوند ۾ - ٿو سمجهي ورلو ڪوئي!

سمنب سمايو بوند ۾!

(رچنائن جو سنگرهہ)

پائو هيمن نانواڻي

اَرپَڻمَ

هيءُ پستڪ سمرپتِ آهي،

اَهڙين مهانَ آتمائُنِ جي چرڻُن ۾،
جن پُرَشارَتَ ۽ پَريشرِمَ سان مَنُش جيون
جي لَڪشَ جِي پراپتِيِ ڪئيِ آهي!

اهڙن ساڌڪَنِ کي جيڪيِ جنم جنم جي،
سَنسڪارَنَ سانَ لڙندي لَڪش جِي پراپتيءَ
لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهن!!

اَهڙن پريميِ سڄڻن کي، جن ڳالهه جيِ
حقيقَتَ کيِ ڄاڻي،
هن موڪشِ مارگ تي هَلڻَ جو سنڪَلِپ
ڪري،
اڃا پهريون قَدمُ ڌريو آهي!!!

آسيس اَيلاشيِ،
ياڻو هيمن!

عنوان ”سمنڊ سمايو بوند ۾!“
(رچنائن جو سنگرهه)

ڀائو هيمن نانواڻِي

سال : رام نؤمِي چيٽ ٢٠٥٩

Published by :
Mr. Gobind Balani
10/A, Sukhwani Park,
325, N. Koregaon Road
Pune - 411001
Phone : 6113611

Typesetting :
Harkishin Samtani
MSP Pagesetters, Basement-8, Akshay Complex,
Dhole Patil Road, Pune - 411001
Phone : 6125431 ,6124017

Printed by :
Haresh Dodeja
NOBLE Printers "Shiv Ganga" Chambers,
Budhwar Peth, Pune - 411002
Tel : 4453540

Price : Rs.25/-

فهرست



بوند سمائي سمنڊ ۾ - تو جاڻي سڀڪوئي
سمنڊ سمايو بوند ۾ - تو سمجهي ورلو ڪوئي !

رَچنائُنِ جي سنگرهه جو مقصد.....

اڄ چارون طرف هن سنسار ۾ اَشانتي، اَسنتوش، دک، ڪشٽ، شاريرڪ ۽ مانسڪ پيڙائن جو راڄ آهي. هيڏي ساري هن پرٿويءَ جي آدمشماريءَ مان ٿورائي ڪي اَروڳتا ۽ آنند جو رس وٺندا هوندا. اِن جي جڙ ڪارڻ جي ورلي ڪو کوج ڪري ٿو. عام طور هرڪو ٻاهريان علاج دوا درمل، ٽوٽڪا ڦيٽا ڪري ٿو، جنهن مان ڪجهه وقت لاءِ راحت ملي ٿي. پر جڙ ڪان اِهي پيڙائون ناس نٿيون ٿين. پرماتما اسانجي شرير جو ڍانچو اهڙي نہ ڪلا سان ٺاهيو آهي جو اسانجو هرهڪ من، وچن ۽ ڪرم جو وهنوار اسانجي رڳن، نبضن، نارين، هڏين ۽ ماس تي اثر ڪري ٿو. اِن سموري بگڙيل ماحول جو مُول ڪارڻ آهي ئي منش جي غلط وهنوار، آچرڻ، عادتن ۽ سڀاون جو هئڻ! پر ڪير ٿو اِهو سڀ ويچار ۾ آڻي!

مليل سک سمپتي ۽ سهوليتين جو ڪيڏو نہ دُرُپيوگ ٿي رهيو آهي! منش پاڻ مٿان خود ضابطو وڃائي وينو آهي. اُن خالق وٽان مليل اِڇائن جي آزاديءَ ۾ بہ ڪي مقرر پائبنديون آهن جن کي ئي عمل ۾ آڻڻ سان اسين جيڪر جيون جو سچو سُک ماڻي سگهون ٿا! هن ناسونت شرير جي ڪُوڙي سُک ۽ سينگار لاءِ پاڻ پنوريون ٿا! شرير جي رسن لاءِ ڏن جو غلط اِستعمال ڪريون ٿا! اِندرين جي عيش آرام لاءِ بي واجب طريقا اِختيار ڪريون ٿا! پر نتيجي ۾ پاڻ دک، روڳ، مرض ۽ مصيبتون ئي اچِي ٿيون پلئہ پون!

ڪاش جيڪر هن حقيقت تي ڪير ويچار ڪري! منش اگر پنهنجو پنهنجو آچرڻ ۽ وهنوار درست ڪري، مالڪ وٽان مليل ايشوري گُڻن جو استعمال ڪري، نہ اڄ بہ اُهو آنند ۽ پرم

هلندڙ جيون جون عادتون لڳاتار پريوڳہ سان سُڀاءُ تيون بڻجن. اِهي سڀاءَ جيون ياترا جي وقت سنسڪار بڻجي اڳتي لاءِ جنم، جوڻ ۽ اَوَستا جو ڪارڻ تا بڻجن !!

سڦلتا جو راز !

ڪنهن پريميءَ هڪ مهاتما کي پنهنجي اوسٿا جو ورنن ڪري ٻڌائيندي چيو، ’سال ٿيا اٿم ساڌنا ڪندي. ڏاڍو ٿو ٻاڏايان، پڪاريان ۽ پرارٿنائون ڪريان پر اڃا پريو جو درشن نہ ٿيو اٿم. سائين ڪا مهر ڪريو، ڪا سکيا ڏيو يا ڪو ساڌن ٻڌايو جنهن سان پريو مليم.‘

مهاتما هن پريميءَ جي گفتگوءَ مان صحيح ڪيو تہ منجهس اهڙي لگن ڪونهي جيترو چئي رهيو آهي. اِن ڪري هن کي انيؤ ڪرائجي تہ پريو ڪهڙي اُپاءَ سان ملندو. هن پريميءَ کي هٿ کان جهلي چيائينس، ’اول هَلُ تہ نديءَ تان شنان ڪري اچون، پوءِ توکي ساڌن ٻڌايان.‘

نديءَ تي اچي ڪري ٻئي پاڻيءَ ۾ ٽپي پيا ۽ ٽٻيون ڏيڻ لڳا. مهاتما هن پريميءَ جي ٽٻي ڏيندي ئي سندس مٿو هٿ سان دٻائي ڇڏيو پاڻيءَ اندر! هي پريمي غوطا کائڻ لڳو. آخر مهاتما هٿ هٽائي ڇڏيو. جئن ئي مهاتما جي پڪڙ مان هي پريمي آزاد ٿيو، سِرُ ٻاهر ڪڍي ڏاڍا تکڙا تکڙا سواس کڻڻ لڳو. ٻُڻ ٻُڻ ڪندي چيائين، ’هڪ سيڪنڊ بہ وڌيڪ پئي ها تہ سواس ئي ختم ٿي وڃن ها!‘

مهاتما پڇيس، ’ڇا پائيئہ!‘ جواب ۾ هن پريميءَ چيو، ’اندر ڦٿڪڻ لڳس تہ ٻاهر نڪري سواس کڻان، نہ تہ پران نڪري ويندا!‘

مهاتما وراڻيو، ’ٻچا بس ان طرح جڏهن تنهنجو سنڪلپ پڪو ٿيندو تہ پريوءَ جي ملڻ ڪانسواءِ سواس ئي ختم

سُکہ پراپت ڪري، منش جيون جو موُل مقصد حاصل ڪري، هيءَ جيون ياترا سڦل ڪري سگهجي ٿي!

...... بس اِهائي ايلاشا من ۾ ڌارڻ ڪري آتم چنتن دوران جيڪا روشني ملي آهي اُن کي ظاهر ڪرڻ جو ننڍو هنن رچنائن جي سنگرهہ ۾ ڪيو ويو آهي.

وقت بہ وقت 'هندواسيءَ' ۾ ڇپيل ليک، پريمي سڄڻن جي پريرڻا جو آديش پائي، ڪنا ڪيل هن نئين پستڪ 'سمنڊ سمايو بوند ۾' ظاهر ٿي رهيا آهن. هن کان اڳ بہ پستڪ 'آهين جوت سروپ تون - پنهنجو روپ سڃاڻ' ۽ 'بيحد ڏيئو بار تہ گهر ۾ ڏسين سوجهرو' هٿون هٿ خلاص ٿي ويل آهن. پهرئين پستڪ جو هندي انواد پياري ياءُ گوپ روپچنداڻيءَ پريم سان ڪري ڏنو هو، اُهو بہ جلد خلاص ٿي ويو!

مالي مدد بہ پريمي سڄڻن وٽان ملڻ ڪري پستڪ جي قيمت لاڳت کان گهٽ رکي وئي آهي. پاٺڪن کي عرض آهي تہ پستڪ اندر جيڪي پلوُن يا اڻنهڪندڙ ويچار هجن، سي بنا ڪنهن هٻڪ جي ڄاڻائيندا تہ توهانجا احسان مڃبا!

هن جڳت سان پريت رکڻ وارا جڳت جي جڙ پدارٿن جا مالڪ تہ بڻجن ٿا پر آخر اُهي بہ ڇڏيو وڃن! پر ايشور سان پريم رکڻ وارا جڙ اتوا چيتن جا مالڪ بڻجي دائم آنند ماڻيندا رهن ٿا ۽ آخر ۾ خود ايشور روپ بڻجن ٿا!

چئي سگهان ٿو ته هڪ ڪلاڪ ۾ مندر ۾ پهچي ويندين.'

ان طرح ڪنهن به ڪاريه ۾ سنڪلپ جي سچائي، ڪاريه جي سڦلتا جي تيور اِڇا بلڪل لازمي آهن. گيتا ۾ ڀڳوان ڪرشن ارجن کي سمجهائيندي چيو آهي، 'عام طور سنساري جيوَ وشين ۾ سُکُ سمجهي اُن لاءِ ئي سارو جيون پريشرم ڪندا رهن ٿا. جيتوڻيڪ انهن وشين ۾ لڪل زهر آهي، انت ۾ انهن مان ئي دک، ڪليش ۽ پيڙا منش کي ملي ٿي.

پر جنهن يوگ، ڀڳتي يا گيان سادنن ۾ پهريون ٿورو دک آهي ۽ اُن مان اڪثر سنسار جا جيوَ بيزار ٿي اُن کي ڇڏي ڏيندا آهن. جيتوڻيڪ انهن سادنن مان پرم سُک، آنند ۽ امرت جو سواد ملندو آهي. اِنهن سادنن لاءِ عام لوڪ سنڪلپ جا ڪچا آهن. فقط ڏيکا ڏيکيءَ جو ئي مارگ اپنائين ٿا.'

سو ڏنوسين ته پوڄائون، پرارٿنائون، يوگ ابياس يا ستسنگ عام ماڻهو دل، من سان ڪونه ڪندا آهن. اڄ ڪلجُگ جي سمي ۾ اِهي سڀ ڏيکه ماتر ۽ منورنجن جي لاءِ ئي بڻجي پيا آهن. پوءِ به عام ماڻهوءَ لاءِ چڱا آهن. ڪجھ وقت ته هُن جو سٺي پاسي خرچ ٿئي ئي ٿو.

هڪ ڀيري نارد هري نارائڻ جا گڻ ڳائيندو سادوءَ جي ويس ۾ لنگهي رهيو هو ته هڪ پيرسن سادوءَ تي نگاهه پيس. اڳيان اچي ڪري ٻڌاياڻينس، 'ڀائي، مان وشنو لوڪ ۾ وڃي رهيو آهيان، ڀڳوان لاءِ ڪو نياپو هجيئي ته ٻڌاءِ.' پيرسن سادوءَ چيس، 'ها! ڀڳوان کي اِهو عرض ڪجانءِ ته سموري عمر ڌيان ابياس ۾ گذاري اٿم. پر درشن

ٿي ويندا، تہ پريو هڪدم اچي درشن ڏيندءِ! تون سنڪلپ سان سچو رهُہ تہ سنڪلپ ئي سنيہ ۾ بدلجندو.'

منش چاهي تہ ڇا نٿو ڪري سگهي! جڙ سنسار ۾ پوَئتڪواد جي اُنتيءَ ۾ بہ سنڪلپ جي سچائي گهرجي. جڳہ پرسڌ وگيانڪن سنڪلپ سان ئي ڪوجنائون ڪري عجيب اُپڪرڻ ايجاد ڪيا آهن. ڏينهن رات سنڪلپ جي سچائيءَ سان هو سڦلتا حاصل ڪن ٿا.

اڌياتمڪ مارگہ ۾ بہ سنڪلپ جي سچائي گهرجي. باهريان طريقا پلي ئي ڪٽي سنسار کي پرڀاوت ڪندا هجن، ليڪن من سڦلتا جي منزل کان گهڻو دور هوندو. ڀڳتي هجي يا گيان، يوگہ هجي يا ڪرم، اِهي جي سچي سنڪلپ سان پريوگ ۾ آڻجن ٿا، تہ نہ فقط من اندر آنند اچي ٿو، پر ڪاميابي بہ ضرور حاصل ٿئي ٿي. باقي ڪيترو جلد اِن جو بہ دارومدار اسانجي ڪرم جي رفتار تي آهي.

هڪڙو ياتري تيرٿن لاءِ پئدل ياترا ڪندو هليو. گهڻو رستو طئہ ڪرڻ بعد ٿڪجي ڪري هڪ رستي جي پٿر تي ساهي پٽڻ لاءِ ويهي رهيو. ڪجهہ وقت بعد هڪ فقير اُتان لنگهيو پئي تہ هُن کان پڇيائين، 'پائي فلاڻي تيرٿ ڏانهن وڃڻ لاءِ ڪيترو وقت لڳندو؟' فقير جواب ڪونہ ڏنو. وري ٻيهر پڇڻ تي بہ ڪو جواب فقير ڪونہ ڏنو. اِن تي ياتري غصي مان اُٿي تڪڙو تڪڙو پنڌ ڪرڻ لڳو. هاڻ فقير پاڻ بہ اڳتي هلي ڪيس چيو، 'پائي، تون ٿورين اُٿي پنڌ پئين ها تہ توکي تنهنجي رفتار ڏسي ٻڌايان ها تہ ڪيترو وقت لڳندو! هاڻ تنهنجي رفتار کي ڏسي

ڪرڻ ئي ضروري چيو ويو آهي. اِنهيءَ اوستا تي پهچڻ
ڪانپوءِ ۽ اُن پرم پد واري يوڳي پرش جو سيني سنڪلپن
۾ جيڪو اَياءُ آهي سو ئي ڪلياڻڪاري سڌجي ٿو.'

عام ماڻهو مندرن ۾ وڃن ٿا. ستسنگن ۾ مهاپرشن جا
وچن ٻڌڻ وڃن ٿا. پوڄا پرارٿنا ڪن ٿا. اِها سڀ اِنهن
لاءِ هڪ ڪرم جو روپ آهي. پر هنن جي من ۾ چڪتاڻ
آهي، اَشانتي آهي. من منجهيل آهن. جنهن ڪري ڪوئي
لڪش ڪونهي، سنڪلپ ڪونهي، نڪو وشيش لاڀ ٿو ملي.

اسانجا ويد شاستر چون ٿا ته هيءَ پرٿوي پرماتما جي
سنڪلپ سان ئي ٺهيل آهي. سائنسدان کوج ڪري
ٿڪجي پيا. ڪي چون پرٿوي پاڻيءَ تي بيٺل آهي. سوال
آهي پاڻي ڇا تي بيٺل آهي؟ اِن طرح ڪنهن به انت
نه پاتو!

سنڪلپ سان ئي ڪوجنيڪ هماليه پهاڙ جي اُوچي شِکَرَ
تي پهچي سگهندا جي دوَجا ڦهرائيندا آهن. واٽ ۾ ڪيتريون
ئي رڪاوٽون، رنڊڪون ۽ جوکم هنن جي سنڪلپ کي
لوڏي نه سگهندا آهن.

سنسار جي ڪابه حاصلات وقت سِر ٿئي ٿي. ليڪن آتما
جي پراپتي سنڪلپ سان ٿي ٿئي. آتما، جا ايشور جو
جزو آهي، انش آهي خود برهم آهي، شنڪائن ۽ سمسيائن
هينان ڍڪيل آهي، اُن جو ساڪياتڪار فقط سنڪلپ سان
ئي ٿي سگهندو.

منش جو جيون آهي به ڪيترو؟ ٻه ڇيرا آهن، هڪ
وڃم گهر ٻيو مساڻ! اِن جي وچ واري حصي کي جيون

نہ ملیو اٿم. اجا ڪيترو سمو انتظار ڪرڻو پوندم؟' نارد اڳتي وڌيو تہ ٿوروئي پريان هڪ وڻ هيٺان هڪ نوجوان سنياسيِ ڏاڍي آنند سان سمرن ۾ مشغول هو. نارد هن کي بہ چيو، 'ڀائي، وڃان پيو وشنو لوڪ، ڀڳوان لاءِ ڪو نياپو اٿيئي؟' پر هي نوجوان سنياسيِ پنهنجو پاٺ ۾ مشغول هو. ڪجهہ سمي بعد نارد اِن ئي مارگ تان موٽي رهيو هو. پهريائين اِن پيرسن ساڌوءَ کي ڀڳوان جو نياپو ٻڌائيندي چيائين، 'ڀڳوان چيو آهي اجا ٽن جنمن تائين يوگ ابياس ڪندو رهُ پوءِ درشن ملندو!' پيرسن ساڌوءَ جي وات مان ڏڪاري آواز ۾ اکر نڪتا، 'ڇا ڀڳوان وٽ انصاف ڪونهي؟ اجا بہ ٽي جنم يوگ ابياس ڪرڻو پوندو؟' اڳتي هليِ ڪري نوجوان سنياسيءَ کي بہ نياپو ڏنائين تہ، 'ڀڳوان چوي ٿو جنهن وڻ هيٺ سمرن ڪري رهيو آهي اُن جي پنن جيترا جنم وٺندي، اُن بعد ئيِ توکي ڀڳوان جو درشن ملندو.' اِهو ٻڌي سنياسيِ خوشيءَ ۾ نچڻ لڳو، 'آخر درشن تہ ملندو نہ!!'

جيسين سنڪلپ جيِ پراپتيءَ لاءِ صبر ۽ محڪمتا نہ آئيِ آهي تيسين سڦلتا ڪوهہ دُور رهندي. نوجوان سنياسيِ تہ نچندو رهيو! نچندو رهيو! پاڻ ئيِ ڀلائي ڇڏيائين! ڇا ايترو ڌيرج ۽ وشواس ڪير ڌاري سگهندو؟

جيون جي هر پهلوءَ کي جيسين وشيش ڌيان ۽ درجو نٿو ڏنو وڃي، تيسين ڪرم لاءِ بہ اُتساھ ۽ جوش نٿو پيدا ٿئي.

گيتا پڻ چوي ٿيِ، 'يوگ جي پرم پد تي پهچڻ جيِ چاهنا رکڻ واري پرش لاءِ يوگ ۾ نشڪام ڀاوَ سان ڪرم

روئڻ، ٻڌهن ڪلا تي ٻڌجي!

پرماتما هن سنسار سرشٽيءَ ۾ منش جيون ۾ کلڻ ۽ روئڻ جي اهڙي ئي شاندار ڪلا بخشي آهي، جنهن مان اندر جا اُڌما، ڏک، سور، خوشيون، غميون، محسوس ڪري سگهجن ٿيون. انهيءَ ۾ ئي انسان ترت اندازو لڳائي سگهندو آهي ته هي کلڻ يا روئڻ اصلي آهي يا نقلي! اڪثر ائين ڏٺو پيو آهي ته عام ماڻهوءَ تي نقلي کلڻ يا روئڻ جو پرڀاوُ ترت پوندو آهي. ائين سماجڪ، گهرو يا وهنوارڪ جيون ۾ گهڻا نگهه ئي ويندا آهن.

هڪ مارواڙي متر جي گهر ۾ ڪنهنجو موت ٿيو هو. اُتي هڪ ڪمري ۾ مرد ۽ ٻئي ڪمري ۾ زالون ڪنيون ٿيون هيون. اُن ۾ چار پنج زالون زور زور سان پار ڪڍي روئي رهيون هيون. ڇاتي به پٽي رهيون هيون. سمجهه ۾ ائين پئي آيو ته شايد هنن جو ئي سڳو سنٻنڌي مري ويو آهي. وري روئڻ ۽ ڇاتي پٽڻ سيني جو هڪ سمان هڪ سُر ۾! هڪ ئي تال ۾ ساڳين اکرن ۾ ورلاپ ڪري رهيون هيون. هڪ ئي وقت سيني جا هٿ ڪڇن ڇاتيءَ پٽڻ لاءِ ۽ هڪ ئي وقت هيٺ لهن جڻ ملٽري وارن جي قواعد ٿيندي آهي! آخر اَرٿي ڪڍڻ جو وقت آيو. مرد سڀ ٻاهر نڪتا. اهي زالون جن زور زور سان رُنو ۽ پٽيو هئي اُهي ٻاهر اچي گهر جي هڪ پاسيءَ کان پئسا وٺڻ لڳيون. ڪجهه سوَن جا نوٽ هئا، ڪيترا! خبر ناهي! ڪوتوهل وچان متر کان، جڏهن پڇيو ويو اِن بابت،

ٿا چون. موٽ جيڪو حقيقت ۾ هڪ وهم آهي، پرم آهي ۽ اُن وهم جو هر ڪنهن کي پڪ آهي، جنهن ڪري اِهو وڇ وارو حصو جنهن کي جيون ٿا چون، اُهو بہ ڊپ، خوف، ۽ پڪ ۾ بنا ڪنهن پراپتيءَ جي ئي گذري وڃي ٿو! هرهڪ جيون اُن ستيہ کي پائڻ لاءِ ئي هڪ املهہ موقعو ٻڌجي اچي ٿو. پر سنسار جو آڪرشڻ، موه، ۽ ممت اِها ڳالهہ ئي وسارائي ڇڏي ٿو. حقيقت اِهائي آهي تہ هر جيون سنڪلپ سان پنهنجو پاڻ کي پاڻ مان پائڻ جو بي مثل موقعو آهي.

پرماتما جي هن رهسيمئہ رچنا کي ورلو ڪوئي سمجهي ٿو. جيڪو سمجهي ٿو اُهو اُن ئي جيون ۾ سنڪلپ سان وڃي پرماتما کي لوڇي لهي ٿو. سنڪلپ جي ڪلا هرهڪ منش اندر موجود آهي. ڪهڙي بہ روپ ۾ اِن جو پريوگ ڪري سگهجي ٿو. پوتڪتا چاهي اڌياتمڪتا لاءِ جنهن بہ حاصلات لاءِ منش يتن ڪري ۽ سڦلتا پائي سگهي ٿو.

پُلي سارو سنسار - ڦاٿو اوديا پرم ۾،
وساري خاص خزانو - لُڙهي سنسي ساگر ۾،
ورلو ڪو جاڳي - چڙهيو اَنيئہ اَچ تي،
سنڪلپ سان سڀ لُڪَ لتاڙي،
پريتم پائي پاڻ ۾!

رڙهندو پنڊت جي نيڪ پرسان اچي وينو. پنڊت جي نظر بچائي رومال ڪڍي پنهنجي اکين تي هنيائين ته سندس اکين مان به ڳاڙهي ڳوڙها وهڻ لڳا. اِهو ڪوتڪ ڏسي سڀ حيران ٿيا ته هاڻ بالڪ به پنڊت جي پرسان وهڻ ڪري روئي رهيو آهي. بالڪ سياڻو هو، ڪچيائين ڪين. پر پنڊت جي هلي وڃڻ بعد سيٺي کي پنڊت جي اکين مان ڳوڙها ڳاڙهڻ جو راز ٻڌايائين ته رومال ۾ ڪا دوا اوتيل هئي، جنهن کي اکين سان لڳائڻ ڪري ڳوڙها ٿي ڳڙهيا.

مٿين ڳالهين مان گهڻو ڪجهه سکڻ لاءِ به ملي ٿو. هيءَ جيون ئي هڪ ڪلا آهي. ڪلاڪار جڏهن پنهنجي ڪلا جو جوهر ڏيکاريندو آهي ته اُن کي سڦل ڪلاڪار ڪري ليکيو ويندو آهي. اِن طرح ئي منش سنسار ۾ رهي، پر سنسار کان الڳ هجي ته اُن جو ئي جيون سڦلو بڻجي ٿو. جئن موٽ تي عورتن کي روئڻ جي ڪلا هئي، روئڻ مهل اندر ۾ خوش هونديون ته سندن هن ڪلا جي پردرشن ڪري وڏيڪ پئسا ملندا. هنن جو روئڻ ته فقط ٻاهران ئي آهي. رودن مهل هي اُهو نٿيون ڀُلجن ته حقيقت ۾ هو اِن مرتيو سنتاپ کان نرليپ آهن. نيڪ ان طرح گياني سياڻا وارو ماڻهو سنسار جي دک سور ۾ پنهنجو اندر جو آنند سديوَ قائم رکي ٿو. هو سامانيه ڀاوَ سان سنسار جو وهنوار ڪندو رهي ٿو. هوُ من، وچن ۽ ڪرم سان هر ڪاريه ڪندي به نرليپ رهي ٿو. سنساري هجڻ جي پرم کان هميشه مُڪت رهي ٿو. چو ته اندر ۾ جيترو ئي سنسار لاءِ وئراڳ پئدا ٿيندو، اوترو ئي موڪش مارگ

تہ چيائين، ’هي ڀاري جون ڙالون آهن جيڪي ڪونہ تي اچي ڪري رودن ۽ سياپا ڪيندڀون آهن. هنن ويچارين جو تہ اِهو ڏنڌو بڻجي پيو آهي. چا ڪن هي اٻلائون، پيٽ تہ سيڻي کي ڪپي!‘

اڄڪلهہ تہ هن وشئہ واري سنسار ۾ روئڻ بہ اصلي ڪونہ ٿو ٿي سگهي. بہ چار ڳوڙها ڳاڙيا تہ حد ٿي! گهڻا رشتيدار ايندا پر اصلي روئڻ تہ ڪنهن کي ڪونہ ايندو. هنن ڀاري جي استرين روئڻ پڻ سان تہ اصل ڪمال ڪري ڏيکاري. هلندڙ سنسار ۾ ڏسبو تہ منش جي هر ڪريا ۾ نقل ۽ بناوت سمائجي رهي آهي. ائين تہ ستسنگہ ۾ يا ڀڳوان لاءِ بہ گهڻا روئندا آهن. پر سچو روئڻ تہ ڪنهن ورلي ۾ هوندو آهي.

سنسار لاءِ روئن ٿا - پر سين جو رودن بيڪار آهي
روئڻ سڦلو سچو اُهو، جنهن ۾ پريوءَ لاءِ پيار آهي.

هڪ هنڌ هڪ پنڊت جي ڀاڳوت جي ڪٿا ڪري رهيو هو. ٿوري ٿوري وقت بعد پرسان رکيل اڇو رومال کڻي اکين تي پي لڳايائين تہ اکين مان آنسوئن جي ڌارا پئي وهڻ لڳي. هن جي ان ڪريا شروتائن تي ڏاڍو اثر ڪيو. سنگت هن پنڊت جي ان ڪريا تي پرياوَت ٿي ڪري هر گهڙيءَ ڀاڳوت اڳيان پيٽائون پئي رکيون. هڪ ننڍو ٻالڪ نون سالن جي عمر جو سياڻو سمجهدار اِها سموري روئداد ڏسي من ۾ سوچڻ لڳو تہ شايد اِن اڇي رومال ۾ ئي ڪو جادو آهي، جو اِهو لڳائڻ سان ڳوڙها اُگهجن تہ ڪونہ ٿا پاڻ وڌيڪ ٿا نڪرن. سو آهستي

من ڏکي ٿيندو آهي. پر پريو پريم ۾ هردو سينل ۽ آنند ۾ سمائبو آهي! من ۾ پرم سُکہ جو انڀؤ ٿيندو آهي. سنساري روئڻ سان اکيون پيليون ٿينديون آهن، چهري جو رنگہ زرد ٿيندو آهي پر پريوءَ جي پيار ۾ روئڻ سان اکيون لعل ۽ چهرو چمڪندڙ ٿيندو آهي.

هڪ ڀيڻ جو ڪيس هلي رهيو هو. ڪورٽ ۾ ڪيس بيان درج ڪرائڻو هو. هن ڏير تي ڪوڙو الزام هنيو هو تہ سندس ڏير ساڻس خراب هلت ڪئي آهي. وڪيل ڪيس پنهنجي آفيس ۾ وهاري خوب پڙهايو تہ هن نموني توکي روئي ڪري بيان ڏيڻو آهي. ٻئي ڏينهن ڪورٽ ۾ هن ڀيڻ اهڙي تہ ڍنگ سان رُنو ۽ تتل قتل اکرن ۾ بيان درج ڪرايو جنهن جو اثر مئجسٽريٽ تي اهڙو ٿيو جو هيءَ ڪيس کٽي آئي. اڄ روئڻ جي طريقي ۾ بہ ڪيترو نہ نقل ۽ بناوت اچي ويئي. اهڙا سمجهدار ۽ انڀوي بہ ڪي مشڪل ملندا جي اصل نقل کي سڃاڻي ۽ سمجهي سگهن.

هڪ متر هڪ عجيب گهٽنا ٻڌائي. 'هڪ صبح جو پنهنجي ڪمري ۾ سمهيو پيو هوس. اڃا سڄ مس نڪتو هو. سڄ جا ڪرڻا ڪڙڪيءَ کان اندر پرويش ڪري رهيا هئا تہ ٻاهر هال ۾ رودن جو آواز ٻڌم. مميءَ سان ڪي زالون روئي ڪري ڪجهہ ڳالهائي رهيون هيون. تڪڙ ۾ اُٿي منهن ڌوئي ٻاهر نڪتس. هال ۾ اچي ڏٺم تہ چار وچولي عمر جون زالون اڇن ڪپڙن ۾ ملبوس روئي رهيون هيون. مميءَ کان پڇيم تہ ڇا ٿيو آهي؟ مميءَ چيو پٽ هنن جي گهر جو ڪو ڀاتي گذاري ويو آهي. اڄڪالهہ

ڏانهن پيو اوڏرو پئبو. هن سنسار ۾ وئراڳ ورتي هئڻ بنان، سنسار بنڌن جو ڪارڻ بڻجي ٿو. هر طرح جو وهنوار ڪندي، من ليکي اُداسينتا ئي اهڙي منش کي جيون مکت بڻائي ٿي.

هڪ ماتا پنهنجي پاڙي ۾ رکيل ڀاڳوت جي ڪٿا هرروز ٻڌڻ لاءِ ويندي هئي. پنڊت جڏهن ئي ڀاڳوت ڪڍي ڪري ويڙهيل رومال کوليندو هو ته هن ماتا جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويندا هئا. پنڊت ته پنهنجي ليکي خوش ته سندس ڪٿا جو پرڀاوَ هن ماتا تي ٿئي ٿو جو سڄو وقت ويٺي روئي. ستن ڏينهن بعد جڏهن ڀاڳوت جو پاٺ پورو ٿيو، تڏهن پنڊت خوش ٿيندي هن ماتا کي اڳيان وڌي واڌايون ڏنيون ’ماتا، توهان تي ڀاڳوت جي ڪٿا جو تمام گهڻو اثر ٿيو. توهان هن مان ڪيترو لاڀ ورتو؟ ڪهڙو گيان پاتو؟‘ ماتا ورندي ڏني، ’پنڊت مهراج، سچ پڇو ته ڪٿا ۾ منهنجو ايترو ڌيان ڪونه لڳندو هو. ڀاڳوت مٿان جيڪو پوش ڪپڙي جو چڙهيل آهي نه، اُن کي ڏسي هر هر پوٽيءَ جي ياد ايندي هئي جو ته جڏهن گذري هئي ته اِهو سائي ڪپڙي جو فراڪ پهريل هوس.‘ اِهو ٻُڌي پنڊت جا ته واڇٽ ئي وڃي ويا.

اسان جا شاستر ٻڌائين ٿا ته سنساري روئڻ مهل ڳوڙها اکين جي اندرين ڇيرن نڪ لڳولڳه وهندا آهن ۽ اُهي کارا هوندا آهن. پرماتما جي سڪ پيار ۾ روئڻ سان اکين جي ٻاهرين ڇيرن (لوُندرين طرف) مان وهندا آهن ۽ اُهي ڳوڙها مِٺا هوندا آهن. ڪهڙي نه سندر ڪلا پرماتما روئڻ ۾ رکي آهي. سنساري روئڻ سان هردو جلندو ۽ چرندو آهي.

ٻاهران پاڻ پڌائڻ ڪارڻ - ڪوڙو ملمعو ڏيکاءُ ڪَن!
ڪلجڳ ۾ سچ جو آ ذُڪر پيو - ڪوڙ جو آ ورتارو هرهنڌ،
پاپن جي ڪاراڻ ۾ ويڙهيل - ڪپٽ جو ڪچرو ۽ ٻيو گندُ!!

من جي پرسنتا ٻاهرين حالتن جي اڌين آهي ڇا؟

من جي پرسنتا ٻاهرين حالتن تي مدار ڪونہ ٿي رکي. اِها تہ خود پنهنجي ئِي ڪوشش جي ڳالهہ آهي. جهڙي نموني منش حالتن سان سمجهوتو ڪرڻ جي ڪلا ڄاڻي ٿو اهڙي ئِي خوشي ۽ آنند هر اسٿتيءَ ۾ پراپت ڪري سگهجي ٿو.

هڪ سچڻ ڳالهہ ٻڌائي هڪ اهڙي ويڪتيءَ جي، جنهن اِن ڪلا کي ڄاتو هو!

’هڪ ڀيري هردوار وڃڻ ٿيو. اُتي ڪنهن ڌرمشالا جي پهرئين ماڙي جي هڪ ڪمري ۾ رُڪيل هوس. امرت ويلي صبح جو جاڳ ٿي. اُٿِي ڪري گنگا نديءَ جو شنان ڪرڻ ويس. موٽڻ تي ڏٺم تہ هڪ ڀيڪاري چپن تي مُرڪي رکِي تمام سندر ۽ من موهيندڙ سنگيت جِي تان ڇيڙي رهيو هو. آسپاس جا ماڻهو لنگهي رهيا هئا، هنن لاءِ شايد اِهو روزانو قصو هوندو. پر مون لاءِ تہ هيءَ هڪ نئين ڳالهہ هئي! ويجهو اچِي ڪري مڌر سُر جو آنند وٺڻ لڳس. پر جئن ئِي ويجهو آيس تہ ڏسي حيران ٿِي ويس. هيِ ڀيڪاري جنهن جِي ڏاٻِي ٻانهن ۽ ساڄِي ٽنگ ڪٽيل هئِي، هڪ ٽڪندي لڪڙيءَ جي سهاري ٻهِي هڪ هٿ سان

ته مرڻي تي به هزارين رپيا خرچ ٿين ٿا. هي اُن خرچ لاءِ ڪجهه ڳهڻا آيون آهن، تون ٻڌاءِ ته ڇا ڪجي؟ سياويڪ ههڙي حالت ۾ من ۾ ديا جو ڀاوُ پيدا ٿيندو ٿِي. اجا ڪجهه سوچي ٿِي رهيو هوس ته هنن زالن مون ڏانهن نهاريندي روئندي چيو، 'ڀائڙا، اسان سخت مصيبت ۾ آهيون. ارٿي ناهي مساڻي تائين کڻِي وڃڻ تي به هزار خرچ اچي ٿو. توهين هن ڏکئي سمي ۾ مدد ڪندا ته ڏِٺي توهانجو ڀلو ڪندو.' آخر مميءَ کي پاسيرو ونِي صلاح ڪري ڪين هڪ هزار ڏنم جيڪي ونِي ڪري آسيس جا اکر چونديون هڪدم ٻاهر نڪري ويئون. هاڻ خلاصو ٿِي ڪري ضروري هاج شنان پاڻيءَ کان فارغ ٿِي اٺڪل نوَ لڳا هئا صبح جا، مميءَ کي چيم اڄ هينان ڪئلاش پربت تان پڪوان دال کائِي ٿو اچان. هوٽيل ۾ اچِي ڪري ٽيبل تي پڪوان دال کائِي رهيو هوس ته پاسي واري فئملِي ڪيبن مان زناني ٽهڪن جو آواز ٻڌم. آواز ڪجهه سڃاتل پئي لڳو. ترسِي ويهِي رهيس ته ڏسان هِي کهڙيون استريون آهن جنکي سڃاڻان! آخر جڏهن هِي زالون ٻاهر آيون، ڏنم ته اِهي ئِي ساڳيون چار زالون هيون جن صبح اچِي ڪري مرتڪ جي خرچ لاءِ روئِي ڪري پئسا ورتا هئا. منهنجا ته وائيسرائي خطا ٿِي ويا ته هنن جو ڪوڙو روئڻ به ڪيترو نه نڳيندڙ هو!

اڄ منش جي هر ڪريا ۾ نقل ۽ بناوٽ ايترو ته حاوي پئجِي ويئِي آهي جو سچ به هارائي ٿو وڃي. ڪلجڳ ۾ سچ جو اڪال پئجِي ويو آهي.

جسم سچو آ ڪوڙ سان پُرُ - پاپ جا گهوڙا تيز ڊُڪن،

توهان جهڙا دانوير ګڏجن ۽ اصل ڏيءُ ڪرائي ڇڏيندا آهن.‘

هي سمورو ورتانت ٻڌي من اندر سوال اُٿيو ته پرسنتا ٻاهرين حالتن جي اڌين آهي ڇا؟ هيءُ پڪل ٿنل منش هِن حالت ۾ به ڪيترو نه آنند ۾ آهي! سچ ۽ سمورن انگن سان مڪمل منش ڏُکي آهن، اِن جو راز ڪهڙو آهي؟

پنهنجي ئي من مان جواب آيو، ’سياڻا آهن اُهي منش جيڪي هلندڙ پرسٿتيءَ سان سمجهوتو ڪري، پرڪرتيءَ طرفان آيل حالتن کي سويڪار ٿا ڪن ۽ هر حال ۾ راضي ٿا رهن. جن کي ڪهڙين به حالتن لاءِ نه شوڪ آهي نه شڪايت! هو اِنهن ڪان گهٽو مٿي چڙهي پَرسٿتيءَ کي پنهنجو پاڻ سمرپت ڪن ٿا.‘

اسانجي جيون جي پرسنتا جو دارومدار اسانجي نج پنهنجن گڻن، سنتوش، صبر، شانتي ۽ سهنشيلتا تي آهي. جيڪو منش سنسار ڪان بيپرواهه رهي ڪري، شرير ڪان نرليپ بڻجي ٿو اُهو ئي جيون ۾ سچي آنند جو اڌڪاري ٿو بڻجي. جنهن منش ۾ همت ۽ ساهس آهي، آتم وشواس ۽ ايشور ۾ شرڌا آهي، اُهو منش سنسار جي ڪهڙين به وپدائن جو سامنو ڪري سگهنتا جو مڪت پائي ٿو.

اهڙوئي هڪ ٻيو مثال آهي. هڪ بئنڪ ۾ به ڪرمچاري اِسڪوٽر تي چڙهي بئنڪ جي ئي ڪم سان ويا پئي. قدرت اهڙي اچي بڻي جو رستي ۾ هڪ ٽرڪ سان حادثو ٿيو. هڪ جي هڪ ٽنگ پر ٻئي جون ٻئي ٽنگون ڪٽجي ويئون. بئنڪ جي طرفان ٻنهي کي آڇ ٿي، ’بئنڪ ۾ ڪم ڪندا ته بئنڪ جي ڪار روز توهانکي وٺڻ ايندي

مُرلي وڄائي رهيو هو. ۽ ورتي اهڙي پرسن مُدرا ۾ ڏسي ڏاڍي حيرت پئي لڳي. سُر جي تان بيحد مڌ... من موهت ڪندڙ هئي. آهستي آهستي اِها تان زور پڪڙ... لڳي ۽ اِهو ٻيڪاري لڪڙي ڇڏي ڪري هڪ ٽنگ تي نچ... لڳو. سندس چهري جي پرسنتا وڌندي رهي! ڪافي سمي... نچندي، مُرليءَ جي تان ڇيڙيندي، آخر پير واري ٽلهي تي ويهي رهيو. هڪ پاسي هن ٻيڪاريءَ جو سنگيت ۽ نرتيه سار، هن بيحد پرسن ٿيو، ٻئي پاسي من ۾ ديا... جو ڀاوُ اُڀرڻ ٿيو ته هن ويچاري کي هڪ ٻانهن ۽ هڪ ٽنگ آهي، ڪيئن سندس جيون گذرندو هوندو؟ اِهو سوچي اچي سندس ڀرسان ٽلهي تي ويهي ساڻس همدردي ڏيکاريندي سندس هن پرسنتا جو راز پڇيم! پنهنجي جيون ڪهاڻي ٿوري ۾ ٻڌائيندي ٻڌايائين، ’ٻاروجي‘، ٻيڪاري خاندان ۾ جنم ورتم. هلندڙ ريل ۾ چڙهي ٻيک گهرندو هوس. هڪ ڀيري پير کِسڪي ويو ۽ هلندڙ ريل جي پٽڙي تي ڪري پيس، جنهن ۾ هڪ ٻانهن ۽ هڪ ٽنگ ڪٽجي ويئي. اسپتال کان ٻاهر نڪتس ته ڏاڍو دکي هوس. هڪ ڳائڪ کي قياس پيو پاڻ وٽ رهائي مُرلي وڄائڻ سيکاريائين. مُرليءَ جي سنگيت ۾ ايترو ته کوهجي ويندو هوس جو هي سارو دک وسري ويندو هو. ائين هيءَ مُرلي منهنجي پرسنتا جو راز بڻجي پيئي. اِن پرسنتا جي آنند ۾ سڌٻڌ ڀلجي ويندو آهيان ۽ ازخود شرير نرتيه ڪرڻ لڳندو آهي. بس ائين جيون جا ڏينهڙا ڏاڍي آنند ۾ گذري رهيا آهن. ٽنگ ٻانهن وڃڻ جو ذرو به افسوس ڪونهي. اِها به ايشور ڀلائي ڪئي آهي جو هيڏو آنند پراپت ٿيو اٿم.

توري ۾ راضي رهن ٿا، اڻ هوند ۾ پرسن چت آهن. پر اڪثر اهڙا انسان گهٽي انداز ۾ ملندا جو سنسار جا سڀ سک هوندي، اڻ ميو ڏن هوندي به ڏکي آهن. هروقت هنن جو چهرو ملول ۽ مايوس ملندو. ڏسو مٿي چاٽايل بيڪاري ٻانهه تنگ وڃائڻ بعد به ڪيترو نه پرسن چت ۽ آنند ۾ مُرلي وڄائي نچي ٿو!

به پيئر پياسا ڪنهن گهر ۾ وڃي پاڻي گهرن ٿا. ٻنهي کي اڌ گلاس پاڻيءَ جو مليو. هڪ جو چهڙو ملول ته بس رڳو اڌ گلاس! پر ٻيو پرسن چت ته اڌ گلاس به سنو جو پياس ته ٻجهندي!

يورپ جي هڪ استري هيلن ڪيلر، جيڪا ڪنن کان ٻوري، نيترهين ۽ گونگي هئي پر هُن جي ٻُڌي وشال ۽ وشيش هئي. ننڍپڻ کان هن پنهنجي ٻُڌيءَ ۽ احساس شڪتيءَ کان ڪمال جو ڪم ورتو. همت ۽ ساهس رکي ڪري پريشرم ڪيائين. هٿن جي شپرش ۽ چپن جي پُڻ پُڻ سان اکرن جا اُچار ڪندي پنهنجي جيون جو رخ بدلي ڇڏيائين. ڪيتري نه ڪيس محنت ڪرڻي پيئي هوندي اُهو ته هوءَ خود ڄاڻندي هوندي! اينتري ڄاڻ حاصل ڪيائين جو ٽن وشين ۾ ڪيس ڊاڪٽوريٽ حاصل ٿي.

هن مثال مان اِهو به ظاهر ٿئي ٿو ته اسانجو گيان به ڪو اِندرين جي اڌين ڪين آهي. جيتوڻيڪ اِندرين جي هوندي گيان حاصل ته ٿيندو ئي پر ڪنهن به اندريءَ جي دوش هوندي به ٻُڌي. سالم هوندي گيان جي حاصلات ٿئي ٿي. اِن کي آتم ٻوڌ ٿو چئجي. آتم ٻوڌ پراپت ٿيڻ سان منش ڪنهن به اوستا ۾ پرسن چت رهي ٿو.

۽ گهر ۾ ڇڏي ويندي. بئنڪ ۾ ويل چيئر جو بندوبست ڪيو ويندو. يا ته ٻه ٻه لک رپيا توهان کي هميشه لاءِ نوڪري ڇڏڻ تي ملندا.' جنهن جي هڪ ٽنگ ڪٽي هئي اُن ٻه لک رپيا وٺي نوڪري ڇڏي ڏنِي. پر ٻن ٽنگن ڪٽيل واري نوڪري جاري رکِي. بئنڪ هن کي هرڪا سهوليت ڏنِي. هن پراڪرتڪ گهٽنا کي قبول ڪري ساهس ۽ همت جو دامن پڪڙيو. بئنڪ جا ٻيا ملازم هن کي ڏاڍو پيانئيندا هئا. ڪم ۾ وڌيڪ من لڳائي ڪم ڪرڻ لڳو. جنهنڪري هن کي پرموشن به مليِ. پرسن مُدرا ۾ گراهڪن سان ڳالهائيندو هو! ائين سندس من تان ٽنگن وڃائڻ جو ڏُک ئِي دوُر ٿي ويو. هوڏانهن جنهن رپيا وٺي نوڪري ڇڏي، اُهو گهر ۾ اڪيلائيءَ سبب ملول ۽ موڳو ۽ چڙٽي سڀاءَ جو ٿِي پيو. سندس حياتِي بوج بڻجِي پيئِي.

اڙي سک ۽ دک ته پنهنجي ئِي من جون ڪلپنائون آهن. سنسار ۾ سک ۾ سکِي ته هرڪو ٿو رهي پر جڏهن ڪير دک ۾ به سکِي رهي اُهو ئِي پورڻ منش آهي.

سک دک آهن من جون اوستائون،
آهن اِهي ڪنهن بڻايون ؟
پنهنجي مَن جي ڀاوَن سان آهيون دُکِي،
من جي دَشا ڪنهن کي سُڻايون !

اِهو گيان چئو يا آنند! پر هلندڙ حالتن جي هيٺان دٻجِي اسين پنهنجو پاڻ کي دُکِي ڪريون ٿا. اِها منش جِي وڏِي ڀُل آهي. پرسنتا ته نِجي پنهنجِي شخصِي سمپتِي آهي، جيڪا منش پنهنجِي غلطيءَ ڪارڻ پرڪرتيءَ سان ورود ڪري وڃائي وينو آهي. ڪي انسان اهڙا آهن جو

آهي. منش حقيقت ۾ اُن پرم آنند جو هڪ جزو آهي.

جڏهن هڪ انگ هين بيکاري ۽ موج مستيءَ ۾ نچي جهومي سگهي ٿو، تڏهن دنيا جا انيڪ پدارٿ حاصل ڪيل، سيني انگن سان پورڻ ڇو نہ ٿا آنند ماڻي سگهن؟ سيابا آهن اهڙا منش جيڪي جيون جي پرسٿتيءَ سان سمجهوتو ڪري حالتن مطابق پاڻ کي نهڪائي هر حال ۾ راضي ۽ سنتشٽ رهن ٿا.

هئا اڳيئي مُڪت - ڦاهيءَ ڦاٿا پاڻيهي!

١. ٻہ طوطا هڪ وڻ جي شاخ تي ويهي پاڻ ۾ رهاڻيون ڪري رهيا هئا. هڪ چيو، ’اسان جا ساٿي ڪيترو نہ لالچي آهن جو ٿوري چوڳي جي لالچ ۾ وڃي ٿا ڦاسجن. اسين تہ مڪت جيوَ جيڏانهن چاهيون اوڏانهن وڃي پيٽ ڀريون.‘ ائين چوندي اچانڪ هن جي نظر سامهون هڪ نلاءَ تي پيئي. نلاءَ ڀرسان هڪ وڻ هيٺان هڪ ٿانوَ ۾ وٽندڙ آهار روپي چوڳو ڏسي من لالچي ويس. ساٿيءَ کي چيائين تہ هلو تہ سامهون وڻ هيٺ رکيل ٿانوَ مان چوڳو کائون.‘ هن ساٿيءَ چيس، ’پيارا هي دوکو اٿيئي متان وڃين اوڏانهن، ڦاسجي پوندين.‘ پر هن نہ مڃيو ۽ اُڏامي اچي ٿانوَ مٿان رکيل هڪ نليءَ تي وينو. جئن ئي هن نليءَ تي وينو تہ نلي ڦري اُبتي ٿيڻ لڳي. ڊپ ورائي ويس تہ، ’اِجهو پاڻيءَ ۾ ٻڏس!‘ چنبن سان پختو نليءَ کي پڪڙيائين پر سمورو اُبتو ٿي پيو. هاڻي پرم ۾ تہ جي چنبا کوليندس

جڏهن سئنيما جي پردي تي فلم جا چنر جڏهن پون ٿا، اُن وقت پردي جو احساس ڪونہ ٿو ٿئي. فقط فلم جا چِتر ڏسي پرائتي ٿيندي آهي اِنهن چترن جي. ليڪن اچانڪ پاور هلي وڃڻ تي يا ڪنهن سبب ڪري فلم بند ٿي وڃڻ تي ئي پردو صاف سٺرو نظر ايندو آهي. اهڙيءَ طرح جڏهن من روپي پردي تان سنسار هٽي ويندو آهي اُن وقت من شونيہ اوسٿا ۾ ايندو آهي ۽ ڪيول آتم ٻوڌ روپي پردو نظر ايندو آهي.

سارو ڏينهن اڪثر من ڪلپت رهي ٿو. من اندر انيڪ پرڪارن جا ويچار لهن چڙهن ٿا. جنهن سبب منش جو گيان بہ سنساري بڻجي پوي ٿو. ڏکن، ڏولاون ڪري سنتوش، صبر ۽ پرسنتا اهڙي منش کان ڪوهہ دور رهي ٿي. من جي اوسٿا بہ کن کن ۾ بدلجندي رهي ٿي. ٻي مکيہ ڳالهہ آهي تہ اڄ جو منش خود ضابطو وڃائي وينو آهي. پرسٿتي پٽاندڙ پنهنجو پاڻ کي نهڪائڻ هُن لاءِ ڏاڍو مشڪل ٿي پيو آهي. جذبات وهيٽو ٿي، ويچارن جي وهڪري ۾ وهي ٿو وڃي. نتيجي طور هروقت دماغي بوجھ (ٽينشن) ڪٽي پاڻ کي پاڻيهي پريشان ڪري ٿو. منش جو من هڪ وقت هڪ ئي ڪم ڪري سگهندو آهي. جيسين من تي ڪو مسئلو يا ڊپ آهي تيسين هو پرسن بنهہ ڪين ٿي سگهندو. ڇو تہ اِهو انادي پرڪرتيءَ جو نيم آهي. بہ ڳالهيون هڪ وقت من ۾ ڪين سمائجي سگهنديون آهن. سمسيا يا سماڌان! غم يا خوشي! ڊپ يا پرسنتا!!

پرماتما هيءَ سرشٽي آنند ماڻڻ لاءِ ئي رچي آهي. ڇو تہ هوُ خود آنند سروپ آهي. آنند مان آنند ئي اُپجندو

’هاڻ غلام بڻجي در در ڀٽڪندو. ماروَن ڪائيندو، اشارن تي روئي نڪر لاءِ نچندو! هئو اڳيئي مُڪت، ڦاهيءَ ڦاٿو پاٿيهي!‘‘

٣. تلاءَ جي ڪناري ڪنول جا بيحد سندر گُل ڪڙيا بينا هئا. چارون طرف بهاري ئي بهاري هئي. من موهيندڙ وايومنڊل هو. اوچتو هڪ ڀونئرو اُڏامندو آيو ۽ ڪنول گلن جي چوڌاري جهومڻ لڳو. چارون طرف پرڪرما ڏيئي سڳنڌ پيو وٺي ۽ چوچ مان گلن جو رسُ پيو چوُسي. دل نہ ڀريس. رڙهي رڙهي هڪ ڪليل ڪنول گُل جي اندر ويهي ڪري آنند وٺڻ لڳو. آنند وٺندي وٺندي ايترو تہ ڪوئجي ويو جو وقت جي سمڪ نہ رهيس. شام ٿي، سوريہ اَست ٿيڻ لڳو. ڪنول جو گُل بہ آهستي آهستي بند ٿيڻ لڳو. قدرتي نيم جو پالن ڪري ڪنول گل هڪدم پنهنجو پاڻ ۾ سميٽجي پورجي ويو. اندر ڀنئور جو ساهہ منجهڻ لڳو. آخر ٻوساٽجي گهُٽجي مري ويو. ٻئي صبوح جو سوريہ اُڀرڻ تي ڪنول گُل کلڻ لڳو تہ اندران ڀنئوري جي لاش مان آواز آيو، ’هئو اڳيئي مُڪت، ڦاهي ڦاٿو پاٿيهي!‘

٤. اونده ڪاري ٻات هئي. اهڙي انڌيري ۾ هڪ ديپڪ جڳمڳايو. ديپڪ جي روشني چوڌاري ڦهلجي وئي. نہ ڄاڻ ڪٿان هڪ پتنگ ڪهي آيو. اُجالي ۾ جهومڻ لڳو شعاع جي چوڌاري پرڪرما ڏيڻ لڳو. ايتري ۾ دل نہ ڍاپيس. هاٿي شعلي کي چهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. ائين مستيءَ ۾ پرجيشعلي ۾ ٽپندي ڪڏندي هٿي پنهنجا پنکہ جلائي ڇڏيائين. هاٿي زمين تي ڦاٿ ٿي ڪريو

تہ هيٺ پاڻيءَ ۾ ڪري پوندس ۽ ٻڏي ويندس. اِهو سوچي نليءَ کي ٿهانهين پختو پڪڙي اُبتو ئي چنبڙيو رهيو. ايتري ۾ ماڙي آيو ۽ هٿ کان پڪڙي ڇڪي ۾ وڌائينس. وڻ تي ويٺل ٻيو ساٿي اِهو سموري روئداد ڏسي ديا ڀاوَ سان چوڻ لڳو، 'هٿو اڳيئي مُڪت، ڦاهيءَ ڦاٿو پاڻيهي!'

٢. جهنگل ۾ باندر ڏاڍي موُج مان نچي ڪُڏي هيڏانهن هوڏانهن گهمي ڦري آنند ڪري رهيا هئا. موُج مان وڻن مان ڦل ڦول پٽي کائي پيٽ ڀريائون. اوچتو هڪ باندر جيڪو وڻ تي ويٺل هو، زمين ۾ هيٺ ڏنائين ڀانت ڀانت جا آهار! دل سرڪي ويس. باندرن جي سردار واکو ڪري چيس، 'متان هيٺ لهين، ڦاسي پوندين.' پر هي لالچ ۾ ڦاسي سردار جي صلاح نہ مڃي هيٺ لهي آيو. زمين ۾ هڪ سوڙهي منهن وارو مٽڪو هئو. اندر ڀُڳرا، ٻوهيمنگہ ۽ ٻيا ڪيترا پدارٿ نظر پئي آيا. اڳيان اچي ڪري اندر هٿ وڌائين ۽ مالن سان مُٺ ڀريائين. پهرين خالي هٿ تہ سؤلو پيو، پر هاڻ ڀريل مُٺ سان هٿ ٻاهر نڪري نہ پيو سگهي. باندر سهڪڻ لڳو. ڊپ ۾ سمجهيائين ڪنهن هٿ پڪڙيو آهي. پر مُٺ نہ پيو کولي. ائين ڪيترو وقت ڊپ ۾ مونجهہ ۾ وينو ئي رهيو. ڀريان کن ماڻهن کي لٺين ۽ بندوقن سان ايندو ڏنائين. مٿي ويٺل باندر سڀ ڀڄي ويا. هڪ سردار ويني سڀ رنگہ ڏٺو. ماڻهن لٺ سان مٽڪي جو منهن ڀڃي، باندر کي رسين سان سوگهو ڪيو. باندر سردار ڏسي ڪري افسوس مان دل ئي دل ۾ چيو،

ٻيءَ کي چيو، ’اڄ اسانکي سنو آهار ملي رهيو آهي. هو ڏس سامهون ڏاڳي ۾ لٽڪندڙ کھڙو نه سندر طعام آهي، منھنجي ته وات ۾ پاڻي اچي ويو آهي.‘ سهيليءَ پنھنجي انيؤ مان چيو، ’ڏاهي ٿيءُ، اِهو طعام دوکي وارو آهي، متان ڪائڻ وڃين، ڦاسي پونديןءَ، منھنجو چوڻ مڃ.‘ ليڪن ٻئيءَ کائڻ تي هردو هاري ويٺي هئي. اڳيان وڌي جئن وات وڌائين ته ڳوٺيءَ ۾ لٽڪل لوھه جو ڪڙو منھن ۾ ڦاسي پيس. ڏاڍو اچي ششدر ٿي. گھڻي ئي ڪوشش ڪيائين ڇڏائڻ جي، پر آهڙيءَ ڦاهيءَ ڦاٿي جو ڇُٽي نه سگھي. سندس ساهيڙيءَ کي دکه ته ڏاڍو ٿيو، پر ڇا ٿي ڪري سگھي. تمام ڏُکي دل سان چيائين، ’ويچاري هئي ته مُڪت پر ڦاهيءَ ڦاٿي پاڻيھي.‘

٧. سندر بن ۾ هڪ هاٿين جو جھُنڊ ٻينو هو. ڏاڍي موج مان هڪ ٻئي ۾ راند روند ڪري پاڻکي وندرائي رهيا هئا. عجيب نظارو هو. بن اندر هاٿين جي پاڻ ۾ هن طرح جي ڪيل ڪلول بن جي شوڀا وڌائي ڇڏي هئي. ائين اڳتي ڊوڙندي هڪ هاٿيءَ جي نظر سامهون پريان هڪ هاٿڻ تي پيئي. ڪام جو تير هن هاٿيءَ تي لڳو. تڪا قدم ڪڍي هاٿڻ ڏانھن هلڻ لڳو. هڪ بزرگ هاٿيءَ ڪيس هڪل ڪري چيو، ’دوکو دوکو، متان اڳيان وڌين، ڦاسي پوندين.‘ پر هيءُ ڪاماتر هاٿي ٻڌو اڻٻڌو ڪندي اڳيان اڳيان وڌندو رهيو. جئن ئي هن بناوٽي هاٿڻ جي بلڪل نزديڪ آيو، تئن ڌڙام سان کڪن ڪانن سان ڍڪيل هڪ اونهي کڏي ۾ ڪري پيو، جتان ٻاهر نڪري نه سگھيو. هاٿين کي ڦاسائڻ

۽ بيوسيءَ ڪان ڦيرا پائيندي پنهنجو انت آڻي ڇڏيائين. ديپڪ کي افسوس ٿيو ۽ ڏکي ڀاوَ سان چيائين، ’ويچارو هو ته مُڪت پر ڦاهيءَ ڦاٿو پاڻيهي.‘

٥. ٻن جو بيحد سندر نظارو هو. چارون طرف سڳنڌي ٻوٽا ڦلن ڦولن سان ڀرپور وڻ ٽڻ پرڪرتيءَ جي سندرتا وڌائي رهيا هئا. اهڙي سندر ماحول ۾ هرڻن جي ٽولي نچي ٽپي گهڻو آنند ماڻي رهي هئي. پاڻ ۾ کيل ڪلول ڪري ڏاڍو خوش ٿي ٽڙي رهيا هئا. نه ڄاڻ ڪٿان وايومنڊل ۾ بنسريءَ جو آواز ڦهلجي ويو. هڪ اهڙو سندر من موهيندڙ وايومنڊل، ٻيو دل لڀائيندڙ سنگيت ٻڌي ڪري هرڻن جي سُڌ ٻُڌ کوئجي ويئي. هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳا! سنگيت جي سر ۾ متاثر هرڻ وڻن ۾، ٻوٽن ۾ ڳولهڻ لڳا. سُر جي ڌُن طرف ازخود ڇڪجندا ويا ۽ ويجهو پوندا ويا ڦاهيءَ طرف! هلندي هلندي سندن پير زمين ۾ لڪايل نوڙيءَ جي ڦندن ۾ ڦاسي پيا، پوءِ به سنگيت جي تان تي جهومندا ئي رهيا. آخر سُر ساز بند ٿيا. ڪن-رس جو نشو ٽٽو. پاڻ کي ڦاٿل ڄاڻي هرڻ سپ ڇٽپٽائڻ لڳا. ليڪن هاڻ ته ڦاسائڻ وارا پاڻ سان رسيون کڻي ٻاهر آيا ۽ هڪ هڪ کي رسيءَ سان ٻڌي گهليندا ويا. ٻن جي وڻن مان هوا جي هڪ تيز جهونڪي سان آواز آيو، ’هئا اڳيئي مُڪت، ڦاهيءَ ڦاٿا پاڻيهي!‘

٦. پاڻيءَ جي لهرن ۾ مڇليون لهرائي رهيون هيون. هيٺ مٿي چوچ مان ٽٻيون ڏيئي ڏاڍو آنند ماڻي رهيون هُيون. هڪ مڇليءَ سامهون هڪ ڏاڳي ۾ لٽڪندڙ چوڳو ڏسي

ڪيت ۾ پوک ڪبي جتان ڳاهہ ملندو ۽ ڪتيا لاءِ اَنُ وغيره بہ ملندو. انهيءَ فيصلي کي عمل ۾ آندو ويو. يوگيراج جا ڪم وڌي ويا. هيڏا شيوا جا ڪم ڪير سنڀالي! صبح شام شش ايندا هئا. شام جو ڀڄن ڪيرتن ڪانپوءِ سڀ هليا ويندا هئا. هاڻ ٻليءَ کي وقت سر کير ڏيڻ، ڳانءِ کي چارو ڏيڻ، کيت جي ديک ڀال ڪرڻ، يوگيراج تہ ڦاسجي ويو. شش سان سمورو احوال ڪيائين. آخر هڪ شش صلاح ڏني، ’سائين، هڪ عرض قبول ڪريو. ڳانوَ جي هڪ اهڙي ڪنيا سان جيڪر وواه ڪريو جيڪا سڀ ڪم سنڀاليندي، توهانجي شيوا پڻ ڪندي. توهان تہ پراُپڪاري آهيو. توهان لاءِ جهڙو برهمچريہ تهڙو گرهست! توهين تہ نرليپ آهيو. توهانکي ڪهڙو فرق پوندو!‘ يوگيراج شش جي ڳالهين ۾ ڦاسجي ويو. ڳانوَ جي هڪ ڪنيا سان وواهہ ٿيس. هاڻ تہ مهاڇار ۾ ڦاسجي ويو. ٽن چئن سالن ۾ ٻار ٻچا بہ اچي ويا. يوگيراج بڻجي پيو ڀوڳيراج. سالن بعد سندس هڪ گُر ڀائي آيو. هي عجيب پرپنچ ۽ اِن ۾ ڦاٿل گُر ڀائيءَ کي ڏسي مُکہ مان نڪري ويس، ’هُئو اڳيئي مُڪت، ڦاهيءَ ڦاٿو پاڻيهي!‘ هڪ لنگوٽ جي ڪارڻ هي سمورو پسارو ڪري وينو آهي. سندس جپ تپ، سنيم، يوگ ابياس سڀ ڇُٽجي ويا آهن. واه، مايا تنهنجا رنگ! سچ آهي تہ ’هي جيوُ آهي اڳيئي مُڪت، پر ٿوري لوڀ لالچ ۾ ڦاسجي هي سموري جيون برباد ڪري، ڦاهيءَ ۾ ڦاسجي، جڪڙجي وڃي ٿو ڏولاون ۾ پوي.‘

وارا ماڻهو وڏا وڏا رسا ڪٽي آيا. زنجيرن ۾ جهڪڙي هاٿيءَ کي قيدي بڻائي هليا. هن بزرگ هاٿيءَ جي منهن مان اِهي اکر نڪتا، ’هئو ته اڄ ئي مُڪت پر ڦاهيءَ ڦاٿو پاڻيهي!‘

٨. يوگيراج هڪ بن ۾ رهي ڪري تپسيا ڪندو هو. هڪ نديءَ ڪنڌي ڪنڌي ڪانن جي ڪٽيا ۾ رهندو هو. پاسي واري ڳوٺ مان اڪثر پريمي اچي ڪري يوگيراج کان آسيس وٺندا هئا. هڪ ڏينهن يوگيراج شش کي چيو، ’پائي هتي ڪوئا ڏاڍا گهڻا ٿي پيا آهن. منهنجا سڀ لانگوٽ ٽڪي ويا آهن، ڪوئي علاج ٻڌايو!‘ هڪ شش چيو، ’سائين هڪ ٻلي پالجي. ته هڪ به ڪوئو نه رهندو!‘ يوگيراج کي صلاح وڻي ۽ هڪ ٻليءَ جو بندوبست ڪيو ويو. هڪ شش روز جيڪو مهراجن لاءِ کير آڻيندو هو، اُن ٻليءَ لاءِ به کير آندو! هڪ ڏهاڙي برسات سبب ڪوبه شش اچي نه سگهيو ۽ کير به ڪونه آيو. ٻئي ڏهاڙي يوگيراج ناراضپو ڏيکاريو. هڪ شش مهراجن کي راضي ڪرڻ لاءِ چيو، ’سائين، آگيا ڪريو ته هڪ ڳانءِ ڪٽي رکجي، جئن ڪڏهن کير کان وانجهجي نه وڃجي.‘ صلاح مطابق ڳانءِ به اچي ويئي. شش اچي ڪري روز ڳانءِ ڏهڻ جي شيوا ڪندا هئا ۽ پڻ پاڻ سان ڳاهه ڪٽي ايندا هئا. اچانڪ هڪ ڏهاڙي طوفان ۽ بارش سبب ٢-٣ ڏهاڙا اچي نه سگهيا. ٻلي به ٻُکي رهي ته ڳانءِ به! مهراجن کي ڏاڍو ڏک ٿيو. ٻئي ڏهاڙي شش آيا! هن واردات کي ڌيان ۾ رکي فيصلو ڪيو ويو ته هڪ ننڍڙو کيت پاسي ۾ ڪٽي خريد ڪجي.

نيڪي ڪماءِ جڳت ۾!

پريو گهرندو حساب، نيڪي ڪماءِ جڳت ۾،
ڏيڻو پوندءِ جواب، نيڪي ڪماءِ جڳت ۾.

١. جهڪي ويندءِ نگاهون، صاحب جي دربار ۾،
جنهن ڏينهن کلندو ڪتاب، نيڪي ڪماءِ جڳت ۾.

٢. ٻيو ڪجهه ٻڌڄ يا نہ ٻڌڄ، سموري هِن حياتيءَ ۾،
پر انسان ٻڌڄ لاجواب، نيڪي ڪماءِ جڳت ۾.

٣. نفرت جي گندگيءَ سان ڀرجي ويو آهي جهان،
مَهڪاءِ گلاب پيار جا، نيڪي ڪماءِ جڳت ۾.

٤. ائين نہ هَلُ آڪڙ مان، ڪڻ قدم سوچي سمجهي،
ٻن ڏينهن جو آ شباب، نيڪي ڪماءِ جڳت ۾.

٥. خوابي محل آ دنيا، دل نہ لڳاءِ تون ان سان،
ٿيندي غائب هڪ ڏينهن، نيڪي ڪماءِ جڳت ۾.

ڏي ٽُٻي لهُ ٽول - اصلي عين اندر جا ڪول!

مهاراج اڏيراج وٽ ڀُورِوَجن جا اهڙا تہ ٻي بها خزانا هئا، جيڪي هر سال ڏياريءَ جي موقعي تي محلات جي سندر هال ۾ سجائي رکيا ويندا هئا، جئن شهر جي سڄي پرجا اِنهن خزانن جو درشن ڪري نهال ٿئي. پرجا بہ اِهي خزانا ڏسِي ڪري بيحد خوش ٿيندي هئِي ۽ راجا کي آسيسون ڪندي ويندي هئِي. گهڻن سالن کان اِهو سلسلو جاري رهيو هو. راجا جِي عمر چڙهِي چڪِي هئِي. هاڻ

اُن کي ئي انسان چئو!

جيڪو ٻين جو ڀلو ڪري، اُنکي ئي اِنسان چئو!
پرائو ڏُک پنهنجو سمجهي، اُنکي ئي اِنسان چئو!

١. آهي دنيا هڪ اُلجهن، ڪٿي ڏوکو ڪٿي ٺوڪر،
ڪوئِي جيئي ٿو موّجن ۾، آهي ڪٿي رڱو روڏن،
مشڪل ۾ نہ جو گهبرائي، اُنکي ئي اِنسان چئو!

٢. ڌن جا آهن انبار ڪٿي، ڪٿي مفلسي تڙفائي،
سک جا ساڌن آهن ڪٿي، ڪوئِي غم جا غوطا کائي،
سک دک ۾ جو رهي سمان، اُنکي ئي اِنسان چئو!

٣. انيڪ پرڪارن جي ڀوڄن سان پيٽ ڍڪي جو کائي ٿو،
پسن، پکين ۽ جانورن جيان عمر اَجائي وڃائي ٿو،
ڪري جو شيوا تن من ڌن سان، اُنکي ئي اِنسان چئو!

متان ڦاسين ڪنهن اُلجهن ۾!

مليو آ توکي منش جنم، ڪليو آ تنهنجو پورب ڪرم،
متان ڦاسين ڪنهن اُلجهن ۾، وقت نہ وڃاءِ بندا!

١. لکين هزارين جيئن ٿا، پر جيون آهي ڪنهنجو صحي،
نام پريوءَ جو ڳائي جيڪي دوار پريوءَ تي وڃن ڪهي.
ڳاءِ پريوءَ جو نام منا، دم دم پريوءَ کي ڌياءِ مِنا،
متان ڦاسين ڪنهن اُلجهن ۾، وقت نہ وڃاءِ بندا!

٢. چئن ڏينهن جو آهي ميل، ننڍڙو آهي جڳہ جو کيل،
آهي جهُوٺي جڳہ جي پريت، ايشور آهي سڀ جو ميت،
وڃي شرڻ وٺ پريوءَ جي، توڙي سڀ مايا جا ڦندا،
متان ڦاسين ڪنهن اُلجهن ۾، وقت نہ وڃاءِ بندا!

بلڪل صاف آهن باقي هڪ ۾ هلڪو داغ آهي، اِن ڪري هن هيري جو ملھ نوانوي لک آهي.‘

راجا هن پارکوءَ جي هن نموني جاچ ڪرڻ ۽ آزمودي تي بيحد خوش ٿيو. دل ۾ چيائين تہ هن کي انعام بہ اهڙو ئِي ملڻ گھرجي. وزير سان صلاح ڪيائين. وزير ويچار ۾ پئجي ويو. هٿ جوڙي عرض ڪيائين، ’جهان پناھ! گستاخي معاف ٿئي تہ هن جي انعام لاءِ ڪجھ چوان.‘ راجا چيو تہ ’بي ڌڙڪ چئُہ‘. وزير چيو، ’سائين، هيءُ پارکو سؤ سالن جي عمر جو آهي. عمر تہ سڄي هن پٿرن جي پرک ۾ گذاري آهي ۽ اجا پٿر پيو ٿو پرکي. اِن ڪري هن کي سؤ جوتا هڻڻ گھرجن.‘ راجا کي اِهو ٻڌي ڏاڍو ڏک ٿيو. وزير کي تنبيھ ڪيندي چيائين، ’سمجھين ٿو، ڇا پيو چوين؟ ڪجھ هوش ڌاري چئُہ.‘ وزير وراڻيو، ’سائين، پرماتما هن کي هيڏي وشال ٻُڌي ڏني آهي، جيڪا هن سارو جيون پٿرن جي پرک ۾ وڃائي ڇڏي. اِها ٻُڌي جي آتما جي پرک ۾ لڳائي ها تہ پرماتما کي پائي جيون سڦل ڪري ها!‘

چريا سي چئجن، جي پاڻ نہ سڃاڻن

پرماتما منش جيون ۾ جيڪا ٻڌي ڏني آهي، اُها حقيقت ۾ ايشور جو انش آهي. اِن ٻُڌيءَ دواران منش ايياس ڪندي مهان ۽ پوڄڻ يوڳيہ بڻجي ٿو، بلڪ خود پرماتما کي لوڇي لهي ٿو. پر اڪثر منش جي ٻڌي غلط پاسي، وشين وڪارن، يوڳہ پدارٿ جي ماڻڻ ۾ ئِي خرچ ٿئي ٿِي. جنهن ڪري بار بار هر جنم ۾ قسمت جا ڌڪا کائِي، سنسار جون ملامتون کڻِي، دکِي ٿِي پرلوڪ پڌارجي

راجا جي من ۾ ويچار آيو تہ انهن خزانن جو جب
ملهہ ڪٿايو وڃي. وزير سان صلاح ڪري شهر مان هوش
جواهري ڪوٺايا ويا. هنن جواهرين کي موتي، ماڻڪ،
پرکڻ جو ڪافي انڀو هو. ڪيترن ئي ڏينهن جي ج
۽ پرک بعد آخر جواهرين يڪراءِ فيصلو ڪري سيني خزان
جو ملهہ ڪٿي ٻڌايو. پر هڪ وڏو هيرو جنهن جو مل
ڪير نہ پيو ڪٿي سگهي. جواهرين ۽ پارکن لاچاري ڏيکاريند
چيو تہ ’هن هيري جو ملهہ ڪٿڻ اسانجي وس کان ٻاه
آهي.‘ جواهرين ڏس ڏنو تہ، ’شهر ۾ هڪ سؤ سالن ج
جهوڙ ٻڍو جواهري رهندو آهي، اُهو هن هيري جو ملهہ
ٻڌائي سگهندو.‘ راجا جي حڪم پٽاندڙ بندوبست ڪري
هن جهوڙ ٻُڍي پارکوءَ کي ڏوليءَ ۾ کڻائي محلات ۾
آيا. راجا هن جو گهڻو آءُ ڀاءُ ڪيو ۽ هيري جي حقيقت
کان واقف ڪيو. هيرو ڏسي ڪري ٻڍي پارکوءَ چيو تہ
’هن جي پرک آهي تہ ڏاڍي ڏکي، پر گهربل شين ملڻ
تي ڪري سگهبي.‘ راجا کيس خاطري ڏني تہ جيڪا بہ
شيءِ گهربل هوندي اُها حاضر ڪري ڏبي.‘ اِن تي ٻڍي
پارکوءَ چيو تہ ’هڪ سؤ چانديءَ جون ننڍيون پياليون، اُنهن
۾ بلڪل صاف پاڻي ۽ هڪ شمعدان حاضر ڪيو وڃي.‘
اِن حڪم جي ترت تعميل ڪئي ويئي. پارکوءَ سؤ پياليون
پاڻيءَ سان ڀري گول آڪار ۾ رکيون. اُن جي وچ ۾ ٿوري
اوچائيءَ تي هيرو رکيو ويو. مٿانئس شمعدان ٻاري جهليو
ويو تہ هيري جي هڪ هڪ پاسي جو عڪس پياليءَ جي
پاڻيءَ ۾ ٿي پيو. پارکوءَ راجا کي چيو تہ هاڻ هڪ پاسي
جو عڪس جاچيو. هن هيري کي ڪل سؤ پاسا آهن. نوانوي

هڻڻ گهرجي. پوءِ بہ ملھ ڪَيَڻ رکو پنج رپيا! پرڪ هوندي بہ تو منهنجو ملھ گھٽايو تہ ثابت ڪيئن رهان؟'

ان طرح اج منش اديوت شڪتين جو مالڪ هوندي بہ ڪنگالن جيان در در جون نوڪرون پيو ڪائي. مانوتا جو ملھ ڪير نٿو ڄاڻي! مورڪ ۽ ديوانن جيان، املھ منش چولو ٻڪريءَ جي ڳلي ۾ پٿر وانگر لٽڪائي حقيقي ملھ گھٽائي ڇڏيو آهي.

پٿر ٻڻجي رهڻ وات جو، تَجِہ من جو ايمان -
اهڙو ڪوئي داس هجي، جنهنکي ملي ڀڳوان!
پٿر نہ اهڙو ٻڻج، جو وانهڙن کي ڏُکائي،
اهڙو ڪوئي داس هجي، پاڻ کي مٽي ٻڻائي!
مٽي نہ اهڙي ٻڻج، جو انگ سيني جا ميڙا ڪري،
اهڙو ڪوئي داس هجي، پاڻکي جل ۾ وهائي!
جل پيي اهڙو نہ ٻڻج، گرم ڪڏهن ٿئي ٿڌو،
اهڙو ڪوئي داس هجي، جو پاڻ ٻڻي سائين سچو!

مانوتا جو ملھ ٿِي رهيو آهي پٿرن جي پرڪ! سارو جيون منش جو ائين ٿِي گذري رهيو آهي. مهاپرش ديا ڪن ٿا، قياس ڪن ٿا، راهہ ڏيکارين ٿا، پوءِ بہ اکين مان رت جا ڳوڙها ٿا ڳاڙهين تہ اج جي منش پنهنجو مُلھ پٿرن جي برابر ڪيو آهي؟ ڇو وساريو آهي منش خود پنهنجو مُلھ!!

هَرُ هلائيندي ڪيمي کي کيتيءَ مان هڪ گهڙو مليو، جيڪو ڳاڙهن چمڪدار پٿرن سان ڀرپور هو. گهڙو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. دل ۾ چوڻ لڳو، 'هاڻ روز روز هيڏو پنڌ ڪري نديءَ جي ڪناري تان پٿرن چونڊڻ لاءِ ڪونہ

تو.

هڪ ڀيو اهڙو جواهري گهوڙي تي سوار ٿي جهنگ
۾ سير ڪري رهيو هو. سامهون هڪ ٻڪرار ٻڪريون پئي
وني ويو. اچانڪ جواهريءَ جي نظر وڃي هڪ ٻڪريءَ
جي ڳچيءَ ۾ ٻڌل پٿر تي پيئي. اوريان اچي ڪري
جاچي ڏنائين ته پٿر ڪافي ملهائتو هو. ٻڪرار کي سڏ
ڪري چيائين، ’ڀائي هي پٿر ٻڪريءَ جي ڳچيءَ ۾ پاتو
اٿيئي، سو مونکي ڏيندين؟‘ ٻڪرار پڇيو، ’سائين، هن
خسيس پٿر ۾ ڇا ڏٺو اٿوَ؟‘ تنهن تي جواهريءَ چيس،
’ڀائي، اهو منهنجي ڪم جو آهي، ڏيندين ته پئسا ڏيندوسانءِ.‘
ٻڪرار خوش ٿي چيو، ’ڀائي، هي ته مون جهنگل مان
لڌو هو، ڀلا گهڻو ڏيندين؟‘ جواهري هن کي پنج رپيا
ڏيئي پٿر ٻڪر جي ڳلي مان لاراهي هلندو رهيو. پٿر
ڪٽي خوش پيو ٿئي ته هزارن جو هي پٿر مورکه ٻڪرار
ڪٽي ٻڪريءَ جي ڳلي ۾ ٻڌو. مورکن کي کهڙي پرکه!
هو ته پنجن روپين ۾ خوش ٿي ويو. گهر ۾ اچي سهڻو
ڪبٽ ٺاهي، پٿر سنڀالي رکيائين. هر روز اِن جو درشن
ڪري خوش پيو ٿيندو هو. اچانڪ هڪ ڏهاري ڇتائي
ڏسي ته پٿر جو ڇڙُ لٿو پيو آهي، ڏاڍو ڏُکُه ٿيس. هاڻ
ته هن جو اُهو ملهه نه رهيو. ڏکه مان پٿر کان پڇيائين،
’پيارا، ٻڪريءَ جي ڳلي ۾ ثابت سمپورن هئين، هتي
ته شاندار شو ڪيس ۾ رکيو اٿمانءِ، پوءِ به پاڻيهي پنهنجو
ملهه ڇو گهٽايئه.‘ پٿر مان آواز آيو، ’پيارا، هو ته ٻڪرار
مورک هو جنهنکي ملهه جي ڄاڻ ڪانه هئي، پر تون
ته پارکو آهين. توکي ڄاڻ هئي ته منهنجو ملهه ڪيترو

مهاپرشن چيو آهي،

ويئي سا ويئي، باقي رک رهت سان،
مرم مهاپرشن جو پَسُ اندر ۾ پيهي،
هيءَ مانش ديهي موتي ملنديءِ ڪينڪي!

هرهڪ منش جنم آهي هڪ املهه موقعو اُنتي ڪرڻ جو! اڳلن جنمن جا سنسڪار سڌارڻ جو! ليڪن اڄ اڳيان جي اونده ۾ ساري مانوَ جاتي هٺوراريون هٽي رهي آهي. هٺ اڃي به ڪجهه ڪونه ٿو پر ته به مورکتا وس پنهنجو جيون خود هٿن سان برباد ڪري رهيو آهي.

ڪنهن سڄڻ چيو، 'اڄ گهر ويٺي سنتن جو درشن ٿو ٿئي ۽ سنتن جا پروچن ٻڌجن ٿا. ٽي. وي. هڪ سنو ذريعو آهي.' ليڪن سوال آهي ته اِن سان سڌارو ڪهڙو آيو آهي. گهرن مان تڪرار، جهيڙا، جهڳڙا، وير وروڌ، گهپيون، ڪٽ ڪٽيون گهٽيون ته ڪين آهن، پر ڏينهون ڏينهن اِهي سڀ وڪار وڌنداڻي رهن ٿا. حقيقت ۾ اِهي سڀ هاڻ منورنجن ۽ وندر جا ساڌن بڻجي پيا آهن. لوڀ لالچ ڪندي ڪوڙ ڪپٽ جو واڌارو ٿي رهيو آهي. اِهو ائين آهي جئن اُبتي گهڙي تي پاڻي! سنتن مهاتمائن جي وچنن جي هڪ بوند به دل ۾ نٿي داخل ٿئي!

سيڪو ڪري بات - تات نه ڪنهن جي تن ۾،
ٻڌيون ٻڌايون ڳالهيون، واڪاڻين وات،
پڌري ٿيندن ذات، رهڻيءَ رخ رواج مان!

منش جا آچرڻ، سندس رهڻي، رخ ۽ وهنوار مان ئي پرکي سگهجن ٿا!

وڃڻو پوندو. چڱائي ڏهاڙا اِهي پٿر ڳُليليءَ ۾ وجهي پکير
اُڏائڻ لاءِ جهاز ڪرڻ جي ڪم ايندا. اهڙيءَ طرح هررو
صبح ساڻ هڪ به پٿر ڳُليليءَ ۾ وجهي جهاز ڪرڻ لڳو
ائين ڪندي ڪيس ڏاڍي خوشي به ٿيندي هئي. بس گهڙو
به اچي خالي ٿيڻ تي بيٺو. اچانڪ هڪ ياتري اِن ڪيت
مان لانگهائو ٿيو. هي ياتري پٿرن جو پارکو هو. ڪيمي
جي هٿ ۾ ڳُليلي ۾ ڪم ايندڙ پٿر ڏسي وائڙو ٿي
ويو. هٿ کان روڪي چيائينس، ’ابا، هي پٿر ته ڏيکار!‘
هٿ ۾ ڪٽي ڏسي ڪري پڇيائينس ته، ’اهڙا پٿر ٻيا
به اٿيئي ڇا؟‘ جواب ۾ ڪيمي چيو، ’بس باقي به ٽي
پٿر ئي بچيا آهن. هئو ته گهڙو سڄو ڀريل، پر هرروز
پٿر ڳُليليءَ ۾ وجهي جهاز ڪندو آهيان.‘ ياتريءَ افسوس
ڪندي چيو، ’بچا، اڻڄاڻائيءَ کان املهه خزانو تو اُڏائي
ڇڏيو ۽ وئرت ڪيو. هاڻ پٿر ڪٽي بزار مان ڪٽائي اچ
ته توکي خبر پوي.‘ ڪيمو پٿر ڪٽي هڪ جواهريءَ جي
دڪان تي آيو. جواهري هي املوڪ پٿر ڏسي سوچيو، ’هن
ڪيتي واري کي ملهه جي ڪهڙي خبر؟ سو چيائينس پنج
سؤ روپيا.‘ ڪيمو عجب مان چوڻ لڳو، ’ڇا پنج سؤ روپيا؟‘
جواهريءَ سمجهيو شايد گهٽ لڳا اٿس. انڪري وري چيائينس،
’چڱو، هزار وٺ! ڪيمو جڏهن عجب کائيندو رهيو تڏهن جواهري
اگهه وڌائيندو ويو. ڪيمي جي اکين مان ڳوڙها ڳڙهڻ لڳا.
پاڻ کي ئي چوڻ لڳو، ’مون جهڙو مورکه شايد ڪو سنسار
۾ هجي، جنهن ههڙو املوڪ خزانو هٿن سان ويهي اُڏايو
آهي. خير! وري به شڪر جو اِهي به ٽي پٿر اچا هٿ
۾ آهن جن مان باقي جيون سکه چئن سان گذاريندس.

ھجڙن مھاپرشن جا اُپديش وساري ڇڏيا وھن ۽ انيڪ دڪن، پيڙائن ۽ مصيبتن، مشڪلاتن کي دعوت ڏيئي ڇڏين.

ڀارت يوڳي اَدويت ۽ آتم گيان، رشين ۽ منين جي ڀومي آھي. ھن ڀوميءَ تي آد ڪان، دتاتريہ، وامديو، جڙ ڀرت، ودر، شنڪر آچاريہ، چيتن ديو، گرونانڪ، سوامي رام تيرٿ، سوامي وويڪانند، سري گرو گوبند سنگھ وغيره جھڙا مھاگياني پئدا ٿيا، جن ھرھڪ ۾ ھڪ ئي نور جو سنديش ساري سنسار کي ڏنو. ليڪن افسوس اڄ جيڏانھن نھار تہ الڳ الڳ فرقا، منڊليون، پنٿ، مذھب ۽ پرچارڪ برپا ٿيا آھن جن ڀاڳ مانوجاتيءَ جو ورھاڱو ڪري ڇڏيو آھي. ڪي ويدن جي وروڌ ۾ پرچار پيا ڪن، ڪي ڌارمڪ ريتين رواجن کي پيا نندين، ڪي گرھست آشرم جي برخلاف پيا ڳالھائين، ڪيتري نہ دردناڪ ۽ افسوس ڀري حالت بڻي آھي اڄوڪي ڀارت جي!! ھرروز ڪو نہ ڪو نئون پنٿ، سنسٿا نڪريو نروار ٿئي! پوءِ بہ گھر ڪٽنبن ۽ سماج ۾ ڪيڏي نہ آشانتي، ناسازي، نفاق، اٿبٽ، تڪرار، ونجوڳ ۽ ڦوٽ!! وري فرقن ۽ پنٿن ۾ ايڏي چٽاڀيٽي جو ھرڪو چاھي تہ سندس وٽ گھڻا شش ھجن! نہ فقط ايترو پر ھڪ سنسٿا ٻي سنسٿا تي نالي، زمين ۽ گديءَ خاطر ڪورٽن ۾ مقدما ڀيئي داخل ڪري! گرو شش بہ ھڪ ٻئي ۾ پيا لڙن ۽ الڳ سنسٿائون پيا برپا ڪن!

ھڪ نوجوان گھر کان رُسي نڪتو. اڄي ھڪ وڻ ھينان دابو ڪيائين. ھڪ سنياسي گڏجي ويس جنھن جي سنگ ۾ رھي ٿورو گھڻو اُپديش ڏيڻ، ٿورو ھارمونيم ۽ ٿورا منتر سکيو ۽ ڀاڳ کي ويدانت آچاريہ سڏائڻ لڳو. ٻن ٽن

گور پورنيما جي مهما

سرشٽيءَ جي آرنڀ ۾ منش جاتيءَ جو هڪڙوئي ڌرم هو جنهن کي سناتن ڌرم ڪري ٿو چئجي. ڌرم جو ارٿ ئي آهي ميل ميلاپ، پريم پريو ورتاءُ. ڇو ته ساري مانو جاتي هڪ پرماتما مان ئي پئدا ٿي آهي. جڳ گُذرندي منش مايا جال جڙواد ۾ اٽڪي ڪري مانوتا ۽ اڌياتم مارگ کي ڀُلائي وينو.

منش کي صحيح مارگ ڏيکارڻ لاءِ، وڪارن جي ڏُبڻ مان ڪڍڻ لاءِ، پرماتما گرو روپ ۾ مهاپرش کي وقت به وقت پرٿويءَ تي موڪليندو رهيو آهي.

گرو ڪنهنکي چئجي؟ جنهن دواران من ايشور ڏانهن لاڙو رکي. اٽل شرڌا ۽ ايياس سان گروءَ دواران ايشور جو به درشن ٿي سگهندو آهي. گرو جڏهن شش جي ساڌنا تي پرسن ٿيندو آهي تڏهن هن کي گيان جو تت سار بخشي ڏيندو آهي. اِن لاءِ گرو اهڙي يوگيه شش تي نظر رکندو ايندو آهي. ساڌنا ۾ واهر ڪندو آهي ۽ اڌڪاري بڻجڻ تي مها تتو گيان جو اُپديش ملندو آهي.

هن ڪلجڳ جي سمي ۾ ئي اهڙا اوچ ڪوٽيءَ جا مهاپرش ٿيا آهن، جيڪي وِشو وکيات ٿيا ۽ هنن سڄي سنسار جي مانوَ جاتيءَ کي هڪ جهڙو اُپديش ڏنو. جڳت گرو شنڪرآچاريه، جڳت گرو نانڪ ديو، جڳت گرو وويڪانند وغيره، جڳ پرسڌ مهاپرش ٿيا آهن، جن هڪ ئي آلاپ ۾ مانوَ جاتيءَ کي مانوتا، ڀائيچاري ۽ پريم ۾ رهڻ جو اُپديش ڏنو. اِهو سنسار جو درياهه آهي جو وقت پوندي

شوق ۾ ڪونہ ڦاسندا آهن. نڪو ئِي هنن کي مان مشهوريِ يا پاڻ پوڄائڻ جِي لالسا هوندي آهي. گلا ساراهہ کان مٿي، مان اپمان کان نيارا، يش اَپيَش کان گهڻو دور هوندا آهن اهڙا پرم گرو! هوُ ڪنهن سان بہ دويش نہ ڪندا، ڪنهنجِي پاسخاطري يا وروڌ نہ ڪندا. هو هميشہ ستيہ جِي راهہ تي هلندڙ، پرماتما جي پرڪرتيءَ جي نيمن جو ايمانداريءَ سان پالن ڪرڻ جو اُپديش ڏيندا. اُنهن ۾ ڪروڌ، دويش، ايرکا يا پدويءَ جِي لالچ يا گهٽِي ادمبر جو اونو، ليش ماتر بہ نہ هوندو آهي. هو ششن کي بہ چوندا آهن، 'انيؤ جو هڪ ماسو بہ ڪافِي آهي، پر پنڊتائيءَ جا مڻ بہ ويرٿ.'

گرپورنيما جي اهميت اِها آهي تہ هن ڏينهن تي شش گروءَ جي چرنن ۾ ويهِي اڄ تائين صبر ۽ اپياس سان جيڪا پنهنجي اندر ۾ روحانِي شڪتِي ڪٺِي ڪئِي آتس اُنجو سِمرڻ ڪري ۽ وڌيڪ تيورَ ساڌنا جو سنڪلپ ڪري گروءَ جِي آسيس حاصل ڪري، جئن اندر ۾ روحانِي لهرون نئين سري سان پيدا ٿين.

سچن گرن جي سکيا آهي، 'هرهڪ ۾ پنهنجِي آتما جو درشن ڪريو. هرهڪ کي پيار ڏيو. بنا ڀيد ڀاوَ جي دکين دريدرن، بيمارن ۽ بکايلن جِي شيوا ڪريو. هرهڪ ۾ پرماتما جو ديدار پائي پرماتما جِي آسيس ڪٺو. پنهنجو وهنوار صاف رکو. سچ ايمان جِي روٽِي کائو. دوکو دنپ نہ ڪريو. اجايو ڏيکہ نہ ڪريو. ائين ڪرڻ سان توهانجو انهڪرڻ شُڌ ٿيندو ۽ اندر ۾ ئِي اُن جِي جهلڪ پائي سگهندا.'

سالن ۾ ڇڳيءَ شش جي لانڊ ٽيس. هڪ ٻه چونپڙي پچنن جي ڇپائي ظاهر ڪيائين. هاڻ ته هڪ وڏو آشرم، آشرم ۾ دنيوي پدارٿ، موٽر ڪار وغيره اٿس. ماٺهو موٽر جي ڦيٽن جي مٽي ڪٽي پيا مستڪ تي لڳائين. اڄ اسان جي ڀارت ۾ اهڙا مت جا موڙها، انڌوشواسي ملندا جي اهڙن بيکه ڏارين جي پرچارن تي ڀنيلڇي سندن پوئلڳه ٿيندا.

يُڌ جي مئدان ۾ ارجن کي موهه ويڙهي ويو. مهنن کان يُڌ لاءِ تياريون ٿيون هيون. انيڪ اتياچار پانڊون سنا هئا. دريوڌن قدم قدم تي پانڊون جو اپمان ڪيو هو، بلڪ ستي دروپديءَ جو پريءَ سڀا ۾ به اپمان ٿيو هو. اِن سموري کيل آڌرمي ڪارين جي وِرُڌ ئي ڀڳوان ڪرشن چيو ته، ’هاڻ حد ٿي چُڪي، آڌرمين جو ناس ڪرڻ ضروري آهي‘، ۽ يُڌ جون تياريون ٿيون هيون. اينري هوندي به ارجن مايوس ٿي منجهي پيو ته ڇا ڪريان؟ اِن مونجهاري مان نڪرڻ لاءِ، ننڍي هوندي جي متر، پنهنجي سالي ۽ سنبنڌي شري ڪرشن کي عرض ڪيائين ته، ’هاڻ مان منجهي پيو آهيان. سمجهه ۾ نٿو اچي ته مان هنن بزرگن ۽ پنهنجن ڀائرن سان ڪيئن لڙنڊس! اِنڪري هاڻ تون منهنجو گرو بڻجي مونکي راه ڏيکار ته مونکي ڇا ڪرڻ گهرجي؟‘ ڀتکيل ۽ منجهيل اوسٿا مان نڪرڻ لاءِ ئي گروءَ جي ضرورت ٿيندي آهي. هن موه مايا مان ڪڍڻ لاءِ، وڪارن جي واديءَ مان باهر ڪڍڻ لاءِ، وشين جي وهڪري مان بچائڻ لاءِ گروءَ جي ضرورت ٿيندي آهي. اهڙا سچا گرو ڏن، سمپتيءَ جي لوڀ ۾ آشرم مندر وڏائن جي

ونڻ چاهي. وئساکيءَ جو ميلو آنندپور ۾ رٿيو ويو هو. جنهن ۾ اُن وقت اٽڪل اَسي هزار شش اچِي شامل ٿيا هئا. گرو صاحب تخت تي اچِي هٿ ۾ تلوار جهلي وڏي واڪي چوڻ لڳا، ’جنهنکي مون ۾ شرڌا هجي اُهو اڳيان اچي، مونکي هن جو سِرُ گهرجي.‘ گهڻا شش ڀڄِي ڪري شاميانِي مان ٻاهر نڪري ويا. گهڻي دير بعد هڪ شش ساهس ڌاري اڳيان آيو. هيترن سارن ششن مان فقط پنج شش گروءَ جي آزمائش ۾ سڦل ٿيا. جيتوڻيڪ گرو صاحبن تنبوءَ اندر پنجن ٻڪرن جا سر لاٿا هئا ۽ فقط هي پنج شش گروءَ جا پيارا بڻيا. گرو ششن کي ڪيترن نمونن ۾ آزمائش جي ڪوشش ڪندو آهي. پر ڪي اوشواسي شش گروءَ کي برابر نہ سمجهي گروءَ کي ڇڏي بہ ويندا آهن. اڌياتم مارگ ۾ جن کي اُنتي ڪرڻي هوندي آهي، جيڪي جنم مرڻ جي چڪر ۽ دکن ڪشٽن کان نجات پائڻ چاهيندا آهن، اُهي گروءَ جي سکيا، هرهڪ هدايت کي وشواس ۽ نشٺا سان عمل ۾ آڻي ڪمائِي ڪندا آهن. اِها ڪمائِي ٻُجهِي ڪرڻِي آهي. جئن پتورت استري پتيءَ جو پريم ٻجهو رکندي آهي. باقي ڏيهہ کي ڏيکارڻ وارن جي ڪمائِي اُتيئِي خرچ ٿي وجي ٿي نالي، ناموس ۽ پاڻ پوڄائڻ ۾ ! اڳتي هنن کي ڪجهہ بہ پراپت ڪونہ ٿو ٿئي.

اڄ سوَلو ساڌن ٿي پيو آهي مان مشهوريءَ جو ويڊيو، آڊيو، ٽي.وي ۽ اِشتهاربازي. سچ جا طالب پاڻ لڪائين پيا، باقي گهڻا تہ اِن ساڌن ۾ ڦاسجِي ويا آهن. ائين برابر آهي تہ ڪلجگ ۾ اِهي ساڌن بہ سنا، پر ڏسڻو آهي اِنهن جو اثر ڪيترو آهي! ٽي.وِي تي جن مهاتمائن

صِدقي ۽ سُشيل شش واسطي هي ڏينهن گرو پوڄا
بيحد خوشي ڏيندڙ ۽ آننداڪ آهي. ڇو تہ گرو شش
کي نئون جنم ڏئي ٿو ۽ گيان مارگہ ۾ لڳائي ٿو. اوچي
منزل واري شش جو هردو هميشه پريو پريم ۾ ٻُڏل رهند
آهي. انڪري گروءَ ۾ اينرو تہ اٽل نشچو، وشواس ۽ پيار
آهي جو اهڙو شش ڄڻ تہ ايشور جو ساڪيات درشن ڪري
رهيو آهي.

گروءَ جو اڌڪاري شش مٿان اينرو ڌيان رهي ٿو جو
شش جي آڌياتم مارگ ۾ ايندڙ رنڊڪن کي هٽائڻ جي
واهر ڪري ٿو. شش کي اڪثر جيڪي رنڊڪون ايندي
آهن اُهي آهن (١) پدارٿن سان موه (٢) اوشواس (٣) تمو
ٻُڌيءَ سبب خراب سنسڪار ۽ عادتون (۴) سُکہ سمپتيءَ جو
ايمان. گرو انهن سان مقابلو ڪرڻ لاءِ (١) شم، دم، اُپرتي،
تِتِڪشا، چِت شُڌي ۽ آتم سنجم دواران ڪامنائن جو ناس
ڪرائيندا آهن، (٢) سنساري پدارٿن مان موهہ ڪڍڻ لاءِ
هر حالت ۾ صبر سهنشيلتا سان گذارو ڪرڻ جو اُپديش
ڏيندا آهن، (٣) هر هر سمرڻ ڪرڻ سان گرهڻ شڪتيءَ
جي ڪمزوري هٽي ويندي آهي، (۴) پروچن ۽ اُپديش ٻڌڻ
سان اُنهن جو نرنتر منن ڪندي اَوشواس ۽ اَشرڌا دور
ٿيندي، (۵) گروءَ جي سکيا تي عمل ڪرڻ، اُنهن جي
آگيا پالن سان آپو، اهنڪار دور ٿيندو آهي. جيتوڻيڪ اهڙي
سڄاڳي هڪ جنم جي پرشارٿ سان ملڻ ڪٺن آهي. اهڙي
سوڪيم ۽ سريشٽ ٻُڌي ڪيترن ئي جنمن ڪانپوءِ ملي ٿي.

سچو گرو وقت اچڻ تي شش جي آزمائش وٺندو آهي.
سري گرو گوبند سنگهہ هڪ ڀيرو سِيني سکن جي آزمائش

دواپر سمي - اوتار وٺي آئين پيارا!

جڏهن جڏهن ٿئي ڌرم جي هاڃي
پاپ سان ڌرتي ڀارت ٿئي
ڪشٽ اچي سادن تي ڀاري،
پاپ جو بوجهه هٽائڻ لاءِ
سادن جي رکشا ڪرڻ لاءِ
ڌرم مريادا قائم رکڻ لاءِ
ڌري منش جو اوتار
پڌارجان هن پرٿويءَ تي!

مٿيان وچن گيتا ۾ ڀڳوان جي مُک مان نڪتل آهن. هي سڄو جڳت اُن پرماتما جي ئي ملڪيت آهي. ساري مانوَ جاتي سندس جڳت جا نوڪر آهن. هرهڪ کي پنهنجي ڪيل ڪرم انوسار ئي سوغات يا سزا ملي ٿي. هرهڪ جُڳ جي انت ۾ جڏهن پرٿويءَ تي پاپ جو بوجهه وڌندو آهي تڏهن ضرورت انوسار پريو پاڻ ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ اچي پاپين کي ناس ڪري سادن ۽ سريشٽ منشن جي رکشا ڪندو آهي.

تريتا يُگ ۾ جڏهن راوڻ ۽ سندس راڪشس ساٿين، سنتن مهاتمائن تي ظلم ڪيا، تڏهن ڀڳوان رام جو اوتار ڌارڻ ڪري پرٿويءَ تي پڌاريو.

دواپر يُگ ۾ ڪنس جو خاتمو ڪرڻ لاءِ ڀڳوان سري ڪرشن جي اوتار ۾ آيو. پاندون ۽ ڪورون جي وچ ۾ تيندڙ اڌرم کي ختم ڪرڻ لاءِ، ڌرم يُڌ ڪرائي پرٿويءَ کي بوجهه کان هلڪو ڪيائين. ساوڻ مهني جي اونداهي پکش جي اشٽمي اڌ رات جو جيل ۾ ڀڳوان ديوڪيءَ جي گرڀ

جا پروچن سنسنگ ششن دواران پئسا خرچ ڪري ڏيڪا
۾ اچن ٿا، اُن جو اثر ڪهڙو ۽ ڪيترو ٿيو آهي؟
گهرن مان تڪرار، جهيڙا، جهڳڙا، ڪٽ پٽ وارو وايومنڊ
اٿٻٽ، گهٻي، ڪلڪل ۽ ڦوٽ گهٽيا آهن؟ ڏينهون ڏينه
نام وارا گروءَ جا شش سڏائڻ وارا وڌيڪ پرپنچ ۾ ڦاسي
وير وروڌ، ڀيد ڀاوَ ۾ اٽڪي پيا آهن! هڪ ٻئي جو
ڌراوتون پيا ڪائين! سمپتين لاءِ ڪوڙا ڪيس ڪورٽن ۾
پيا ڪن! اِهو آهي اڄڪلهه جي ششن جو وهنوار!

پوءِ به اهڙا هستيءَ وارا لڪل مهاپرش ڪمائيءَ وارا
شڪتين جا مالڪ اڄ به آهن جن کي عام ماڻهو سڃاڻي
نه سگهيا آهن. اهڙي اوچ هستيءَ رمن مهرشيءَ کي پارتواسين
ڳچ سمو ڪونه سڃاتو. هڪ وديشيءَ پال برنٽن پارت ۾
اچي ڪيس ڳولهي لڌو. اهڙا مهاپرش ڳجهه ڳوهه ۾ سڄي
وشو جي پراڻين لاءِ ڏينهن رات وينا پرارٿنا ڪن. 'سَرَوي
ڀَونتوُ سُکِنَهَ - سَروي سَنِتوُ نِرامَيا - سَروي ڀَدِراڻِي پَشِينتو - ما
ڪَشِچِتِ دُکه ڀاڳِ ڀوَيت.' شال سڀ پراڻي سُکِي رهن!
شال سڀ پراڻي نروڳ رهن! شال سيني کي سنيه جي
پراپتي ٿئي! شال سيني جو جيون خوشحال بڻجي ۽ ڪنهنکي
جيون ۾ ڪشٽ نه ملي.

ڏندي شرط ٻوڙندو جيل ۾ آيو. ڇاڪاڻ تہ جنھن ديوڪيءَ
جي انين ٻالڪ مان ڪير موت جو خطرو ھو، اھو ھاڻ
ڄڙي ويندو. اِھو سوچي جيل ۾ آيو ۽ ھميشہ وانگر ٻالڪيءَ
جي ڪٽي جئن پٿر سان پڇاڙي مارڻ جي ڪوشش ڪيائين
تہ اِھا ٻالڪي ھٿن مان ڇڏائجي ويس. آڪاش مارگ مان
ويندي ٻالڪيءَ جي روپ ۾ يوگہ مايا ڪيس ٻڌايو تہ،
'تنھنجي مارڻ واري جو گوڪل ۾ جنم ٿي چڪو آھي.'
اھڙيءَ طرح ترلوڪيناٿ، ڀڳوان سري ڪرشن جو منش جي
روپ ۾ آلوڪڪ جنم ٿيو. جنھن جي ھيءَ سرشٽي آھي،
اُن کي چڱيءَ طرح ڄاڻ آھي تہ اِن کي ڪئن ھلائجي.
سنسار ۾ ئي ڏسندا تہ ھڪ ڪارخانيدار، پنھنجي ڪارخاني
جي ڪم ۽ ڪرمچارين تي ڪڙي نظر رکندو آھي. وقت
اچڻ تي ڪرمچارين کان ڪارخاني جا نيم ڪڙائيءَ سان
پالن ڪرائيندو آھي. دوشي ڪرمچارين کي ڪڏي ڦٽو ڪندو
آھي. اِن طرح ھن سرشٽيءَ جو مالڪ بہ ھر طرح وينو
نظرثاني ڪري. وقت اچڻ تي ھرھڪ کي پنھنجي ڪيل
ڪرم انوسار وٺائس سوغات يا سزا پراپت ٿئي ٿي.
ڀڳوان پاڻ چاھي سيني شڪتين جو مالڪ آھي، پر
تڏھن بہ جڏھن منش جي چولي ۾ اوتار وٺندو آھي
تہ منش جي مريادائن جو پالن ڪندو آھي. سري ڪرشن
جو ٻالڪپڻ نت ڪت، کيل ڪلولن ۾ گذريو. ان ھوندي
بہ پنھنجي اوتار وٺڻ جي ڪارڻ جو بہ پالن ڪندو رھيو.
ٻال اوسٿا ۾ ئي پوتنا راڪشسياڻيءَ جو انت آڻڻ، وتساسر،
ڏيٽڪاسر، پرلمب وغيره راڪشسن کي مارڻ، ڪالي نانگ
کي سيڪت ڏيئي جمنا مان ٻاھر ڪڍڻ، ڇيچ تي گووڙڌن

مان پرگهٽ ٿيو. ڀڳوان اول چترڀڄي روپ ۾ پيتام
پهريل، چئن ڀڄائن ۾ شنک، چڪر، گدا ۽ پدم ڌار
ڪمل سمان سندر نيترن تيجسوي ۽ منوهر روپ ۾ ديو
۽ واسديو کي درشن ڏنو. جيل جي انڌياري ڪوٺڙي الو
پرڪاش سان ڀڪڻ لڳي. ڀڳوان ديوڪي ۽ واسديو کي ج
ته، ”اڳلن جنمن ۾ توهان منهنجي تپسيا ڪري م
جهڙو پُٽر هئڻ جو وردان گهريو هو، هاڻ توهانجو ا
وردان به پورو ڪرڻ لاءِ ۽ هن پرٿويءَ تي پنهنجو ڪار
ڪرڻ لاءِ آيو آهيان. واسديو کي چيائين تون جلد مونک
گوڪل جي نند ۽ يشودا جي گهر ڇڏي ۽ يشودا ک
ڄاول ڪنيا کي کڻي اچ.“ ائين چئي پنهنجو چترڀڄي
روپ سميٽي، هڪ نئين ڄاول ٻالڪ جو روپ ڌارڻ ڪيائين
واسديو ترت هڪ ڪاٺي واري ٽوڪري ڪنئين، ٻالڪ کي
اُن ۾ سمهاري، پرماتما جي آديش جو پالن ڪيو. پرماتم
جِي مايا سان ئي سندس هٿڪڙيون پاڻمرادو لهي پيئون
پهريدارن کي ننڊ اچي ويئي ۽ جيل جا دروازا ازخود
کُلي پيا. اوچتو برسات ٿي وسي، پر هڪ واسينگ نانگ
ڦڻ ڪڍي ٽوڪريءَ مٿان ڇانئجي هلندو رهيو. ڦوڪيل جمنانديءَ
به واسديو کي پار وڃڻ لاءِ رستو ڏنو. نند جي گهر ۾
سيني کي گهري ننڊ اچي ويئي هئي. تمام سؤلائيءَ سان
واسديو، ڀڳوان ٻالڪ کي رکي، يشودا جي ڀر ۾ سمهيل
ٻالڪيءَ کي کڻي واپس اچي جيل ۾ پهتو. ازخود دروازا
بند ٿي ويا. هٿن ۾ هٿڪڙيون پئجي ويئون. ٻالڪي روئڻ
لڳي. روئڻ جو آواز ٻُڌي، پهريدارن وڃي ڪنس کي خبر
ڏني ته ديوڪيءَ ٻالڪ کي جنم ڏنو آهي. ڪنس اِهو

مُرليءَ ۾ ڇا نہ جادو هوندو!‘

اهڙيءَ طرح ڀڳوان ڪرشن جي ٻال اوستا جي ليلائن وارو حصو ٻارهن سالن جي عمر ۾ ئي پورو ٿيو. هاڻ ڪنس کي مارڻ جي بهاني گوڪلڌام کي ڇڏي متُرا ۾ آيو. جتي ڪنس کي ماري، ناني اُگرسين، پتا واسديو ۽ ماتا ديوڪيءَ کي جيل مان مُڪت ڪرايائين.

سري ڪرشن مرياڌا انوسار وديا پرائڻ لاءِ سنديپن آشرم ۾ رهي ڪري ٿورن ئي ڏينهن ۾ سڀ وديائون پڙهي پوريون ڪيون. آشرم ۾ رهندي ساٿس سدامي سان گهڙي مترتا ٻڌي. اڳتي هلي ڪري سدامي کي ڏاڍا ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پيا. هڪ ڀيري سدامي جي استريءَ سشيلا چيو، ’دوارڪا جو راجا ڪرشن توهانجو متر آهي، ڇو نہ جيڪر اُن وٽ وڃو تہ اسانجا ڏکيا ڏينهن دور ٿين!‘ اهو سوچي ڪري زال جي چوڻ تي سدامو دوارڪا ڏانهن پنڌ پيو ۽ اچي ڪرشن جي محلات ٻاهران پهتو. سري ڪرشن ٻچپن جي متر کي ڏسندي ئي ڪيس ڀاڪر پائي چنبري پيو. سنيهہ ۽ پريم سان سدامي کي محلات ۾ آڻي سندس گهڻو ئي آدر ڀاءُ ڪيائين. سري ڪرشن ٻچپن جون ياديون تازيون ڪندي سدامي کي چيو، ’توکي ياد آهي، هڪ ڀيرو جهنگل ۾ ڪاٺيون چونڊڻ هلياسين! اُتي زوردار طوفان ۽ مينهن اچي پيو. پوءِ وڻ تي چڙهي وياسين! اُن مهل ٿڌ ڪري تنهنجا ڏند پئي ٽڪيا!!‘ سدامي جي ويچارن ۾ اها تصوير ڦري آئي. ماتا سنديپني ٻنهي لاءِ سدامي کي ڀڳڙا ڏيندي هئي، تہ گڏجي کائجو. اُن ڏينهن سدامي اڪيلي ئي وڻ تي ويٺي ڀڳڙا کاڌا هئا. کائڻ جي آواز تي سدامي

پربت کڻي جهڙا انيڪ ڪوتڪ ڪيا. وري پريم جو س
اهڙو هو جو اِن ٻال اوسٿا ۾ ئي گوال ٻالن ۽ گو
سان پريم ليلا ڪيلي، بنسريءَ جي ڌُن سان ساري پرڪر
کي موهت ڪري ڇڏيائين. گوال گوپيون سارو ڏينهن پر
۾ پاڳل بڻجي پيا هن مرلي منوهر جي پنيان ڦر
هئا. ڪرشن جي مرليءَ جو عجيب جادو هو. سوامي وويڪان
اميريڪا ۾ هڪ ڀيري وياکياڻ ڪندي ڪرشن جي مرلي
جي جادوءَ جي باري ۾ ويني ٻڌايو ته 'ڪيئن گوپيون
گوال، ڳانيون، ٻن جا پکي به مرليءَ جي ڌُن تي ڊوڙند
ايندا هئا!' اُتي ڪن کي شنڪا ٿي ته ائين ڪيئن هوندو
سوامي وويڪانند ان جو جواب هڪ ڀيري پروَچن هلندي
ڏنو! سوامي جن جو هڪ وڏي ميدان ۾ پروَچن جو آيوجن
ڪيو ويو هو. پروَچن جي وشيه ئي هئي، 'ڀڳوان ڪرشن
جي ليلا'. پروَچن هلندي ٻڌندڙ ايترو ته اُن جي لهرن
۾ موهجي ويا جو سوامي وويڪانند پنيان پنيان هلندو وڃي
۽ شروتا به هلندا وڃن. ميدان ۾ ڪافي اڳتي نڪري
ويا. وشيه ايتري ته اثرائتي هئي ۽ سوامي جن اوچتو
وياکياڻ بند ڪري ڊوڙڻ لڳا ته سموري خلق به سوامي
جن جي پنيان ڊوڙڻ لڳي. گهڻو اڳتي هلي سوامي جن
بيهي رهيا. خلق مان آواز آيو، 'وياکياڻ بند نه ڪريو،
شروع ڪريو.' سوامي جن اُن ڏينهن واري ڪرشن جي
مرليءَ جي جادوءَ واري وياکياڻ جي ياد ڏياريندي چيو،
'مان ته هڪ خصيص آدمي آهيان، توهين پروَچن جي
ڪشش ڪري هيترو منهنجي پنيان ڊوڙندا آيا آهيو! ويچار
ڪريو ته هو ترلوڪيناٿ، ساري جڳت جو مالڪ اُن جي

منش جڏهن به جيون جي سنگرام ۾ منجهندو آهي، تڏهن کيس ڪنهن رهبر جي ضرورت محسوس ٿيندي آهي، جيڪو کيس صحيح راهه ڏيکاري. اهڙيءَ طرح بچپن جي ساٿي ۽ سنبنڌي ڪرشن کي ارجن چيو ته 'هاڻ گُرو بڻجي ڪري منهنجو موهه مِٽاءِ.' ڀڳوان ڪرشن منجهيل ارجن کي بلڪ هرهڪ منجهيل منش کي دڳ لڳائڻ لاءِ گيتا جو گيان ڏنو. 'هي ارجن، تون موهه جو تياڳ ڪري پنهنجن فرضن کي سڃاڻ. پنهنجا فرض سچائيءَ سان پاليندي اگر توکان ڪوئي دوش ٿي ويندو ته به توتي پاپ ڪونه چڙهندو! سڀني فڪرن ۽ ڦُرنن جو تياڳ ڪري، پنهنجا فرض سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ سان نباهيندي ۽ مونکي ئي هر ڪاريه جو ڪرتا ڄاڻندين، ته توکي وشواس ٿو ڏياريان، سڀني پاپن کان توکي مُڪت ڪري ڇڏيندس.'

ڀڳوان جو اِهو قوٌل اڄ به قائم آهي. هر منش لاءِ، چاهي هو ڪهڙي به ڌرم، پنت يا سماج جو هجي.

اهڙيءَ طرح ڌرم جي ڇنڊڇاڻ ڪري، اڌرمين کي پرٿويءَ تان هٽائي، ساڌن سنتن جي لاءِ سرڪشت ماحول بڻائي ڀڳوان پنهنجو ڪاريه پورو ڪري وئڪنٺ ڌام پڌاريو. پانڊون به ڪجهه وقت راڄ ڪري سک شانتيءَ وارو وايومنڊل پرٿويءَ تي قائم ڪيو، بعد ۾ پنهنجي پوٽي پريڪشت کي راڄ ڀاڳ سونپي، پاڻ وڃي بنواسي ٿيا.

ان طرح راجا پريڪشت کان ئي ڪلجڳ جي شروعات ٿِي. عام ماڻهوءَ جا ويچار ۽ وهنوار بدلبا رهيا. اڄ چارون طرف ڪلجڳ جي، ڪوڙ ڪپٽ، ڪِلڪل، لوڀ ۽ پاکنڊ جو سامراجيه آهي.

ڀڳوان ڪرشن سان ڪوڙ ڳالهايو هو. سدامو سوچڻ لڳو
ڀڳوان جي ياد ڏيارڻ جو اِهوئي مطلب آهي ته اِن ڪ
سبب ئي مون دريدرتا پاتي آهي. سدامي جي اکين
آنسون پرجي آيا. گويا پڇتاءُ ڪندي ڀڳوان کان معا
تي ورتائين! ڀڳوان ڪيس ڀاڪر پائيندي چيو ته، 'م
ائين ئي رڳو ٻچپن جون چلولايون ياد ڏيون اچن. هاڻ
ڪوئي فڪر نه ڪر!' ڀڳوان گويا ڪيس وشواس ڏياريو
هاڻ اِهي ڏکيا ڏينهن دور ٿيا.

لاڳئه سدامي جا ڏُکه ۽ دوکا، ڪچا چبارِئه تنهنجا چوڪ
سونا مندر ڪيئه ڪمال! ڀڳوان ڪرشن جي جيون جو ٻي
دؤر هو ظالم راجائن کي سيکت ڏيڻ. گهڻائِي سال لڙايون
ڪري، گهڻن ئِي راجائن کي ماري مڃايائين. لڙايون ڪري
ڪري ڀڳوان ٿڪجي پيو هو. اِن ڪري پرڻ ڪيائين ته
هاڻي هٿ ۾ هٿيار نه کڻندس. ترلوڪينات جاتو ٿي ته
هاڻ پنهنجن ئِي سنبنڌين پاندون ۽ ڪورون جي يُڌ ۾
ٻنهي سان نباهڻو پوندو، ان ڪري ئِي هٿيار نه کڻڻ جو
اِرادو ڪيو هئائين. دواپر يُگه جو انت ويجهو هو. آڌرم
تي ڌرم جي جيت لاءِ ڀڳوان ڪؤرون پاندون جي يُڌ جو
ڪؤتڪ رچايو. جينوٽيڪ ظاهري ڀڳوان ڪرشن گهڻو ئِي چاهيو
ته ٻئِي ڌريون پاڻ ۾ ملِي ڪير کنڊ ٿِي وڃن. ليڪن
هنيلي ڏُريوڌن ڪنهن ٻه ناهه لاءِ سات نه ڏنو. پاندو گيانوان
هئا، سندن ڀڳوان ڪرشن ۾ اٿوٽ وشواس هو. سارو جيون
ڪشٽ ڪشالا سهندي ٻه ڀڳوان جو سات نه ڇڏيائون. يُڌ
جي مئدان ۾ ارجن کي موه ويڙهي ويو 'ته ڪئن هنن
سنبنڌين کي ماريندس؟' ارجن منجهي پيو ته ڇا ڪريان؟

چون ته ته ميرن جي ڏينهن ۾ ديوان گدومل ميرن وٽ وزير جي حيثيت ۾ هو. ميرن سنڌي هندن سان ڪافي عقوبتون ڪيون. جنهن به موچاري اِستريءَ تي اک چڙهين، پوءِ اُها چاهي ڪنواري هجي يا وواهت، ته اُهي وڏيرا، اُنهن کي خوشيءَ سان يا زبردستيءِ پاڻ وٽ رکندا هئا.

ديوان گدومل جيِ ڌيءَ پدمڻيِ تي هنن خبيثن جي اک چڙهيِ ۽ اُن جيِ گهُر ڪيائون. پر هن سيلونتيءَ زهر جو پيالو پيِ پنهنجو انت آندو. اُن وقت پنجاب ۾ مهاراجا رنجيت سنگهه جو راڄ هو. مسلمانن ۾ هن جو گهڻو ڌهڪاءُ هو. مهاراجا وڏي دهشت وارو هو. اهڙي سمي ۾ چون ٿا ته ڪنهن نموني مهاراجا رنجيت سنگهه سنڌ ۾ هڪ سؤ گرو گرنٿ صاحبن جون سواريون موڪليون. جنهن به گهر ۾ گرنٿ صاحب براجمان ٿيو، اُن گهر مٿان جهنڊو نشان صاحب لڳايو ويو ۽ گهر جو هڪ پٽ خالصو ٿيو. اُن سمي پريوار نيوجن ڪونه هو. گهر گهر ۾ ۵-۱۰ بار هوندا ئيِ هوندا هئا. اِن طرح اسان جي سنڌي سماج ۾ (جنهن نموني بُزدل آهي، شايد اجا به حقيقت ۾ هجي) سري گرو گرنٿ صاحب جي پڳڙيِ ۽ شيوا آرنڀ ٿيِ. حيدرآباد جي هيراآباد ۾ گرو سنگت جيِ اسٿاپنا ٿيِ. بعد ۾ ڪيترن ئيِ مندرن، ٽڪاڻن ۾ سري گرو گرنٿ صاحب کي براجمان ڪيو ويو. وقت پوڻ تي سنڌي سماج جو وڏو حصو گرو گرنٿ صاحب کي پنهنجو اِشٽ ڪري مڃڻ لڳو. ورهاڱي بعد وطن ڇڏڻو پيو. سماج دربدر ٿيِ ويئيِ. اهڙي سمي ۾ پرماتما ۽ اُن جو نالو ئيِ وڏو سهارو بڻجيِ پيو. گرواڻيءَ جي پرچار گهڻين دلين کي آٿت

ڪلجڳ ۾ ڀڳتي ئي سؤلو ساڌن آهي، اُن آنند ڪ
ڀڳوان سري ڪرشن کي پائڻ جو. شُڌ من سان، اننيہ ڀ
سان، هردي ۾ پريم ڌارڻ ڪري جيڪو بہ جهڙي رو
جو ڌيان ڪري ٿو اُن کي اُن روپ ۾ پرماتما درش
ڏئي ٿو. 'جاڪي رهي ڀاونا جئسي، تن پريڀُ مورت ديکي
تئسي.'

لِڪلُ لال

سڳوري سنڌ جي پوتر ڀوميءَ تي انيڪ سنتن، صوفين، درويشن، ڪوِيُن، آچارين ۽ ودوانن جنم ورتو، جن وقت بہ وقت پنهنجو جيون عام لوڪن جي ڀلي ۽ بهبوديءَ لاءِ سمرپت ڪيو. اُنهن ۾ ڪيترا جڳہ پرسڌ ٿيا پر ڪي لڪل ئي رهيا، جن کي تمام ڪن ٿورن ئي سڃاتو هو. اهڙو ئي هڪڙو لال گرهستي ۽ وهنوارڪ جيون جي نِرواهہ ڪندي گهڻن کي رام نام جو رسُ پياري، جيون امر ڪري ويو، اُهو هو دادا لالچند ڀُنواڻِي! هي سائين هميشه پاڻ کي لڪل رکندو هو.

اسان سنڌي سماج کي سري گرو نانڪ ديو ۽ گرنت صاحب سان جن سڄڻ جوڙيو، اُهي هئا ماستر فتحچند ميگهراج آڏواڻِي، ديوان ليلارام سنگهہ وطن مل لعلواڻِي، شري جيئومل لوڪسنگهہ لعلواڻِي، وغيره. هنن گرو پريمين جي سڪ پريم ۽ سخت جاکوڙ سان ۽ ٢٥ سالن جي ڪرڙي محنت بعد سڄو گرو گرنت صاحب ارٿ سميت ٢٥ ڀاڱن ۾ نهي راس ٿيو هو.

ڪجهه وقت بعد ڊاڪٽر بولچند جي سڃاڻپ ۽ سمجهاڻ سان ماستر لالچند جي شادي هڪ سُشيل ۽ سيلونتي نياڻيءَ سان ٿي. سندس نالو موهني هو. ٻنهي جو پاڻ ۾ ڏاڍو سنو ميل هو. هڪ ٻئي جي ويچارن سان ملي ويا. البت موهنيءَ کي دنيوي شونق به هئا جن ۾ ماستر صاحب ڪڏهن به ڪيس دست اندازي ڪونہ ڪئي. پر پاڻ گرواڻيءَ جي ڪيرتن پاسي ئي مائل رهيو. حيدرآباد جي گور سنگت ۾ وڃي ڪري نيم سان ڪيرتن ڪندو هو. سڃي سنگت سندس ڪيرتن تي گهڻي متاثر ٿيندي هئي. هيڏانهن موهني ڪانگريس جي ڪم ۾ گهري پيئي. آزاديءَ جي هلچل ۾ ڪجهه وقت جيل ۾ به ويئي هئي. ڪين ٻار ٻچا به ٿيا. گهر جو ماحول تمام سک شانت ۾ پئي هليو.

ورهاڱي بعد هي جوڙو ٻارن سوڌو لڏي آيو اجمير ۾! اُتي شرڌارتي ناري شالا جو، ٻئي زال مڙس شيوا ڪاريہ ڪرڻ لڳا. پر ٿورن ئي سالن بعد بمبئيءَ اچي ڪوليواڙا ۾ رهيا. دادا کي ڌُن هئي گرواڻي ڪيرتن جي. اُتي ڪوليواڙا ۾ گور سنگت جو پايو وڌائين. حيدرآباد مان سري گرو گرنٿ صاحب ۽ گور سنگت جو ٻيو جيڪو سامان کڻي آيا هُئا، اُهو هن نئين مندر ۾ رکي پاڻ شيوا ۾ لڳي ويا. ڪين پنهنجي لاءِ ڪو به سوارٿ ڪونہ هو. جيڪو پئسو ملندو هون، اُهو مندر کي ئي ڏيئي ڇڏيندا هئا.

دادا لالچند کي گرواڻيءَ جي تمام گهڻي لڳن لڳل هئي. گرن جو سمورو اتهاس وري نئين سر لکڻ شروع ڪيائين. ڏهه سال لڳاتار نور نچوئي، سخت جفاڪشي ڪري 'گور درشن مالها' جي نالي سان ڏهن گرن جو جيون چرتر

ڏنو. هڪ پاسي پرم پوڄيه دادا چيلارام منسکاڻي، ٻئ
پاسي پرم پوڄيه دادا لالچند ڀُنواڻي!

دادا لالچند بمبئي، ٻڙودي، پوني ۽ ٻين ڪيترن هن
گرسنگت جي شڪاپنا ڪرائي. جتي نيم سان آساديوار ڪيرتن
سودر سنڌيا رهراس وغيره پروگرام آرنڀ ڪرايا ويا.

وقت گذرندي ويرم ئي ڪونه لڳي. ورهاڱي جا ڏک
ڏيري ڏيري مٽجندا ويا. سنڌي سڄڻ جتي جتي رهيا
اُتي جي ئي اشٽ ۾ وشواس رکڻ لڳا. گهٽيئي سنسڪائون،
گهٽائي پنٿ نڪري نروار ٿيا، وشواس ۽ شرڌا ورهاجڻ
لڳي!

پر هي مجنوُ سنگرن جا پياسي، نام ٻاڻيءَ جو ناد
هنڌ هنڌ وڄائڻ لڳا. دادا لالچند ڀُنواڻي بلڪل سادي رهڻي
وارو، سچي ڪمائيءَ وارو، پنهنجن ٻن چئن ستسنگين سان
ملي ڪري گرواڻيءَ جو ڦهلاءُ ڪرڻ لڳو.

دادا لالچند جو جنم حيدرآباد سنڌ ۾ اڻويهين صديءَ
جي پوياڙيءَ ۾ ٿيو هو. پاڻ ۾ ٻه ڀائر هئا، گُلاب ۽
لالو. ڊاڪٽر بولچند سان هنن جو گهروُ رشتو هو، جنهن
ڪري اُن وٽ گهڻو ايندا ويندا هئا. ان ڪري ڊاڪٽر
بولچند هنن ڀائرن کي ڏاڍو ڀائيندو هو. گرداسمل اسڪول
مان وديا وٺڻ بعد وڏو ڀاءُ گُلاب بڻيو سنڌورقي ۽ لالو
بڻيو ماستر لالچند! وڏي ڪمايا ڪروڙ جيڪي هتي ئي
رهيا ننڍي ڪمايو نام، جو هردم انگ سنگ! دادا جن
جي ننڍي کان ئي نام پاسي لِنو لڳل هئي. صبح جو
پنڌ ڪندو هو ته نام سمرڻ ڪندو ويندو هو، چوندو هو
ته 'اِن سمرڻ مان مونکي شڪتي ٿي ملي!'

پروگرام هو. چرچ گيٽ تائين ريل ۾ اچي ٻاهر ٻيٺا. ڪو پريمي ڪار ۾ وٺڻ لاءِ اچڻو هون. ڪجهه دير ٽيڻ تي پاڻ پنڌ ڪري پوري وقت تي پهچي ڪيرتن شروع ڪيائون. سندن دل ۾ ديا سان ٽمٽار هوندي هئي. هڪ سچڻ ڳالهه ڪئي ته ريل ۾ سفر ڪري رهيا هئاسون. رات جي وقت دادا باٿ روم لاءِ اُٿيا. گاڏيءَ جي دروازي وٽ هڪ غريب ماڻهو پٽ تي سمهيو پيو هو. سياري جي رات هئي ۽ اُهو ماڻهو ٿڌ ۾ ڏڪي رهيو هو. دادا واپس اچي پاڻ وارو ڪمبل هن سمهيل غريب مٿان وڌو ۽ پاڻ ڪروندڙو ٿي سمهي پيو.

آخر دادا جي صحت بگڙجي پيئي. کين پيشاب جي تڪليف ٿي پيئي. کيس جسلوڪ اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو. ستسنگي پريمين دل جان سان دادا جي شيوا ڪئي. اسپتال مان جڏهن پُٽ جي گهر انڌيريءَ ۾ واپس آيا، تڏهن هي داس دادا سان گڏجڻ ويو هو. سندس منهن تي مُرڪ هئي. پيٽ ۾ نلي پيل هيس پيشاب لاءِ، پر چهرو چمڪندڙ ۽ مُرڪندڙ! سندس انتم اکر ياد آهن. 'ڀڳوان هاڻ شيوا لائق ڪونه رکيو آهي، پوءِ شرير رکي ڇا ڪريان! بس هاڻي وڌيڪ رهڻ جي اِڇا ڪونهي. شيوا ڪرايائين پئي ته جيئڻ مان آنند پئي آيو.' هن ملاقات جي نيڪ ٽئين ڏينهن خبر پيئي ته دادا شرير ڇڏيو! ۳ سيپٽمبر ۱۹۸۴ع ۾ جيون ياترا پوري ڪري وڃي گروءَ جي چرنن ۾ سمايو.

هن لِکل لال کي ڪن ٿورن ئي سڃاتو. ڪن ٿورن ئي دادا جي شيوائن جو قدر ڪيو! هڪ پيري هڪ دربار

۽ گرنٿ صاحب ۾ چڙهيل ڀڳتن جي باڻي ۽ اُنهن جيون چرتر لکيائين. گر سنگت ۽ هندستان ڪتاب گ... جي سهڪار سان پنجن هزارن صفحن ۾ ويهہ ڀاڱا ڇپائي پڌرا ڪيائين. ۽ تمام سستي ملهہ ۾ (هرڪو ڀاڱو فقط پنجن رپين ۾) پريمين کي ڏنائين. اڄ اِهي پستڪ تمام درلڀ آهن. هنڙا درلڀ پستڪ وري ڇپجڻ ڏاڍو مشڪل آهن.

ٻار ٻچا وڏا وهياترا ٿيا، پاڻ سنياليائون تہ ٻئي پتي پتني گرهست کان فارغ ٿِي شيوا ڪاريہ ۾ لڳا رهيا. تمام سادي سودي رهڻي، سادي پوشاڪ، سنسار جي وشئہ پدارٿن کان پري، سک سنتوش ۽ آنند ۾ ٻنهي جو جيون گذرڻ لڳو.

موهنيءَ جي حالت ڪجهہ وقت کان بگڙي. دادا پاڻ پنهنجي استريءَ جي شيوا ڪئي. آخر هيءُ سنساري سفر پورو ڪري الڪذام ڏانهن راهي ٿِي. دادا پاڻ کي وڌيڪ آزاد سمجهي ڪيرتن جي شيوا ۾ پاڻ کي لڳايو. بمبئيءَ ۾ ڏار ڏار مندرن، گرودوارن ۾ واري وٽيءَ ڪيرتن ڪندو هو. دادا تمام تياڳ مورتي هو، جنهن جو مثال هي آهي. پنهنجو فليٽ خريد ڪيل اڳهہ ۾ وڪڻي، (جيتوڻيڪ اُن وقت پنجوڻا اڳهہ هئا) پاڻ کي سنگت حوالي ڪري ڇڏيائين. ڪجهہ وقت مُلند جي ايلبرس هوم ۾ رهيو ۽ بعد ۾ سنسنگين جي گهرن ۾ رهي گذارو ڪرڻ لڳو. هيڏي وڏي اوسٿا هوندي بہ ياترائون ڪري ٻڙودي، پوني، ڪلڪتي ۽ بئنگلور وغيره شهرن ۾ وڃي ڪيرتن ڪندو هو. وقت جو پائبند هو. هڪ ڀيري ڪولابا ۾ سچکنڊ دربار ۾ سندس

يو جن فرمايو آهي، 'اَن دِنِ ڪيرتن ڪيوَلِ وَڪِيان - گرهست
۾ سوئِي نِروان.'

گرهست ۾ رهندي، راتيان ڏينهان،
رانول ڪي ريجهائي ٿو
داس اُهو سنسار ۾ رهندي، پد نرواڻِي پائي ٿو.

ڌَنُ ڌَنُ اُهي سنت سچا، اچڻ اُنهن جو سڦلو ٿيو،
جن جي ساڌن سِمرن سان، جڳہ جو بيڙو پار ٿيو.
پاڻ تہ نام جپي ٿين سنت، ٻين کي بہ خوب جپائين ٿا،
ڪيل هِي جڳہ پريوءَ جو سارو، بوُجهہ اِها ڪرائين ٿا!

او بندا! ٻُلبل راهہ ڪان موٽِي آءُ!!

ٽيبل تي هڪ گُلاب جو گُل رکيو هو. هڪ پوڄاريءَ گُل کي ڏسِي چيو تہ، 'هن گُل کي جيڪر پوڄا ۾ ڀڳوان جي چرنن ۾ ارپڻ ڪجي.' ڪجهہ وقت ڪانپوءِ هڪ وئد هن گُل کي ڏنو ۽ چيائين تہ 'گُل ڏاڍو ڳاڙهو سُنو آهي. هھڙن گُلن جو جيڪر گُلڪند سنو ٿئي.' بعد ۾ هڪ فلاسافر گُل کي ڏسِي چيو، 'ڪهڙو نہ شوڀنيڪ گُل آهي، گويا پرڪرتِي مسڪرائي پيئِي.' هڪ استريءَ بہ هن گُل کي ڏنو. ڏاڍي خوش ٿِي. چيائين، 'هيءُ گُل جيڪر وارن ۾ لڳايان تہ ڏاڍو سندر لڳندو.' جئن هن هڪڙي گُل کي ڏسندڙن جي پنهنجي پنهنجي خيال مطابق الڳہ الڳہ ڀاونا آهي، نيڪ ان طرح هن سرشٽيءَ جي رچنا بابت، گيانوانن، ودوانن، وگيانڪن ۽ ويچار وانن جِي الڳہ الڳہ راءِ آهي.
ڪي چون ٿا تہ سرشٽِي آد جڳاد ڪان هلي پيئِي. ان

۾ ڪيرتن ۽ ڪٿا پئي ڪيائون. دربار جي سنڀاليندڙ ۾ ئي ٿوڪي چين، ’هتي ڪٿا ڀلا نہ ڪريو، رڳو ڪير ڪريو.‘ دادا هٿ جوڙي چيو، ’ڀائي، اسان ڪيرتن ڪ جي لائق ڪونہ آهيون. توهين ڪيرتن ڪريو ۽ پاڻ ٻڌنداسين ائين چئي لهي اچي سنگت ۾ وينا ۽ طور تائين وي رهيا. نڪو ڪين اپمان جو خيال ٿيو نڪو ئي غصو آيو.

اڄ بہ سماج اندر گهڻا لڪل هيرا، لال آهن، جن جي ڪري ئي سماج تي اهڙن لڪل مهاپرشن جي آسيس آهي ڪلجڳ جو سمو آهي، ڪيترو نہ پاپ، اتياچار، ظلم، زبردستيون ۽ دوکو فريب ٿي رهيو آهي هن پرٿويءَ تي!

نارد ڀڳوان کان پڇيو تہ، ’هي پريو ڪلجڳ ۾ پرٿوي ڪئن هيتري پاپ جو بوجھ سهاري سگهندي؟‘ ان تي ڀڳوان نارد کي جواب ۾ چيو تہ، ’ڪلجڳ جو بوجھ نام جي ئي سهاري ڌريو رهندو. پرٿويءَ تي ٿورائي سهين، اهڙا دِوِيہ پُرش بہ هوندا، جن جي پٺين جي سهاري هيءَ پرٿوي ٽِڪي رهندي! اهڙا دِويہ پُرش پنهنجا جيون جا سک وساري، ڪشٽ ڪليش صبر سان سهي، سنسار جون ملامتون کٽي بہ جڳت جي ڪلياڻ لاءِ نام جو ناد وڄائيندا! اهڙائي دِويہ لوڪ پنهنجو تہ جيون سڦل ڪن ٿا پر ٻين انيڪن کي جيون سڦل ڪرڻ جو رستو ڏيکارين ٿا. هُو مڪتي بہ نٿا چاهين، پر چاهين ٿا شيوا ۽ ڀڳتي!

سنت نہ هجن ها جڳ ۾ جيڪر، پرٿوي جلي ها آگ شعلن ۾-

وڏي ڳالھ تہ اهڙا دِويہ لوڪ گرهست ۾ رهي بہ نرلپتا سان حياتي سڦلي ڪن ٿا. سُکمني صاحب ۾ گرو ارجن

كپڙو اچو ئي نهندو. شُڌ سون جا زيور شُڌ ئي نهندا.
وت ڪبي تہ زيور بہ ملاوٽي ئي نهندو.

هي سڀ جيڪي دوش هن جڳت ۾ اچي ويا آهن،
لا پاکند، چوري، هنسا، ويچار، دويش، ايرشا، چل ڪپٽ
يره، اِهي طرح طرح جون برايون ڇا اِهي پڳوان وٽان
ون آهن؟

هاڻي ويچار سان ڏسو تہ پرتويءَ ۾، پانت پانت جا
ج پوکجن ٿا. اُن مان قل قول وغيره پانت پانت جي
سمن جا هوندا آهن. ڪي ڪوڙا، ڪي منا، ڪي کٽا
يره. ان ۾ دوش پرتويءَ جو آهي ڇا؟ اسان کي اها
الهہ بخوبي ظاهر سمجهہ ۾ اچي ٿي تہ هرهڪ ٻج
، اڳوات ئي اِهو پئدائشي سنسڪار موجود آهي، جنهنجي
ذار تي ڳڻ اوڳڻ انوسار اُن جي اُتپتي ٿئي ٿي. اِن
پرتويءَ جو ڪوئي دوش ڪونهي. نيڪ ان سڌانت سان
رهڪ منش جي رچنا سندس ئي پورب جي سنسڪارن
وسار ٿئي ٿي. اِهي ڳڻ دوش جا سنسڪار اڳوات ئي
رهڪ منش جي ٻج ۾ سمايل رهن ٿا. شاستر ٻڌائين
ا تہ سيني پراڻين ۾ اُتم ۾ اُتم پراڻي منش آهي.
رماتما اُن جي اُتمتا جي آڌار تي ئي منش کي سوتنتر
ڇا شڪتي ڏني. سوتنتر ڪاريہ ڪرڻ جي شڪتي بخش
ڪئي. سبل اندريون، من ۽ ٻڌي پڻ ڏنا آهن. جي ڪرم
سنسڪار ساتوڪ آهن تہ اهڙو منش هر جنم ۾ ساتوڪي
ڪرم ڪندي سديو شڀ ڪرمن ۾ ئي لڳو رهندو. راجسي
ڪرم آهن تہ هميشہ سوارٿي ڪرمن ۾ لڳو رهندو. پر
جي تامسي ڪرم آهي تہ هو مٺي ڇاٽايل براين ۾ ئي

جو رچيندڙ ڪير بہ ڪونهي. پرڪرتي پاٽمرادو ڪاريہ ڪر
پيئي. ڪي مڃين ٿا تہ هڪ ايشور آهي، جيڪو نراڪ
سوڪيم ۾ سوڪيم سيني ڪلائن جو مالڪ آهي، اُهو
جو سنڀالن ڪري پيو.

اسانجا شاستر چون ٿا، 'پرماتما پهرين پاڻ ئي پا
هو. پنهنجو تماشو ڏسڻ لاءِ پاڻ مان ئي سيڪجهہ پئد
ڪيائين. ايڪ مان انيڪ بڻيا. جهڙيءَ طرح هڪ گاگ
۾ پاڻي پيو آهي، اُهو سمورو جل اِن گاگر جي سهاري
آهي. ان طرح هيءَ سموري سرشٽي هڪ ايشور جي ئي
سهاري آهي. پرماتما جي هڪ سنڪلپ سان ئي هن سموري
سرشٽيءَ جو نرماڻ ٿيو.

ڏسو هڪ ننڍي ۾ ننڍو سرسوءَ جو ٻج جڏهن ڌرتيءَ
۾ پوکجي ٿو. پاڻيءَ جي سهايتا سان اِن ننڍڙي داڻي
مان انيڪ داڻا نڪرن ٿا. ان طرح کهڙي بہ ڦل، ان
جي ننڍي ٻج ۾ هيترا وڻ ۽ ڦل سمايل آهن. اِهو اول
وشواس ۾ نہ ايندو آهي. هڪ هڪ منش پنهنجو سوين
پيڙهين جو حساب رکي تہ وسمئہ ۾ پئجي ويندو تہ ڪيئن
هڪ استري پرش جي جوڙي مان هزارين سنبنڌين جي
روپ ۾ هيڏو خاندان هلندو پيو اچي. هاڻ ڪن کي شنڪا
ٿي ٿئي تہ پرماتما پاڻ شڌ سروپ، ست چت آنند، سروگيہ،
انترياميِ ۽ سيني شڪتين جو مالڪ آهي. تڏهن هن جڳت
۾ پاپ پڇ، راڳ دويش، ڪام ڪروڌ، لوڀ موهہ وغيره
وڪار ڪٿان آيا؟

گهڻائيءَ سان ويچارجي تہ ڏسبو هي ڪارڻ جا گڻ دوش
ڪاريہ ۾ ئي سمايل آهن. جئن اڇو ڌاڳو ڪٽي ڪپڙو اُڻبو

ي ورتيون اڇي شامل ٿيون آهن ۽ ڪهڙيون دئوي ورتيون ڇي ويئون آهن !'

جيئن پهاڙ کوٽيندي کوٽيندي خزانا ملندا آهن، تئن ياسو اڀياس ڪندي پاڻ مان ئي دبيل خزانا ي ٿو. جئن سون کي جيترو ماربو، ڪُٽبو ۽ تپائبو اوترو منجهائنس ملاوت وارو پدارٿ سڙندو ۽ پوءِ نج سون نِي روپ ۾ ظاهر ٿيندو. تئن جگياسو، يگتي، گيان ۽ ياس جي اگنيءَ سان آسُري اوگڻن کي ساڙي جلائي، دئوي گُڻن ۾ واپس ايندو ويندو. اِهي گڻ اُپڪار پِي آهن جيڪي منش ۾ منشيتا جو صاف پرڪاش ظاهر ن تا، اَٿوا جتي بہ اُدم، ساهس، ڌيرج، بُڌي، همت پراڪرم جهڙا گڻ آهن اُتي پرماتما پاڻ اچي ڪري هايڪ بڻجي ٿو.

انت ۾ گيان دواران بُڌي، بُڌي دواران من، من دواران يني اندرين کي نرمل بڻائي منش پرم تتو کي پراپت ندو! سنسڪارن ۽ پرالبڌ جي ڪرمن کان نجات پائي وڪش پد جو اڌڪاري ٿيندو.

منش مليل ايشوري بُڌيءَ سان گڏ مليل سوتنترتا جو راُپيوگ ڪري اُپائڻهار کي وساري مايا جي لاڀ واسطي هہ ئي ڏسائون ڀٽڪي ٿو. لالچ، ڪوڙ، وڪار ۽ موهہ اها ؤلت من ۾ ڪٺي ڪري ٿو. ڀوڳہ ولاس، نڳي دولاب ۾ مر گنوائي ٿو. پوءِ بہ جي پرماتما حساب ونيس تہ ليکو هي نہ سگهندو. پر پرماتما رستو کليل رکيو آهي، ''اي ندا، موٽِي آءُ! ان وِناشڪاري راهہ تان موٽِي آءُ! وڪارن، نسڪارن جي مَئل لاهي اچُ! من کي اوجل ڪري واپس

لڳو رهندو ۽ سندس مانوتا جو درجو ڪرندو. آخر اهڙ
سطح تي اچي پهچندو جتي هينين جوڻين ۾ وڃي پوندو.

ڀڳوان ڪرشن گيتا جي سورهين اڌياءَ جي ١٩ ۽
سلوڪ ۾ پاڻ ورنن ڪيو آهي، ’اهڙن دراچاري دويش ڪند
پاپين کي هن سنسار ۾ بار بار آسري جوڻين ۾ ڦ
ڪندو آهيان. اهڙا جيو موڙکنا جي وس جنم جنم
هينيون آسري جوڻيون پائي پريوءَ کي نه جاڻي نيچ گتي
پائين ٿا. جيڪو ستيه مارگ تي نه هلي پنهنجي من
ماني هلندو آهي، اُهو دُرگتيءَ کي پراپت ٿي انيڪ پيڙائون
ڀوڳيندو آهي.‘

سرشٽيءَ جي رچنا مهل منش دَئوي گُڻن سان پرپور
هوندو هو. ٻُڌي جيڪا آهي ئي اِيشوري انش! اُن ۾
جُڳن بدلندي، سوتنتر اِڇا جي انروپ، وشين جا ڳهڻا سُک
ڀوڳڻ جي لالچ ۾، آسري گڻن جو سماويش ٿيندو رهيو.
هڪ ٻئي کي ڏسي، هڪ ٻئي جي سنگ ۾ ائين منش
بگڙجندا رهيا. منش مان منشپڻو لوپ ٿيندو ويو. اندريون،
من، بڌي، پسوءَ ورتيءَ ۾ اچي ڪري منش جو وهنوار
ئي پَسُن جهڙو ٿي پيو آهي.

پوءِ به پرماتما هڪ ڪليل رستو رکيو آهي موٽي اچڻ
جو! اُهو آهي ستسنگ، ابياس ۽ وئراڳ! هڪ هڪ مهاپرش
پڪاري ڪري چوي ٿو، ’پيارا، موٽي اچ تون اصلي پنهنجي
روپ ۾! موٽي آءُ! ته تون پنهنجا وڇايل خزانا هٿ ڪري
آنند ماڻين!‘

شاستر به چون ٿا، ’ابياسي منش کي هرروز پنهنجي
وهنوار ۽ آچرڻ تي نظر رکڻ گهرجي. ڳولهي ڏسو ته ڪهڙيون،

...ان !'

هڪ صبح سويل. براهمڻيءِ گھر جي ٻاهران ٻيٺي هئي
سامهون هڪ ننڍو هرڻ جو ٻچو ڪڏندو ڏٺائين. هرڻ
ٻچو نينگر ٽپا ڏيئي رهيو هو. براهمڻيءِ ڏسي ڪري
...حجي ويئي. دل ۾ آيس ته جيڪر هن هرڻ جي ٻچي
... ماس کان. ڪيترو نه مزو ايندو! نرم نرم ذائقيدار
...س پريو تيوڻ ڪيترو نه سنو ٿيندو! جهٽ ۾ اندران
...هوٽ کي سڏ ڪيائين. 'هيءِ ڏسو سهڻو سنو هرڻ جو ٻچو!
...سجهو ٿا ته هن جي ماس جو تيوڻ کائبو ته ڪيترو
... مزو ايندو! اِهو جيڪر ڦاسائي ڪٺي اچو ته مان ڏاڍي
...وش ٿينديس.' مڌوسودن چيو، 'چري ٿيءِ آهين! ڇا ڦاسيءَ
...ي چاڙهائڻو اٿيئي؟ هيءِ راجا جو هرڻ آهي. هرڻ کي
...ڪُهنداسين ته ڳالهه ڪا لڪندي؟ اجايا خيال لاهي ڇڏ.
...ان ڳولها ڪندس. ڪنهن ڪاسائيءَ کي چوندس ۽ ڪيتري
... اگهه ۾ وٺي ڪري توکي هرڻ جو ماس کارائيندس.'

... پر استري هٺ ڪٿي ٿو سمجهي! براهمڻيءِ پنهنجا
...چرتر ڪرڻ لڳي. گهر ۾ موڳي مايوس، برتڻ برتڻ سان
...ڪرائي گهوٽ کي ناراضپو ڏيکاريائين! زالن جا ڇتيهه
...چرتر مشهور آهن. هڪ ڏينهن گهوٽ کي روئندي چيائين،
...مرنديس پوءِ ساڳيو پڇتائيندا ۽ مون لاءِ روئندا! وئد سچ
...چيو هو ته هرڻ جو ماس کائُ ته هيءَ بيماري ڇٽندءِ!
...وهين ته ڪو تدارڪ ئي ڪين ٿا ڪريو.' براهمڻ آخر
...ال جي وڪر ۾ اچي ويو. هڪ صبوح سويل جڏهن جهنگل
... ضروري حاجت لاءِ ويو، اُتي اِهو ساڳيو هرڻ جو ٻچو
...ينگر ٽپا ڏيندو ڏٺائين. جهٽ وجي ڪري پنهنجي شال

آءُ تہ توکي پاڻ سان ملائي ڇڏيان! او ٻلبل جيئن ڪر تون منهنجو ئي سروپ آهين! غفلت ۾ ويسر ڪ راهہ ڀُلجي ويو آهين! هاڻ بہ غفلت جي ننڊ جو نيا ڪر! پنهنجي اصليت کي ياد ڪر! موتي آءُ! موتي آءُ!!!'

ڪرمن سندو ڪيت آ هيءُ - جيڪي پوکبو سوئي لڻبو

هوءَ ذات جي براهمڻي هئي. سندس گهر راجا جي محلات جي ويجهو ئي هو. ڪاڻن جو ڏاڍو شونق هوس براهمڻ جي ڪرت ڪندي بہ زبان جي ذائقي لاءِ مانس سان ڏاڍي دل هئس. ٻڪري، ڪهيٽو، مرغي ۽ ڪرگوش وغير جي ننڍڙن ٻچن جو گوشت شونق ڪري ڪائيندي هئي سندس اِن زبان جي رَسَ سندس گهوٽ مدوسودن کي بہ پرشت ڪري ڇڏيو. هڪ ڀيري سندس پاڙيسرڻ گوما ٻاهر ڪچري ۾ ڪندا پيل ڏٺا. براهمڻي وٽ اچي ڪري گوما ٽوڪبازي ڪندي چيو، 'توهان براهمڻ ٿي ڪري ٻاهرين ورتڻ ڪائيندا آهيو ڇا؟' براهمڻيءَ قسم ڪائيندي جواب ۾ گوما کي چيو، 'اَئِي، توکي اِهو ڪئن خيال ۾ آيو؟ اسين براهمڻ جنم کان ويشنو ڪئن ٻاهرين ورتڻ ڪائينداسين؟ اِهي ڪندا ڪنهن ٻئي يا صفائي واري جمادار رکيا هوندا.' پر هڪ ڏينهن آخر گوما پڪڙي ورتس. ڪاڏي جي وقت ڪو بهانو ڪري آئي ۽ گوشت ناهيندي براهمڻيءَ کي پڪڙي ورتائين. براهمڻي پاڻ اول تہ ڪِڪِي وِڪِي ٿِي ويئي. پر جلد ۾ ڳالھ کي ناهيندي چيائين، 'ڇا ڪريان! ڳجھي بيماري اچي لڳِي اٿم. وئد دپ ڏنو تہ گوشت نہ ڪائيندينءَ تہ جلد مري ويندينءَ. ڏسين ٿي ڪيڏي ڪمزور ٿِي ويئي

جو! مونکي ضرور ٻڌاءِ. مان بہ گھوٽ جو قسم ٿي کڻان کنھن کي ڪونہ ٻڌائيندس.' براھمڻي ڦاسجي ويئي! تاڪيد ڪندي چيائينس، 'قسم ڪاڌو اٿيئي، ڳالھ دل ۾ سانڍي رکجانءِ.' پوءِ ڪئن گھوٽس ھرڻ قابو ڪري ڪٺي آيو ۽ ڪن ٻن ٽن ڏينھن تائين ڪائي ڇپي موج ڪيائون، سڄي ڳالھ ٻڌايائينس. مٿان چيائينس، 'اسين تہ براھمڻ آھيون. پر خراب بيماريءَ سبب وئد ڏيپ ڏنو تہ ھرڻ جو ماس نہ کائيندينءَ تہ مري ويندينءَ.'

گوما اندر ۾ ڏاڍو خوش ٿيو تہ، 'راجا تائين اِھا خبر پھچائي پنج سؤ گنيون ھٿ ڪنديس.' دل ۾ چيائين، 'قسم تہ ڪاڏھن پر ھاڻي ھِي (سندس گھوٽ) حيات ٿوريئي آھي جو قسم لڳندو.' اِھو پَڪُ پڇائي سڌو اچي راجا جي حويليءَ ۾ پھتي. اُتي وزير سان ملي ڪري سموري واردات جئن جو تئن ورنن ڪري ٻڌايائينس. وزير چيو، 'اھا ڳالھ تنھنجي ٻُڌل آھي. ھاڻي جڏھن اسان پاڻ ٻُڌون تڏھن ئي توکي انعام ڏيون.' گوما ويچار ۾ پئجي ويئي. ڪجھ سوچي ٻئي ڏينھن براھمڻيءَ وٽ آئي. منيون منيون ڳالھيون ڪندي ڏوراپو ڏيندي چيائينس، 'مان ڪيترائي پيرا تو وٽ آئي آھيان، تون مون وٽ ھڪ پيرو بہ نہ آئي آھين. منھنجي دل آھي تون مون وٽ اچي ڪري منھنجي گھر ۾ پير گھمائي وڃ تہ منھنجو گھر پوتر ٿئي. براھمڻي آھين، گھر ۾ اچي ڪري آسيس ڪر!' براھمڻي خوشامد واري ڳالھائڻ ۾ ريجھجي ويئي. ڪيس ٻئي ڏھاڙي منجھند جو ڪم ڪار لاھي اچڻ جو وقت ڏنائين. گوما انعام ملڻ جي لالچ دل ۾ سانڍي ڏُڪندي وزير وٽ آئي. ڪيس چيائين،

۾ قابو ڪيائينس. ويڙهي سيڙهي ٽڪڙو ٽڪڙو اڇي پهتو. زال کي چيائين، ’جهٽ ڪر. دريون دروازا بند ڪر هنکي خلاص ڪر ته ڪير ڏسي نه وٺي.‘ براهمڻي خوشي ۾ نه پيئي ماپي. ٽر ٽڪرا ۾ وڏي ڇري کٽي آئي ٻنهي گڏجي هرڻ جي ٻچي کي ڪُهي ٻُترا ٻُترا ڪيا براهمڻي اُن جي ماس مان طرح طرح جا طعام ناهيا ڪيترن ئي ڏينهن تائين ڏاڍو شوق سان کائي دل پوري ڪيائين.

ٽن چئن ڏهاڙن بعد گوما آئي براهڻيءَ وٽ. چيائينس، ’ٻڌين ٿي راجا ڍنڍورو گهمايو آهي. ٽن ڏينهن کان سندس باغ وارو هرڻ گُم ٿي ويو آهي. سڄو نگر ڳولها ڪئي اٿن، پر اڃا ڪونه لڌو آهي. راجا حڪم ڪيو آهي ته جيڪو جيئرو هرڻ ڳولهي ڏيندو اُن کي هزار گنيون يا جيڪو اِن بابت ڄاڻ به ڏيندو، اُن کي پنج سؤ گنيون انعام ڏنو ويندو.‘

چوندا آهن زالن جي من ۾ ڳالهه ٽڪندي ڪونهي. براهمڻيءَ کي گهوٽ سخت منع ڪئي هئي ته هيءَ ڳالهه ڀُلي ڀُلائي به ڪنهن سان نه ڪجانءِ. پر براهمڻيءَ جي وات مان نڪري ويو، ’هرڻ ليجندو ئي ڪونه‘ چئي ڪري وٺي جيڀ کي چڪ پاتائين. گوما سمجهي ويئي ته براهمڻيءَ کي ضرور خبر آهي هرڻ جي، ان ڪري ئي وات مان اکر نڪتس، ’هرڻ ليجندو ئي ڪونه!‘ گوما به ڏاڍي چتر هئي! براهمڻيءَ جي ساراهه ڪندي کيس ڀاڪر پائي چيائين، ’توکي ته خبر آهي ئي. مان تنهنجي پنهنجي آهيان. مونکي ٻڌاءِ ته ڇو ڪونه ليندو هرڻ! قسم اٿيئي گهوٽ

۾ نهارڻ لڳي، ڪجهه ڪُڇي نه سگهي. براهمڻي ائين چوندي اُٿي ڪڙي ٿي، ’اَئي اِهو سچو سپنو هو. تنهن ڏينهن تون ٽڪڙي ويئينءَ هلي، اِن ڪري ڳالهه اڌ ۾ رهجي ويئي.‘ ائين چئي براهمڻي ٽڪڙو ٽڪڙو هلڻ لڳي. چي، ’دير ٿي اٿم. هي ايندا ته پيا ڳولهيندا.‘ گوما هارائي ويئي. انعام ته ڪونه مليس، پر وزير چرب ڏيندي چيس، ’توهان زالن جي ڳالهه تي اصل اعتبار نه ڪرڻ گهرجي. انعام جي لالچ تي ڪوڙي ڳالهه ناهي اٿيئي. بئي چٽيون شايد پاڻ ۾ ٻڌتَ آهيو.‘

براهمڻي، گوما کي ته مورڪ ٻٽايو. چشڪي ۽ سواد ڪاتر ڪيترا نه ڪوڙ ڳالهايا ۽ ناهه ناهيا. پر قدرت ڪانئس پورو حساب ورتو.

هڪ صبوح جو ضروري حاجت لاءِ براهمڻي هميشه جي طرح پر واري جهنگل ۾ ويئي. اجا زمين تي ويٺي مس ته سامهون وڏي هرڻي ايندي ڏٺائين. شايد اِها اُن ٻچي جي ماءُ هئي جنهن جو گوشت براهمڻيءَ کاڌو هو. پهرين ته ڌيان ڪونه ڏنو براهمڻيءَ. پر وري به اک چڙهيس ته ڏٺائين اِها هرڻي گهُور ڪري نهاري رهي هئي. اوچتو هرڻي زور سان ڊُڪ پائي براهمڻيءَ ڏانهن وڌي. براهمڻيءَ کي اُٿڻ جو به موقعو ڪونه مليو. تيز ڊڪندڙ هرڻيءَ پنهنجا سڱ براهمڻيءَ جي پيٽ ۾ تنبي ڇڏيا. براهمڻي مورڇا ٿي زمين تي ڪري پيئي.

مڌوسودن گهڻي وقت جي انتظار ڪانپوءِ، براهمڻيءَ کي واپس نه موٽندو ڏسي جهنگل ۾ آيو. ڪيس هن حالت ۾ ڏسي ڏاڍو ڏُکي ۽ حيران ٿيو. براهمڻيءَ ڪجهه وقت

’سياڻي منجهند جو براهمڻي منهنجي گهر ايندي. ڪنهن نموني ڳالهه ڪڍي سندس ٿي مُڪ مان هرڻ واري ڳالهه چوائيندس. توهان پاڻ ٻُڌي ۽ انعام مونکي ڏجو.‘

ٻئي ڏهاڙي تي گوما جي گهر ۾ وزير آيو. ٻئي ڪمري ۾ دروازي وٽ پردو ڏيئي ڪيس وهارڻ جو جوڳو بندوبست ڪيائين. اينتري ۾ براهمڻي اچي ويئي. گومان سندس آءُ ڀاءُ ڪيو. پاپر پاڻي ڏيئي پاڻ سان ڪٽ تي وهاري هِتي هُتي جون ڳالهيون ڪرڻ لڳي. ڳالهين ڪي ڦيرو ڏيندي چيائينس، ’اُن ڏينهن تو واهه جي ڳالهه ٻُڌائي، اصل وسري ئي نٿي. پلا هرڻ جو ماسُ تمام لذيذ هوندو ۽ اُهو به ننڍڙي ٻچي جو!‘ ان تي براهمڻيءَ چيس، ’ائي ها، ڏاڍو لذيذ هو. ياد ڪندي هاڻ به منهن ۾ پاڻي اچي ويندو آهي. منهنجي گهوٽ به ڪمال ڪئي جو لڪائي ڪري شال ۾ ويڙهي ٻچو ڪٽي آيو.‘ براهمڻيءَ جي اوچتو نگاهه سامهون لڏندڙ پردي تي پيئي. هوا سبب پردو لڏيو ۽ هيٺان ڪجهه پير نظر آيا. براهمڻي هڪدم سمجهي ويئي ته ڪو ٽيون هن پردي پٺيان ويهي ڳالهيون ٻُڌي رهيو آهي. هڪدم ڳالهه جو سلسلو ڦبرائيندي چيائين، ’گوشت اينترو ته سوادي هو جو مان ۽ منهنجو گهوٽ خوش ٿي هڪ ٻئي کي پيا ڪارايون. اوچتو منهنجي گهوٽ کي مذاق سُجهي آيو. مون جڏن وات ۾ گرهه وڌومانس ته وني هٿ کي چڪ پاتائين. مونکان ڪيڪَ نڪري ويئي ۽ ڇرڪ ڀري ننڊ مان اُٿي ڪري ٽيس. واڻڙو ٽي ڪري گهوٽ پڇيو ڇا ٿيو؟‘ ڇاتي پيئي ڌڪ ڌڪ ڪئي. سڄو سپنو بيان ڪري ٻڌايومانس. گوما واڻڙن وانگر براهمڻيءَ جي منهن

راجا سڌني کي ماٺو موڪليو ٻڪري جي ماس لاءِ. سڌني سوچيو ٿوري ماس لاءِ سڄو ٻڪرو ڪٽڻ ڪُهان؟ اِهو سوچي ڪري هڪ ران ڪٽڻ لاءِ ڇُري هٿ ۾ کنيائين! ٻڪري کلي ڏنو. ٻڪري مان آواز آيو، ’اڙي سڌنا، هڪ جنم ۾ تون منهنجو ڪنڌ ڪپيندو آهين، ٻئي جنم ۾ مان تنهنجو گلو ڪٽيندو آهيان. اڄ هيءَ نئين ريت تو هلين جو هڪ ران ڪٽي سڄي رات مونکي ڏُک ۾ ڦٿڪائيندين. ياد رک، مان ٻه اڳلي جنم ۾ توسان اهڙي ويدن ڪندس.‘ سڌنِي ڇري ڦٽِي ڪري ڇڏِي. ٻئي صبح جو گهر ٻار ڇڏي وڃي بنواسِي بڻيو.

اڄ جي منش کي وشواس اچي يا نه اچي! ليڪن اِهو پرم ستيه آهي ته جيڪي پسون ڪائين ٿا، اُنهن کي ٻه اڳتي هلِي اهڙو پسون بڻجِي ڪنڌ ڪپائڻو پوندو. هاڻ ته منش جنم ۾ ڪيترا ئِي پيا ڪنڌ ڪپائين! هرروز جو هيترا خون، اتياچار ٿين ٿا، اِهو سمورو جنم جنم جو حساب جي ڏي وٺ جو سلسلو آهي. ڪنهن نه ڪنهن جنم ۾ اِهو حساب چُڪتو ڪرڻو پوي ٿو! اِهو انادي ڪال کان سلسلو هلندو پيو اچي. جيڪي ڪجهه پوکبو، اُهو هزاروڻو ڪري لڀبو!

مهاتما سقراط

هوُ شرير ۾ سندر ته ڪونه هو نه ڪو هو روپوان! قد جو نندڙو، سر وڏو ۽ ويڪرو، اکيون پينل، نڪ چپٽيو ۽ رنگ جو سانورو. پر سندس ٻُڌي وشال ۽ اڌياتمڪ هئي. سادا سوُدا وستر پهريندڙ، هٿ ۾ هميشه هڪ تيزِي لٺ ۽ ڪنهن تي گوڏڙي ڏاڙهي ڪندو پيو ڦرندو هو.

بعد اکيون کوليون. پڳل تنل اکرن ۾ گهوٽ کي چيائين، ’اسان ننيڙي ٻچي جو گهات ڪري اُن جو ماس کاڌو. اڄ اُن جي ماءُ پنهنجي ٻچي جي گهات ڪندڙ کي سڃاڻي مون کان وير ورتو. توهان کي هٿ جوڙي عرض ٿي ڪريان ته هن کان پوءِ ڪنهن به پسوءَ جو ماس نه کائجو. ٻچا پسُن کي به پيارا آهن.‘ ائين چوندي براهمڻيءَ پراڻ ڏنا.

رچناڪار هن سرشٽيءَ کي سهڻي سلسلي ۾ پربند سان ٺاهيو آهي. منش ماتر لاءِ پرٿويءَ کي پئدائش جو ڳڻ ڏنائين. پرٿويءَ مان انيڪ قسمن جون سبزيون، گل، گاهه، ڦل ڦول وغيره پئدا ٿين ٿا، اناج پئدا ٿئي ٿو جيڪو منش لاءِ يوڳيه ۽ آڳيا ڪيل آهار آهي. ڏسو جانورن ۽ پکين ۾ به ڪيترا ويشنو آهن! ڳائيون، گهوڙا، ڳڏهه، مينهون، رڍون، ٻڪريون وغيره ۽ پکين ۾ طوطا، ڪبوتر، هنس وغيره پلجي به ماس نه کائيندا آهن. وري ماس کائيندڙ شير ڏسو! شينهن اڳيان پوريون، پڪوڙا، مالپورا پکوان پُلاهه وغيره کائڻ لاءِ رکو ته منهن ڦيري ڇڏيندو. منش ئي آهي جيڪو ملين ٻُڌيءَ سبب پنهنجو آهار نه سڃاڻي پسُن جو گهات ڪري اُن جو مئل مانس رڌي پيٽ ۾ وجهي ٿو. اڄڪلهه جا پڙهيل علم جا اڪابر ڪيترائي مثال ۽ پرماڻ ڏيئي ماس آهار ڪرڻ اُچت ۽ جائز ڪري ڄاڻائين ٿا، ليڪن سمجهداريءَ سان ڏسبو ته اول جيئري جيو جو گهات ڪجي ٿو. (گهات معنيٰ پاپ) پوءِ اُن جو آهار ڪجي ٿو.

سڌنو اول ڪاسائي هو. هڪ رات راجا وٽ مهمان آيا.

مهاتما سقراط جو شهر ۾ چڱو ناماچار ٿيو. عام غريب جنتا هن کي چاهڻ لڳي هئي. اڪثر حشام ماڻهن جا رستن تي، چونڪن تي ڀي هن جو پروچن ٻڌندا هئا. پر مذهبي ڪٽروادي ۽ ڏنڌي ڪاروبار ۾ ڪپٽ ڪندڙ شاهوڪار مهاتما سقراط جي برخلاف ٿيندا ويا. سچ جي ڪوڙ تي چوٽ سهڻ لاءِ هو تيار ڪونه هئا. ڪيترا نوجوان به تنگ اچي ويا ڇو ته رستن تي اُنهن کي ٻانهن کان جهلي، سچ جو پرچار ڪندو هو. انهن ڪٽروادين ۽ ڪپٽين گڏجي ڪري هڪ زوردار هلچل مچائي. هڪ پاسي شهر جا ڪيترا شرڏاوان هن مهاتما جو طرف ڪٽڻ لڳا ته ٻئي پاسي هي وروڌي اُن وقت جي شهنشاه وٽ دانهون ڪٽي ويا.

مهاتما سقراط ڪان پانت پانت جا سوال ڪندا هئا. 'هن سنسار جي رچنا ڪئن ٿي ۽ ڪنهن ڪئي؟ جيون ڇاهي، مرتيو ڇاهي وغيره؟' اِن جو جواب مهاتما سقراط اِهو ڏيندو هو ته 'انهن سوالن جي جوابن ڳولهڻ بدران توهين اِن تي ويچار ڪريو ته هن منش جيون ۾ توهين پنهنجو ۽ ٻين جو ڪيترو ڪلياڻ ڪري ٿا سگهو؟ سچ سان جيون ۾ رهو ٿا يا نه، اصلي اِهي ئي سوال آهن.'

هڪ ڀيري ڪنهن پوشيه ڪرتا ظاهر ڪيو ته 'هن وقت جو مهان ٻڌيمان مهاتما سقراط آهي.' تنهن تي مهاتما کلي چيو، 'ڀائي، هن شهر ۾ مون کان وڏيڪ ٻڌيمان گهڻيئي آهن. مون اُنهن مان ئي گهڻو ڪجهه پرايو آهي. باقي مون وٽ ته ڪجهه به نه آهي.'

مهاتما سقراط سنيه جو پوڄاري هو. جيون ۾ سچي آچرڻ،

عيسوي سنہ کان اٽڪل پنج سؤ سال اڳہ، يونان جي ايٿنس نالي شهر ۾ سقراط جو جنم ٿيو هو. اوائلي جيون ۾ هو هڪ سئنڪ هو. هڪ ڀيري قواعد ڪندي ڪري پيو، جنهن ڪري چوويهہ ڪلاڪ بيهوش پيو رهيو. جڏهن هن کي هوش آيو تہ سندس سنساري گيان ويندو رهيو، اُن جي جاءِ تي سندس چيتنا جاڳي ۽ هو الوڪڪ ڳالهيون ڪرڻ لڳو.

مهاتما سقراط هڪ سوتنتر هستي هو. بنا ڪنهن ڊپ ڊاءُ جي، سيني کي سنيہ جو پوڌ ڏيڻ لڳو. هن جي لاءِ هاڻ دکہ سکہ، يش اَپيش، گلا ساراهہ، موت ۽ جيون هڪ سمان هو. هن ۾ هاڻي جيون مرتيو، وويڪ ويراڳہ ۽ سنيہ جي وشيہ ۾ چنتن ڪرڻ جي جگياسا اُتپن ٿي هئي. رستن، گهٽين ۽ بازارين ۾ بيهي ڪري انهن وشين جي باري ۾ هرڪنهن کان سوال پڇندو هو. ليڪن ڪير بہ ڪيس موزون جواب نہ ڏيئي سگهندو هو. نراس ٿي ڪري چوندو هو، 'ڇا هيءَ ساري مانو جاتي اگيان جي انڌڪار ۾ لپٽيل آهي. عام لوڪ تہ پري رهيا، پر اُن وقت جا قاضي، مُلا، ودوان، حاجي وغيره بہ ڪجهہ ٻڌائي نہ سگهندا هئا.

شهر ۾ مهاتما سقراط جو وروڌ وڌندو رهيو. پر هي نڊر، بي ڊپو پنهنجي سڌانت تي قائم رهيو. مهاتما سقراط جو گهٽو اڳہ وواهہ ٿي ويو هو ۽ ڪيس ٻہ ٻار بہ هئا. سندس پتنيءَ جو نالو جنٿيپ هو. هيءَ پنهنجي پتيءَ مان هميشه ناراض رهندي هئي ڇاڪاڻ تہ هو ٿوري ڪمائيءَ ڪارڻ سندس گهرجون پوريون ڪونہ ڪري سگهندو هو.

ی، ان ڪري سرڪار سقراط کي پراڻ-ڏنڊ ڏيڻ جو
ڻلو ڪيو آهي.'
ڇي اشتهار مهاتما سقراط به پڙهيو. هن وقت سندس
ر ستر ورهيه هئي ۽ هن جي اوستا جنم مرڻ کان
ڻو مٿي هئي. تڙ ماتر به سندس چهري تي رنج ڳُنج
ونه پيو. پر سندس شرڌالو ڏاڍو ڏُکي ٿيا. زار زار روئي
س گهيڙي ويا. ليڪن هن مهاپرش کلندي کلندي هنن
ی آٿت ڏيندي چيو، 'هلندڙ سنسار کي هڪ سڌانت
ٻڌي ڪونه سگهيو. عام ماڻهو ڪوڙ، ڪپٽ، دوکي ۽
ڪنڊ جي جيون گذارڻ چاهين ٿا، فقط وشين جي ڪڻ
ڳر سک جي لاءِ. ليڪن مون پنهنجي اندر ۾ جيڪا
هلڪ ڏٺي آهي، ستيه جي، اُها هائي مان لوڪن کي
ڌايان ٿو. هي پوٽڪ سُک آخر ۾ توهان لاءِ ڪشٽدائڪ
يندا! سچو سک ماڻڻ چاهيو ٿا ته اڌياتمڪ راهه تي
ڻلو، ستيه تي هلو. اِندرين جي ڪوڙي سُک کان پاسو
ڪريو. جن کي اٿوت نشنا ۽ شرڌا آهي، اُهي جيون ۾
ڦلتا پائيندا! هي شرير نشِور آهي، پر آتما اجر امر
هي، ان ڪري توهين ذرو به شوڪ نه ڪريو. مان ايشوري
ڪاريه ڪرڻ لاءِ هن سنسار ۾ آيو آهيان. پر هاڻ شايد
هو ڪاريه پورو ٿيو آهي. ايشور ئي سرڪار طرفان مون
۽ موت جو فرمان ڪڍيو آهي. پر ياد رکو 'مان' مرڻ
ارو ڪونه آهيان. سقراط نڪو جنم وٺي آيو نڪو مُئو.
ڳتي هلي اتهاس هن سنسار کي ٻڌائيندو ته سچ جا
ڪانکي ڪڏهن مرندا ڪونه آهن.' مهاتما سقراط کي پڪڙي
ڪري اڏڪارين اڳيان حاضر ڪيو ويو. اڏڪارين ڪائنس پڇيو،

وهنوار ڪرڻ جو جتي ڪٿي پرچار ڪرڻ لڳو. شهر جا سناڌاري، پرشناچاري ۽ مٿياچاري هن جون آلوچنائون ڪرڻ لڳا ۽ ڦِٽڪار وجهڻ لڳا. ڪن ته ائين به وٺي هُلايو ته هي مذهب جي برخلاف پرچار ڪري عام لوڪن کي بگاڙي رهيو آهي. چاڪاڻ ته اُن وقت جا مذهبي ۽ سناڌاري ولاسي ۽ يوڳي هئا. پاپ ڪرم ۽ رشوتون کائي ڏن ڪنو ڪندا هئا. پوءِ ڀلا هنن کي اِهو سچ جو سنديش ڪٿان آئڙندو؟

سرڪاري فرمان نڪتو، 'رستن تي ڀِي ڪري پرچار ڪاريه بند ڪر! نه ته پڪڙي جيل ۾ بند ڪيو ويندين.'

پر هيءُ نڊر ۽ ستيه جو پوڄاري ڪٿي ٿو ڊڄي. جواب ۾ چيائين، 'ڇا، مان پنهنجن ويچارن ظاهر ڪرڻ ۾ پرتنتر آهيان؟ سنسار ۾ هرهڪ منش پنهنجا ويچار ظاهر ڪرڻ ۾ سوتنتر آهي.' سرڪاري فرمان ٻيهر آيو ته، 'پنهنجو پرچار بند ڪر! شهر جا ماڻهو اِن طرح جي پرچار مان تنگ اچي چڪا آهن. جي سرڪاري فرمان عمل ۾ نه آيو ته توکي موت جي گهاٽ اُتاريو ويندو.'

جن مهاپرشن ستيه کي سڃاتو آهي، اُهي ڪٿان موت پر ڊڄندا؟ هنن ۾ نه ديهه - ٻُڌي آهي، نه ديهه - ايمان! هوُ جيئري ئي پاڻ کي ستيه سروپ آتما سمجهن ٿا. شرير ته فقط ڪرم ڪرڻ لاءِ هڪ اوزار آهي.

آخر هڪ ڏينهن صبوح سويل جڏهن عام لوڪ رستن تي آيا ته جتي ڪٿي اِشتهار ۽ عام سوچنائون لڳل هيون. 'جڏهن ته سقراط تي اپراڌ لڳايل آهي ته هو مذهب جي وروڌ ۾ پرچار ڪري رهيو آهي، جوانن کي ڀڪائي رهيو

ليئي پئجو.' جيلر پيالو ڏيئي منهن ٻئي پاسي ڦيري
و. هن جي اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيا هئا. سقراط هڪ
ڳيت سان پيالو پي ويو. سامهون انيڪ شرڌالو روئي
ي هي درشيہ ڏسي رهيا هئا. سقراط شرڌالن کي آخرين
يش ڏيندي چيو، ’هن سنسار کي جيڪي ڪجھ ڏيڻ
آيس، سو مون ڏنو. جيڪي ڏسڻ آيو هوس، اُهو مون
. هاڻ سنسار کي ڇڏي وڃي رهيو آهيان. هي شرير
ور مرندو، پر مان امر آهيان. مان ڪڏهن بہ مري
سگهان. هن جيون کان هاڻ وداع وٺي رهيو آهيان
هرديہ آشائن سان، آنند سان پرپور اتم. اي مرتيو!
حقيقت ۾ جيون آهين! تون ئي پورڻتا آهين! توسان
ڻ لاءِ منهنجي آتما بيحد وياڪل آهي.' ائين چوندي
اتما سقراط زمين تي ليٽي آخرين سواس ڪٽي شانت
ويو.

ساڌارڻ اوستا ۾ سقراط جهڙا مهاپرش ڪڏهن
م وٺندا آهن. اهڙا منش تنو درشي هوندا آهن. جيون
ستيہ اُجاگر ڪري عام لوڪن جي چيتنا کي ڌوڏيندا
ن. هلندڙ سمي ۾ جيون جي ستيتا جي ڇاڻ ڪن ٿورن
ئي آهي. جن کي اِن جي تلاش آهي، اُهي پنهنجي
ديہ کي کوٽي اُن مان انمول گيان روپي پدارٿ پائين
جيئن خبر پوندي گهڻا کوجنيڪ پهاڙن کي کوٽي جڙ
ارٿ پائيندا آهن.

سقراط وجھ ملندي بہ جيل مان ڀڄڻ کان انڪار ڪيو.
جيل کي پنهنجو آخرين مقام ڄاڻي نشچنت ٿي رهيو.
ي هئي ڪري سقراط جي قربانيءَ رنگ لاتو. يونان جي

’توکي ڪهڙو ڏنڊ ڏنو وڃي؟‘ ان تي سقراط وراڻيو، ’ه
شهر جي جنتا کي منهنجو اُپڪار مڃڻ گهرجي، ڇو
مون ڪوڙ، پاپ ۽ پاکنڊ جي اوگهڙ ڪئي آهي.‘ اِهو ٻڌ
اڌڪاري وڌيڪ ڀڙڪي پيا. ڪيس زهر پيئاري مارڻ ج
آخرين فيصلو ڪيو ويو.

سقراط کي قيد ۾ بند رکيو ويو، پر هي مهاتما هتي
به پنهنجيءَ مستيءَ ۾ مگن هو. ڪير ٿو ڄاڻي شاندار
جنم آهي يا موت! زهر پيئارڻ وارا هميشه لاءِ مري مٽجي
ويا ۽ لعنت جو ڳانگو سر تي کڻي ويا. پر زهر پيئڻ
وارو اڄ به امر آهي. لکن دلين تي سندس راڄ آهي.
شرڌالن جي من ۾ اڄ به جيئرو آهي. اتهاس ۾ هن
جو نالو امر رهندو.

جيل ۾ رهندي به ڪيترائي شرڌالو ساڻس گڏجڻ ايندا
هئا. جن کي هو سڀني جو اُپديش ڏيندو هو. سندس زال
جيڪا هميشه پتيءَ سان پئي جهڳڙندي هئي، اُها هتي
اچي زار زار روئڻ لڳي. سندس دل جي ڪوني ۾ لڪل
شرڌا پتيءَ لاءِ اُيرڪي ٻاهر نڪتي. ٻين شرڌالن جي وچ ۾
ويهي اڄ هوءَ به پتيءَ جا پروچن ٻڌڻ لڳي.

شرڌالن گهڻو زور ڀريو ته جيل مان ڀڄي ٻئي ڪنهن
شهر هليا وڃو، ڇو ته جيل جو رکشڪ به سندس شرڌالو
هو. ليڪن جواب ۾ چيائين، ’جيل مان گنهگار ئي ڀڄندا
آهن، مون ته ڪو گناهه ڪونه ڪيو آهي.‘

...... ۽ آخر اُها گهڙي اچي ويئي! جيلر زهر جو پيالو
کڻي آيو. سقراط پڇيو ’ڇا ڪرڻو آهي؟‘ جيلر چيو، ’هي
پي ڪري ٿوري اچ وڃ ڪريو. ٽنگون وسامنديون پوءِ پٽ

اجا کي سون کوهن ۾ هڪ شاهي ٻيلو هو. هن ٻيلي
گهڻي ئي ونسپتي، ڦل، ڦول، ڀاڄيون، اناج ۽ پڻ
ئي پيدائش بہ ٿيندي هئي. هن پيدائش مان ايتري
اپت هئي جو سڄو نگر جو سنڀالڻ بيحد شاندار نموني
دو هو. اُن بعد بہ راجا جي پونجي وڌندي رهي. پرجا
نالي ماتر ئي محصول يا ٻيون ڍلون پرٽيون پونديون
ن.

گهڻن ئي سالن تائين سندر نموني ڪاروبار هلندو رهيو.
ڪن هڪ سال اهڙو قصو اچي بڻيو جو راجا کي من
ڪجهہ شڪ جاڳيو. ٻيلي جي آمدنيِ ۾ ٿوري هاڃي
هئي، جيتوڻيڪ پراڪرتڪ يا ٻيو ڪوبہ اهڙو ظاهري
ارڻ ڪونہ هو. راجا پنهنجي هڪ وشواس پاتر وزير کي
ونايو ۽ ساڻس ان باري ۾ ذڪر ڇوريو. وزير سياڻو ۽
ماندار هو. سموري ڳالهہ تي سوچ ويچار ڪرڻ بعد وزير
پڻ شڪ ڪائي ويو تہ ٻيلي جي ڪرمچارين ڳڏجي
ري پاڻ ۾ ملت ٿي آمدنيءَ جو ڪجهہ حصو هڙپ
يو آهي. وزير راجا کي صلاح ڏني تہ هي (وزير) هڪ
ين ڪرمچاريءَ جو ويس ڌارڻ ڪري وڃي ٻيلي ۾ ڪم
ري. راجا کي اِها صلاح آئڙي. ٻئي ڏينهن تي هي
ير پنهنجو ويس بدلي هڪ مزور جي روپ ۾ ڪم ڪرڻ
و. هرروز مالن جا ٽوڪرا ڍوئڻ لڳو. محنت سان ڪم
ندي ڪرمچارين جي چُرپُر تي بہ نظرثاني ڪندو هو.
ڪ پيرو ڏنائين تہ ڪجهہ مال اجوڳہ نموني ٻيلي کان
هر پيو وڃي. مال وننڌڙ کان لڪائي ڪري پئسا پيا
ن. اِن طرح سڄو سارو مهنو ڪم ڪندي سموري خبرچار

ٻوڏڪ ۽ نيتڪ وهنوار ۾ هڪ نئون موڙ آيو. سندس ش
پليٽو مهاتما سقراط جي جيون درشن جو ڏيرنا سان پرچ
ڪيو. ٻئي شش جينوفن به گروءَ جي سکيا جي ڦهلا
لاءِ خوب پاڻ پتوڙيو. هنن ٻنهي ششن محنت ۽ جاڪ
ڪري گروءَ جي سکيائن کي پستڪن جي روپ ۾ آند
هن جي سکيائن ۽ ويچارن کي عام لوڪن جي اڳيا
وستار سان آندو! گهڻو پوءِ عام لوڪ هن مهاپرش جي
جيون کي سمجهڻ لڳا، هن جي سکيائن جو گنڀيرتا سا
اڌيين ڪرڻ لڳا. مهاتما سقراط پنهنجي جيون ٻليدان ڪانپو
پاڻ وڌيڪ چمڪيو ۽ مهان بڻيو! مهاپرشن جي جيون کي
نه سمجهڻ جو مکيه ڪارڻ آهي عام لوڪن جي ٻُڌي
جي گراوٽ. جئن جئن هي سنساري لوڪ ٻاهرين پدارٿن
جي سک ڀوڳ پٺيان پيا ڊوڙن تئن تئن هنن جي چيتن
(وويڪ) ٻُڌي وچي پيئي ڪمزور ٿيندي. اِن سبب ئي اڄ
مهاپرشن جي سکيائن ۽ ويچارن کي لوڪ سمجهي نٿا سگهن
نتيجو سامهون آهي، نه اڪثر ڪنهن کي به سچو سک
۽ من جي شانتي پراپت ڪونه ٿي ٿئي!

ڪرمن سندو آ ڪيت هيءُ

مهاراج اڏيراج جي نگري سَون ڪوهن ۾ ڦهليل هئي.
نگر جا سڀ ماڻهو سکيا ستابا هئا. پنهنجي راجا جي
وِيوَستا ۽ سنڀالن مان سموري رعيت خوش ۽ سنتشٽ هئي.
هن نگر جا ڪرمچاري به ايماندار ۽ هڏ ڏوکي هئا. اِن
ڪري راجا هروقت بي اونو ۽ بي چنت رهندو هو.

ﮩر ڏيندو آهي.‘ پنهنجي حرام جي اُپت جو رستو بند
ﻨدو ڏسي، هي سڀ ڪرمچاري ملت تي ڳهات گهڙڻ
. ڪن چيو، ’هن جو قتل ڪجي.‘ ڪن چيو، ’هن
ﻲ زهر پاڻيءَ ۾ ملائي مارڻ گهرجي.‘ مطلب ته هي
ﭗ هاڻ هن وزير کي ’ڪباب ۾ هڏي‘ چئي ڪنهن
 نموني هٽائڻ جو شدينتر سوچڻ لڳا. آخر هڪ چٽي
ﻼح ڏني، ’اول وزير صاحب جي خوشامد ڪري ڪيس
ﺠهايو وڃي. ڪنهن ڏينهن خوشيءَ جو ڏينهن ظاهر ڪري
ﮏ محفل جو پروگرام ناهيون. بيلي جو آخرين ڇيرو
ﮐري آهي. اُن ٽڪاڻ تي اِهو محفل جو پروگرام ڪنداسين.
ﻨهن نموني وزير صاحب کي اِن ڇيري وٽ آڻي اُتان
ﭙس ڌڪو ڏيئي ڪيرايو وڃي. هيڏي اوتانهينءَ تان ڪرڻ
ﻌد هن جو بچڻ مشڪل آهي. راجا کي روئي ڪري
ﻠي بڌائينداسين ته وزير صاحب اِتان ڪسڪي ڪري پيو.‘
ﻫا صلاح سڀني کي ڏاڍي وڻي.
 بئي ڏهاڙي سڀ ڪرمچاري وزير سان ڏاڍو منو ۽ ادب
ﺎن ڳالهائڻ لڳا. سڌو سادو ايماندار وزير هن پاکنڊ کي
ﺮڪي نه سگهيو. بلڪ ائين سمجهيائين ته شايد هاڻي سنئين
ﺮ تي آيا آهن. ڪجهه ڏينهن گذريا ته هڪ سنڌيا جو
ﺬهن وزير ڪم تان واپس ٿي ويو ته سڀني گڏجي ڪري
ﭽي وزير کي نوتو ڏنو، ’سائين، سڀاڻي اسانجي خوشيءَ
ﻮ اُتسؤ آهي. توهانکي هٿ جوڙي عرض ٿا ڪريون ته
ﻮهين اسانجي هن اُتسؤ ۾ ضرور شامل ٿيو. اِها اسانجي
ﺒنتي ضرور قبول ڪريو. اِهو اُتسؤ اسان هر سال بيلي
ﻲ آخرين ڇيري تي ڪندا آهيون.‘

ڪيڏي ڪري راجا کي اِن واردات کان واقف ڪيائين. راجا سموري واردات ٻُڌي ڪري سَمجهي ويو. کيس ڏاڍ ڏک ٿيو ته اِن ٻيلي جا اٽڪل هڪ سؤ پنجاهه ڪرمچاري پاڻ ۾ ملت ٿي ڪري هي ڪوٽ ڪري رهيا آهن.

ڪجهه ڏهاڙن بعد راجا ٻيلي جي ڪرمچارين کي ڪوٺايو. سندن ساراهه ڪندي راجا چيو، 'جئن ته ٻيلي جو ڪاروبار وڏي ويئي آهي، حساب ڪتاب رکڻ ڏاڍو مشڪل ٿي پيو آهي. ان ڪري سياڻي کان مان پنهنجي هن وزير کي مقرر ٿو ڪريان ته ٻيلي جو هرروز واءُ سڌاءُ وٺي. روزاني مال جو حساب ۽ عدد لکي ڪري، سموري سوچنا مونکي ڏئي. وزير کي هڪ تيز رفتار وارو گهوڙو ڏجي ٿو جئن هرروز سموري ٻيلي ۾ هڪ ڦيري کان ٻئي تائين گهمي سگهي.'

ظاهري ته سڀني ڪرمچارين جا منهن لهي ويا پر ٻاهران ڪن ڏيمي آواز ۾ چيو، 'اسان کي حضور صاحبن جو حڪم قبول آهي.'

ٻئي ڏينهن کان وزير پنهنجي اصلي روپ ۾ گهوڙي تي چڙهي ٻيلي جو سئر ڪرڻ لڳو. ڀاڄيون، ڦل، ان وغيره جتي ڪٿو ڪيو ويندو هو، اُهو تور ڪري وهيءَ ۾ درج ڪيو ويندو هو. ڪرمچاري پنهنجي مٿين آمدني بند ٿيندي ڏسي پاڻ ۾ ڪجهه رستو ڪيڻ لاءِ سوچڻ لڳا. هرروز شام جو جڏهن وزير هليو ويندو هو ته پاڻ ۾ گڏجي صلاحون ڪرڻ لڳا.

چوندا آهن ته 'لوڀ ئي پاپ جو مُول ڪارڻ آهي. هڪ وار اِهو پاپ من ۾ گهڙيو ته اُهو ٻين پاپن کي

ڪونہ سگھيو.

اِن گھٽنا بعد چاڻ ڪونهي تہ پوءِ ڇا ٿيو! ليڪن.....

هن ٻالهہ کي صديون گذري ويئون. تنهن ڏينهن اچانڪ اخبار ۾ پڙهي ڪري مٿين سڄي گهٽنا ذهن ۾ ڦرڻ لڳي. خبر هئي تہ هڪ هوائي جهاز ڪريو، جنهن ۾ ڏيڍ سؤ مسافر هئا ۽ سڀ مري ويا!

ذهن ۾ ويچارن جو گھوڙو ڊوڙڻ لڳو. هو ڪرمچاري سڀ هڪ وقت ڪونہ مئا هوندا. هر ڪو پنهنجي عمر پوري ڪري مئو هوندو. ڪرمن انوسار جنم وٺي ڪري هرهڪ حياتيءَ ۾ ڏکہ سور سٺا هوندا.

اسانجا شاستر چون ٿا تہ ڪرمن ۾ هڪڙا 'سنچت ڪرم' ٿين ٿا، جيڪي هڪ صندوق ۾ ڪٺا ٿِي لڪا رهن ٿا. جڏهن اُنهن ڪرمن ڪرڻ وارا ڦل ڀوڳڻ لاءِ هڪ ئِي وقت اچي ڪٺا ٿا ٿين تڏهن ئِي اُنهن جو حساب پورو ٿو ٿئي. ائين ئِي شايد اُنهن ڪرمچارين جو حساب پورو ٿيو. اِن سڏانت جي آڌار تي ئِي صدين بعد جڏهن اُهي جيو هاڻ هڪ ئِي هوائِي جهاز ۾ اچِي ڪٺا ٿيا آهن، تڏهن پرڪرتيءَ پنهنجو حساب 'سنچت ڪرمن' جو اِن نموني چُڪايو.

اڄ منش جي من تي ڀرانتيءَ جي چادر اوڍيل آهي. لڪِي لڪي بڇڙا ڪرم ڪندي ائين ٿا سمجهن تہ اِهي ڪرم ڪنهن ڏٺا ڪونہ ان ڪري ڪوئِي ڦل نڪرڻو ڪونهي. پر پرماتما جو بڻايل هي ڪرمن جو سلسلو انادي ڪال کان اٽل، پڪو پختو هلندو پيو اچي.

ڪرمن جي سلسلي بند ڪرڻ جو هڪڙو ئِي نسخو آهي،

وزير ويچارو هن ڪپٽ ۾ ڦاسجي ويو. سپاٽي تي ڪرمچارين جي اُتسؤ ۾ شامل ٿيڻ قبول ڪيائين.

اڄ صبوح جو ڪرمچاري اڳوات ئي پهچي ويا هئا. زمين تي گلم غاليچا وڇايل هئا. طرح طرح جا طعام تيار ڪرايا ويا هئا. وقت سر وزير صاحب بہ پنهنجي گهوڙي تي اچي پهتو. موج محفل شروع ٿي. ناچ گانا، ڪل مسخريون ڪري هڪ طرح جي خوشي ظاهر ڪرڻ لڳا هي سڀ پاکنڊ ۾ شامل ڪرمچاري! هاٽي ڪاڏو سيني ڪي ورهايو ويو. وزير صاحب کي خاص هڪ چانديءَ جي ٿالهہ ۾ يوڄن پرچيو ويو. طعام لذيذ، سوادي ۽ ذائقيدار هئا. وزير شونق سان کائڻ لڳو. ڪاڏي کائي رهڻ بعد هر ڪو پنهنجي ليکي پسار ۽ پنڌ ڪرڻ لڳو. ڪن ڪرمچارين ملي ڪري وزير کي چيو، ’سائين، هن ٽڪريءَ تان ڏسو تہ ڪيڏو نہ سندر نظارو آهي.‘ وزير ڪپٽ جي راند ۾ ڦاسجي ويو. آهستي آهستي پنڌ ڪندي جڏن ئي آخري چيري وٽ آيو، تڏن زور سان وني ڪري پنيان بيٺل ڪرمچارين ڌڪو ڏنس. وزير ويچارو بولاٽيون کائيندو هيٺ کاهيءَ ۾ ڪري پيو ۽ مري ويو.

ڪرمچاري خوشيءَ مان نچڻ لڳا تہ سندن وچ جو ڪنڊو هٽي ويو. هاڻ اڳي وانگر پنهنجو بي ايمانيءَ جو سلسلو جاري رکندا.

سنڌيا جو سڀ ڪرمچاري گڏجي ڪري روئندا رڙندا راجا جي محل وٽ آيا. راجا کي وزير جي هن اڪسمات گهٽنا جي سوچنا ڏنائون. راجا هيءَ گهٽنا ٻڌي ڪري ڏُکي تہ ڏاڍو ٿيو پر هنن ڪرمچارين جي پاکنڊ کي سمجهي

۽ بيا وجن پيا. هن پرٿويءَ کي ماٽيندڙ اڻ ڳڻت مرندا رهيا آهن. اُنهن جي ڪرمن جو حساب ڏسبو ته اُهو به انادي آهي. جيئن بازيگر بازي ڏيکارڻ بعد سڀ ڪجهه پاڻ ئي پاڻ اُها بازي غائب ڪري هلندو رهندو آهي. ان طرح هر مهاپرلئه وقت پرڪرتي ڪجهه وقت لاءِ غائب ٿئي ٿي، پر وري نئين رچنا وقت ساڳئي روپ ۾ ظاهر ٿئي ٿي:

بازيگر جيئن ڪري تو رچنا -
پانت پانت جا روپ ڏيکاري -
سميٽي تو جڏهن سڄو پسارو،
پاڻ ئي پاڻ رهي تو نيارو!

گوتمي هڪ وڏوا پنهنجي ننڍڙي ٻار سان هڪ ڳوٺ ۾ رهندي هئي. ڳوٺ مان بکيا پني گذارو ڪندي هئي، ان ڪري ٻار کي جهوپڙيءَ ۾ اڪيلو ڇڏي ويندي هئي. هڪ ڏهاڙي جيئن بکيا وٺي موٽي آئي، ڏسي ته ٻالڪ نانگ جي ڏنگڻ ڪري مئو پيو آهي. گوتمي روئڻ رڙڻ لڳي. ڳوٺ جا ماڻهو مڙي آيا. هڪ بزرگ صلاح ڏني ته پرواري ڳوٺ ۾ هڪ ارجن نالي وارو نانگن جي منترن جو ڄاڻو آهي. اُهو نانگ کي گهرائي زهر ڪڍرائي سگهي ٿو. ترت هڪ پاڙيسري تيز رفتار واري گهوڙي تي چڙهي نانگن جي منترن جي ڄاڻوءَ ارجن کي وٺي آيو. منتر پڙهيا ويا. نانگ هڪ ٻرَ مان نڪري آيو. زهر چڪڻ جي ڪوشش ڪندي به ٻار جيئرو ڪونه ٿي سگهيو. منترن جي ذريعي ارجن نانگ کان پڇيو، 'تو هن ننڍڙي ابهم کي ڇو ڏنگيو؟' نانگ جواب ۾ چيو: 'جنهن ويلي هن جو

شپ ڪرم ۽ نشڪامنا سان ڪرڻ! هي شرير هڪ هٿيار ۽ واهڻ آهي ڪرمن ڪرڻ لاءِ. شرير ۾ موهه رکڻ ڪري ئي هي هيڏا سارا پاپ ڪرم ٿين ٿا. چو ته حقيقت اها آهي ته هي سڀ سُک هرڪو شرير لاءِ ئي چاهي ٿو. جيتوڻيڪ اِهي ٻاهريان سُک پاڻ شرير کي روڳي بڻائين ٿا ۽ جنم جنم جي ڪرمن جو ٻنڌن پاڻ وٽي پيو پڪو پختو ٿيندو.

منش جيون جي درلڀتا تي ڪير ٿو ويچاري! سارو جيون اجائي واد وواد ۽ بي بنياد سوالن جي کوج ۾ وئڙت هليو ٿو وڃي. سچ ته اِهو آهي جو هر منش جنم، ڪرم ٻنڌن کان مُڪت ٿيڻ جو اَوَسر آهي. هن جيون جو سچو آنند اُهي ئي ماڻين ٿا جيڪي پرماتما جي هن ڳجهارت کي پروڙين ٿا.

ڪنڌيءَ ۾ اُڀيون ڪيترين - ساهڙ ساهڙ ڪن
ڪِني سانگو ساه جو، ڪي گهوڙِيس ڪيو گهرن
ساهڙ سندو تن، سِرُ سهسائي گهڙن جي!

اَڻ هوندي بازيءَ - ڀُلايو بازيگر!

پرڪرتي ۽ پرماتما انادي آهن. انهن ٻنهي جو انت اڄ تائين ڪير به لهي نه سگهيو اهي. اِهي به ائين آهن جئن بازيگر ۽ بازِي، باه ۽ اُن جو گرم سيڪ! يا ساگر ۽ اُن جون لهرون! هن جڳت جو به اِهو سلسلو انادي ڪال کان هلندو پيو اچي. هڪڙا جيو اچن پيا

۾ عهدو، اقبال ماڻيندي ڪيترا نہ اَجوڳہ رستا اختيار ڪيا ويا وڃن. سچ کي ڪوڙ ۽ ڪوڙ کي سچ ڪرڻ لاءِ عهدي، وڏماڻهپي جو ڪافي استعمال ڪيو پيو وڃي. ٻيو شاريرڪ سک ڀوڳڻ لاءِ بہ منش ڪيترا نہ غلط رستا ٺو وٺي. ڏن پدارٿ ۾ اڪيون ڏڪيو وڃن. ٻُڌي هيٺي هڻڻ ڪري واجب، بي واجب ڪرم جي پرکہ نٿي ٿئي. بي واجب ڪرم جيڪي اسانجي جيون ۾ ٿين ٿا، اُن جو هڪ تازو مثال آهي:

هڪ نياڻي ڪنهن آفيس ۾ ڪم ڪندي هئي. شام جو سندس مئنيجر (جيڪو ڪافي وڏي عمر جو هو) پنهنجي ڪار ۾ گهر تائين ڇڏي ويندو هوس. هن بالڪيءَ جي مٿي مائٽي پئي هلي، مگڻو بہ ٿيس. اُن بعد پاڙي ۾ هڪ دادي رهندي هئي، اُن ڪان ڇوڪري وارن ڪنهن نموني پڇا ڳاڇا ڪئي ڇوڪريءَ بابت. ڳالهہ ڳالهہ ۾ چئي ويئي، ’ٻيو تہ سڀ سنو آهي پر آفيس مان هرروز هڪ مرد سان گڏ ڪار ۾ ايندي آهي.‘ نتيجي طور مائٽي ٽُٽي پيئي. هن نياڻيءَ جي عمر چڙهي ويئي جنهن سبب ڪنواري رهجي ويئي. ڪجهہ سالن بعد هن داديءَ جي ڌيءُ جي شادي ٿي. فقط ٻن سالن ۾ گهوٽس طلاق ڏنو. بہ بار وٺي اچي ماءُ پيري ٿي. هن داديءَ هڪ ڀيرو سوال ڪيو، ’مون ڪهڙو گناهہ ڪيو جو ايشور مون سان ههڙو وئل ڪيو؟‘

ايشور عقل سيني کي ڏنو آهي. پريوارڪ، سماجڪ، سيينڪ يا راجنيتڪ ڳالهين ۾ تمام باريڪيءَ سان عقل جو استعمال ڪرڻ گهرجي ڇو تہ سوارٿ ۽ پنهنجي سُکہ جي انڌ ۾

موٽ لکيل هو اُن ويلي مونکي ڪال جو حڪم اهڙو ٿيو، ان ۾ منهنجو ڪهڙو قصور؟' ارجن منتر پڙهي ڪري ڪال پڳوان کان سوال کيو ته 'هن ابهم ٻار کي هن ننڍي عمر ۾ چو پنهنجو ٻکُ بڻايئه؟' آڪاشواڻي ٿي ته هن جا ڪرم پرالبڌ انوسار اهڙا هئا، هن جوڻ ۾ هن جي عمر ايتري ئي هئي ۽ ان نموني ئي هن جو موٽ ٿيڻو هو. ايشور جي ناهيل وڌان موجب مونکي جنهن نموني آگيا ڪيل آهي، اهڙي نموني ئي هڪ هڪ جيو جو انت آڻيندو آهيان.'

ڪي منش شنڪا ڪندا آهن ته جڏهن ڪرمن جو ڦل کنهن نه نموني ڀوڳڻو ئي پوندو پوءِ ڀڳتي، اُپاسنا، پرارٿنا يا شيوا جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ پر حقيقت اِها آهي ته اِهي به هڪ طرح جا ڪرم آهن. هڪڙا ڪرم وير ونندا آهن پر هڪڙا ڪرم سهايتا ڪندا آهن. جيئن ڪو ماڻهو ڪنهن سُنسان هنڌان لانگهائو ٿي رهيو آهي. اُتي ڪي چور بدمعاش گهيڙينس ٿا. ڪانئس پئسا وغيره ڦري ڏاڍو مارينس ٿا. پر جي اُتان ڪي ٻيا ٻه چار لانگهائو اچي سهايتا ڪندس ته ضرور ڦُر ۽ مار کان بچي ويندو. نيڪ اِن سڌانت تي ڀڳتي، اُپاسنا يا ٻيا شڀ ڪرم پرالبڌ ڪرمن ڀوڳڻ ۾ نه فقط سهايڪ بڻجن ٿا پر وري ٻُڇڙن ڪرمن ڪرڻ کان به بچائيندا. سنسڪارن جي ملينتا دور ٿيندي ۽ ٻُڌي نرمل بڻجندي.

منش اڪثر ڪوٽا ڪرم ڪري ٿو. اِن جا چار ڪارڻ آهن. ١. وڏ ماڻهپو، عهدو وغيره، ٢. شاريرڪ سک ۽ ڀوڳ، ٣. ڌن دؤلت مال ملڪيت، ۴. ٻُڌيءَ جي ڪمزوري. سنسار

چال ماري ته مالڪ جي کيسي مان ٻٽونئون ڪري پيو. نوڪر سوچيو ته مالڪ چيو آهي سندس چوڻ کانسواءِ ڪو ڪم نه ڪريان، اِن ڪري چپ چاپ هلندو رهيو. اڳيان هلي جڏهن مالڪ کيسي ۾ هٿ وجهي ته ٻٽونئون غائب. نوڪر کي ڦٽڪاريندي چيائين، 'مورک، ٻٽونئون ڪريو ته تو کنيو ڇو نه؟ ڪا شيءِ ڪرندي هجي ته هڪدم کڻڻ گهرجي.' واپس موٽندي رستي ۾ گهوڙي لِڏِ لاٿي ته ترت اُها ڪپڙي ۾ کڻندو ويو. گهر پهچڻ تي نوڪر چيو ته، 'رستي ۾ هيءَ شيءِ ڪِرِي، سا سنڀالي کڻئين اٿم!' مالڪ تنگ ٿِي نوڪر کي ڪڍي ڇڏيو.

هن پرٿويءَ (مرتيو لوڪ) جا ڪي نيم آهن، بنڌن آهن، هڪ مقرر ڪيل وڌان آهي، ڪال جو انادي چڪر آهي. آد جڳاد کان لکين ڪروڙين منش موڪش لاءِ آراڌنائون، پوڄائون، پاٺ، يڳيه، هون ڪندا رهيا آهن. ليڪن هرهڪ جي جيون ۾ اٽڪون، ديواريون ۽ رنڊڪون به آهن. اُنهن کي پار ڪرڻ لاءِ تمام سوکيم عقل ۽ ٻڌيءَ جي آوشيڪتا آهي. اهڙين حد بندين ۽ گهيرَن کي ٽپڻ لاءِ باريڪ عقل وارِي همت ۽ جُريت گهرجي.

انادي ڪال کان هن پرٿويءَ تي اڻ ڳڻت منشن جنم ورتو آهي. هڪ هڪ منش جو جيون سندس ئِي ڪرمن جِي کهاڻِي پئي رهِي آهي. پرماتما سرشٽيءَ جي رچنا سان هرهڪ کي ساڳيو ئِي عقل ۽ ٻُڌيءَ جو انش ارپيو آهي. پوءِ به ڪن ٻن منشن جو جيون سمان نه رهيو آهي. هڪ هڪ جا ڪرم، ويچار، وهنوار علحدا علحدا پئي رهيا آهن. ڪيتري نه اديوت، وچتر ليلا آهي هن

منش جڏهن ٻئي جو ڪم بگاڙيندو آهي تڏهن نتيجي جو ويچار ڪونہ ايندو اٿس. سنسار ۾ وهنوار ڪندي، فرض ادائي ڪندي يا پرمارٿ ڪندي عقل جي ضرورت آهي. عقل ۽ ’ٻُڌيءَ‘ جو صحيح اُپيوگ نہ ڪرڻ ڪري حياتيءَ ۾ ڪيترا ڪوتا ڪرم ٿين ٿا. عقل سان ئي ڌرم جو صحيح نرواهہ ٿي سگهي ٿو. ڌرم تي پورو رهڻ جي شڪتي ملي ٿي. جيون ۾ رَسُ اچي ٿو. ڪنهن ڦل ۾ رَسُ ۽ ذائقو آهي تہ پيو وڻندو آهي، نہ تہ هرڪو پيو اُن کي ناپسند ڪندو. گيان، ڀڳتي يا نشڪام ڪرم ۾ بہ عقل ۽ سمجهہ سان هلبو تہ سهجي وچي منزل تي پهچبو.

وڏن جو چوڻ آهي تہ، مورکہ نوڪر، شوم راجا، ڪوٽي استري ۽ ڪپٽي متر اِهي چاريئي دکدائي آهن. اِن جو هڪ سهڻو مثال آهي. هڪ وزير کي هڪ نوڪر جي گهرج هئي. چونڊيندي هڪ نوڪر پسند آيس. ڪم ڪار تہ سڀ برابر ڪندو هو پر عقل جو ٿورو گهٽ هو. هڪ ڏهاڙي هڪ مهمان گهر ۾ آيو. نوڪر کي چيائين، ’باداميون پچي کڻي آءُ.‘ نوڪر بادامين جا اندريان گورا ڦٽا ڪري کلون کڻي آيو. وزير تنبيهہ ڪندي چيس، ’مورکہ کلون ڦٽيون ڪبيون آهن ۽ گورا کائبا آهن.‘ ٻئي ڀيري ڪجهہ ڪارڪون پچي کڻي اچڻ لاءِ چيائينس تہ ٻاهريون ڳر ڦٽو ڪري اندريون ککڙيون کڻي آيو. مالڪ جي چڙهڻ تي چيائينس، ’سائين، اڳئين ڀيري توهان ائين چيو هو.‘ تنهن تي مالڪ چيس، اڳتي ڪوبہ ڪم مونکان پُڇي ڪندو ڪر. جڏهن ڪجهہ چوانءِ تڏهن ڪجانءِ. هڪ ڀيري مالڪ ۽ نوڪر ٻاهر سئر تي گهوڙن تي چڙهي نڪتا. رستي ۾ گهوڙيءَ

غائب ٿيندو، فقط بازيگر رهندو، جيڪو هن ناٽڪ
ــ اٿڪندو، اُهو بازيگر جو درشن ڪري سگهندو.
ي روءُ نَڪي رَڙِ، نڪي هنجُون هار، جهڙا اَچني ڏينهڙا
ا ويهي گهارِ! پڪ ڄاڻ تہ، ’جيڪي ڪري ٿو اُهو
بگر آهي. تون هن جي بازيءَ جو حصو آهين. عقل،
يءَ سان اِهو ڄاڻي هر هميشه آنند ۾ گذار!

سيکو ڪري باتِ - ناتِ تہ ڪنهن ڪنهن تن ۾!

) ماتا پتا کي سِڪي سِڪي ٻالڪ ڄائو. خوشيءَ ۾ نہ
پيا ماپن. غريبي هوندي بہ سڄي ڳوٺ کي دعوت
ڏنائون. ٻالڪ جو شانت چهرو، سندر سوڀيا، وري منهن
تي مِٺي مشڪ ڏسِي پيا سڀ ساراهين. ماتا پتا تمام
پيار سان لالن پالن ڪيو. ٻالڪ تي نالو ڌيرج رکيائون.
آهستي آهستي ڌيرج وڌندو رهيو. ريڙهيون پائڻ سکيو،
بِهڻ هلڻ سکيو، پر ڳالهائي ڪجهہ نہ پيو، رڳو پيو
مُشڪي. مائٽ حيران ٿيا، پريشان ٿيا. ڏاڍا ٽوٽا ٽوٽڪا،
دوائون ستيون فقيون ڪيائون، پر ڳالهائڻ جا آثار ئي
ڪونہ هئا. آخر سڀ سمجهي ويا تہ هِي ٻار گونگو
آهي. هاڻ تہ ڳوناٺا ديا ڪري بہ ٻار کي ڏاڍو پيائيندا
هئا. ڌيرج هاڻي نون سالن جو ٿيو. گونگو هئڻ سبب
ڪنهن پانشالا يا شڪول ۾ ڪونہ ويو. سارو ڏينهن صبوح
کان شام ڳانوَ جي ڳانين مينهنِ سان پيو جهنگل ۾
ڦرندو هو.
هڪ ڏهاڙي اچانڪ نہ ڄاڻ ڪٿان هڪ سهڻو بانس

سرجڻهار جي !!

ڳهڙائيءَ سان ويچاري ڏسندا تہ منش جي رچنا ايشوري ڳڻن ۽ ٻڌيءَ سان ٿيل آهي. اِها ايشوري سمپدا هرهڪ منش کي مليل آهي. اُپيوگتا جي ڪمزوريءَ ڪارڻ اَڄ جو منش حقيقت کان پٺتي ويو آهي.

پرماتما جي عبرت ۽ حيرت ڀري جادوگري اِها آهي جو هڪ ڦڙي مان ههڙو سون جهڙو پُتلو شرير تيار ٿئي ٿو. وري اگني کنڊ ۾ وڏي ٿو، پلجي ٿو ۽ وقت سر جنم وٺي ٿو. اِهو سلسلو اڄ جو نہ پر انادي ڪال کان هليو پيو اچي. هي سارو جڳت اُن بازيگر جي بازي آهي. بازيءَ کي سمجهڻ وارا بازيءَ جو رس ۽ آنند ماڻين ٿا. پر بازيءَ ۾ ڦاسڻ وارا قيدي بڻجي سزائون ۽ سور سهن ٿا. ايشور اينترو تہ ديالو آهي جو فقط منش جيون ۾ ايڏي اوچي ۽ وشال ٻُڌيءَ جي بخشيش ڪئي اٿس. اُن سان اِها بہ آزادي ڏني اٿس تہ اِن ڏات کي ڪئن ڪم آڻيون !

ڪو بہ سياڻو اِنسان مالڪ وٽان مليل ڏاتين کي وساري نمڪ حرام ڪونہ ٿيندو. پر اسين تہ جنم جنم ۾ مالڪ جو نمڪ کائون ٿا ۽ هي منش ديهي ان ٿوري لاهڻ لاءِ ملي ٿي. اِن جو اُديش آهي ٿي سچ کي سڃاڻڻ ۽ اُن کي پائڻ. پر اسين تہ هيڪاري وڏيڪ پاپ ۽ بُرا ڪرم ڪري وڃون پيا اُن ستيہ سروپ مالڪ کان دور ٿيندا.

اِن ڪري هن جڳت جي ڪرم ڀوميءَ ۾ بازيگر جي وشال ناٽڪ جو آنند ماڻيندي، هر وقت خيال رکجي تہ سڄو ناٽڪ (جنهن ۾ نہ اَٽڪِ) آهي. هڪ ڏينهن هي

ٿيا. ڏنائون تہ مٿيري ٿلهي تي بانسرِي پيئِي آهي، پر ڏيرج آهي ڪونہ! چارون طرف ڳولها ڪيائون. مندر اندر، ٻاهر، ساري ڳوٺ ۾، ڳوٺ جي جهنگل ۾! پر ڪيترن ڏينهن تائين ڏيرج جو پتو نہ پيو. شرڌالو ائين ئِي سمجهڻ لڳا تہ هِي ڪو سُرڳ جو ديوتا هو. اسانکي امرت جو آنند وٺائي انترڌيان ٿِي ويو. آسپاس جي ڳوٺن ۾ بہ جڏهن ڏيرج جو پتو نہ پيو تڏهن سڀ آسرو لاهي ويٺا. سيني گڏجِي ڪري هڪ ڏهاڙي ڏيرج جي سمرتيءَ ۾ هڪ سڀا ڪوٺائي. سڀا ۾ گڏجِي ڪري فيصلو ڪيو ويو تہ 'جئن تہ هيءَ مهاپوتر بانسري هُن ديوتا سروپ ڏيرج جي هٿن جِي آهي، ان ڪري هاڻ هن بانسريءَ لاءِ هڪ اوُچو سٿان ناهي، اِن جِي پوڄا ڪئِي ويندي. هِن بانسريءَ کي هيرن جواهرن سان جڙيو ويندو. هرروز شرڌالو هتي اچِي هن بانسريءَ کي ديوتا سروپ ڏيرج جو روپ سمجهِي پوڄا ارچنا ڪندا. جيڪو جهڙي شرڌا رکندو اُهو اهڙو ڦل پائيندو.' بس پوءِ تہ هڪ اوچو سنگهاسن ناراهيو ويو. بانسريءَ کي هيرن جواهرن سان جڙيو ويو. هرروز شرڌالو اچِي ڪري بانسريءَ تي گُل، هار، چندن تلڪ ڪندا هئا. ڪي مٺائنس وستر چاڙهيندا هئا. اهڙيءَ طرح ڪجهہ سال پيا بہ گذريا.

...... ۽ وري اچانڪ هڪ سنڌيا مهل، جڏهن حشام ماڻهن جا مؤجود هئا، سيني ڏٺو تہ سامهون ميرن وسترن ۾، وار وڌا ۽ گهنجيل، هڪ نوجوان اچِي رهيو آهي. ويجهو ايندي سيني هڪ ئِي سُر ۾ پڪاريو، 'مهاتما

جو ٽڪرو ڪٽي آيو. پنهنجي هٿ سان سوراخ ڪري اُن کي بانسري ٺاھيائين. ائين پنهنجي چپن سان لڳائي عجيب سُر ڪڍڻ لڳو. سڀ ڳوٺ وارا حيرت ۾ پئجي ويا ته ’هيءُ ڇھڙو ڪوتڪ! ڏيرج نه ڪنهن کان سکيو نه ڪنهن سنگيتڪار وٽ ويو، پوءِ ڪٿان ھھڙا مڌر ۽ من کي موهيندڙ سُر ڪڍي سگهيو آهي؟‘ ڏينهون ڏينهن ڏيرج جو قدر ٿيڻ لڳو. ڳوٺ جي مندر ٻاهران هڪ سنگمرمر جو ٿلهو ناراهيو ويو. صبح شام ڳوناٽا ڏيرج کي اُتي وهاري بانسريءَ جي مڌر آلاپ ۾ ڪوئجي ويندا هئا. ڏيرج به اِنهن آلاپن ۾ ايترو ته ڪوئجي ويندو هو جو ڪاڏو پيتو به وسري ويندو هوس. ڪڏهن شام، ڪڏهن سنڌيا ته ڪڏهن رات تائين وينو بانسريءَ جي تان آلاپيندو هو. ڪڏهن ته رات ٿلهي تي ئي سمهِي پوندو هو. ساڻس به تي شرڌالو ڳوناٽا به اچِي سمهندا هئا. ڏيرج جو نالو آسپاس جي ڳوٺن تائين ڦهلجِي ويو. ڪٿان ڪٿان ماڻهو ڪهِي اچِي بانسريءَ جي مٺي سُر ۽ آلاپ جو آنند وٺندا هئا، گهڻن ئي ڪوشش ڪئي ته ڏيرج ڪجهه ڳالهائي، آسيس ڪري، پر ڏيرج فقط پيو مشڪندو هو.

اهڙيءَ طرح ڏيرج اچِي ويهن سالن جو نوجوان ٿيو. ڳوٺ جو مندر هڪ عاليشان عمارت بڻجِي ويو. مندر جي اندر هڪ شاهِي آڱنڊ سنگت جي وهڻ لاءِ ناهيو ويو هو. هرروز صبح شام سوَن جي تعداد ۾ اچِي ڪري شرڌالو وهندا هئا!

هڪ ڏهاڙي مندر ۾ حشام ماڻهن جا اچِي ڪنا

شرڌا فقط ايستائين محدود آهي ؟

هلندڙ سمي ۾ سنسار جو جيڪو وهنوار هليِ رهيو آهي، ٻاهرين وهنوارڪ شرڌا سان منش گرنٿن، گيتا ۽ شاسترن آواز ئيِ بند ڪري ڇڏيو آهي. منش لاءِ ڪهڙي سکيا، ديش ۽ مارگہ درشن ورنن ڪيل آهي، اُن ڏانهن ڪير ڌيان ڏئي! وري هرڪو ساڌو، سنت، اپياسيِ يا پرچارڪ، هنجي ئيِ مطلب جيِ پيو معنيٰ ٻڌائي! اصليِ نجو رٿ تہ ڪو ورلو ٿو سمجهائي. گروءَ کي تن، من، ڌن رپڻ جو اڄ ڪيترائي غلط ارٿ ٻڌائي ششن کي ڪوڪو ڪري پاڻ پيا ڌنوان بڻجن. شاستر، تَنَ ارپڻ جو ارٿ ڌائين ٿا، 'تہ هيءَ تن شيوا لاءِ مليو آهي. هن تَنَ سان شيوا ڪريو، غريبن، بيمارن، محتاجن ۽ اپاهجن جيِ.' ڪن کي سوارٿيِ لوڪ تَن اَرپڻ جو غلط ارٿ ٻڌائي سترين کي شاريرڪ سنبند ڪرڻ جو اُپديش ڪن ٿا! پرشن سان سچو ڏينهن پنهنجيِ شيوا ڪرائين پيا! هيِ آهي ڄڪلهہ جي شرڌالن جو وهنوار! ڪلجگہ ۾ پاکنڊين جو ڏو زور آهي. پاپاچار دِنِ بہ دِنِ وڌندو پيو وڃي. ماڻهن ۾ مونجهارو وڌي ويو آهي. اصليِ ڌرم جيِ وياکيا نہ ڪري ڳو پاڻ پوڄائڻ ۾ محو ٿيِ ويا آهن اڄڪلهہ جا پرچارڪ !!

(٣) ڪلڪتي شهر ۾ هڪ نوجوان ڇوڪرو نوڪري ڪندو هو. هيِ ڇوڪرو آلسيِ ۽ سُستُ هو. اِن ڪري ڪٿي بہ نوڪريءَ ۾ ڪونہ ٽِڪيِ سگهيو. ڪٿي ڇهہ مهنا، ڪٿي هڪ سال اٿين ڪيترن هنڌ نوڪري ڪيائين. شادي اُتي جي مڪانيِ ڇوڪريءَ سان ٿيس جنهن مان کيس ٽي ڏيئر ڄايون. نوجوان کي هاڻ ڪٿي نوڪري

ڏيرج اڇي ويو!'

ليڪن ڏيرج نڪو سڏ اونايو نڪو مشڪيو، نه ڪنهن ڏانهن نهاريو. ماڻهن جي پيهه مان لنگهندو سڌو سنگهاسن واري ٿلهه تي آيو. وستر هٽائي بانسريءَ کي هٿ ۾ کنيو ۽ چِتَن سان چميو. ڏيرج بانسريءَ کي وڄائڻ جي ڪوشش ڪئي، گهڻو ئي ڦوڪيو، پر هيرن جواهرن بانسريءَ جو آواز ئي بند ڪري ڇڏيو هو. اڄ ڏيرج پهريون ئي دفعو ڳالهايو! بانسريءَ طرف تمام غمگين نگاهه سان نهاريندي چيائين، 'هنن سينن تنهنجا سُر ۽ آلاپ بند ڪري ڇڏيا!' ائين چوندي بانسري واپس سنگهاسن تي رکي، اهڙي تکي ڏُک پائي مندر کان ٻاهر نڪري، رات جي اونداهيءَ ۾ غائب ٿي ويو.

...... ۽ وري ڪڏهن ڪنهن نه ڏٺو!

(٢) اڪنڊ پاٺ جو يوڳه هلي رهيو هو. گهڻيئي پريمي آيل هئا. ڏٺو ويو ته يوڳه هلندي به پريمي هڪ ٻئي ۾ سُس پُس ڪري ڳالهائي رهيا هئا. پاٺ ڏانهن ته ڪنهن جو ڌيان به ڪونه هو! پر جڏهن يوڳه جي سماپتي ٿي ته سڀ اُٿي لائين ۾ بيٺا رومال چاڙهڻ لاءِ! رومال، هار، گُل وغيره گرنٿ صاحب مٿان چڙهي رهيا هئا! ٿوري ئي وقت ۾ هڪ وڏو ڍير رومالن جو ٺهي ويو! ستر اَسي رومال هڪ ٻئي مٿان سري گرو گرنٿ صاحب جي مٿان، جنهن کي اسين جاڳندي جوت ڪري ٿا سمجهون! پاٺ کان سوال پڇجي ته 'جي ڪو سچو شاريرڪ روپ ۾ سنت هجي ته اُن مٿان ايترو وڏو ڍير رومالن جي بوجه جو رکنداسين ڇا؟ ڇا اسانجي

هڪ صبوح سويل کي ستسنگي ساٿس ملڻ آيا. پر
هِي سنت ننڊ ۾ ڪونگهرا هڻي رهيو هو. ڏيري جي
ٻئي سنت اچِي ننڊ مان جاڳائي چيس، ’پائِي، اُٿو،
جلدي تيار هو جائو، تيري گُرو آئي هئہ.‘ هِي سنت
جلد ئِي سهِي سنيري، تلڪ لڳائي، مالها پائي ٻاهر
آيو. ڏٺائين تہ اٺ ڏهہ ستسنگي آهن. ويهِي ڪري
اُنهن کي اُپديش ڪرڻ لڳو، ’تہ آلس ۽ پرماد کان
پاسو ڪرڻ گهرجي، هميشه سڄاڳ رهجي، وغيره.‘ هِي
پريمي پيتائون رکِي، آسيس وٺي هليا ويا. تڏهن هن
ڪٿا ڪندڙ ٻئي سنت کان پڇيو تہ ’توهان پهرين
ڇا چيو؟‘ ڏيري جي سنت چيس، ’پائِي، پهرين ۽
پڇاريءَ ۾ آلس ۽ پرماد ڪريو ٿا. گهڻو وقت توهانجو
ننڊ ۾ گذري ٿو. فقط سنگت اڳيان ٺهي ٺڪي اچِي
وهو ٿا. اُنهن وڏن ماڻهن جو توهان کي جو پؤ آهي
تہ هو توهانجا گرو ٿيا! توهانجي اندر ڏيکاءَ جِي واسنا
آهي، باقِي آهي تہ آلس ۽ پرماد جِي اوندهہ، فقط
وچہِ سوجهري جو ڏيکاءُ. سائين اِهو ڪيترو وقت هلندو؟
وري اج اُپديش بہ توهان اُلٽو ڪيو.‘ اِن تي پهريون
سنت ڏاڍو شرمندو ٿيو ۽ ٻئي سنت کان معافِي ورتائين.

هنن وارتائن جو ارٿ اِهو ئِي آهي تہ فقط لوڪن
ي ڏيکاءَ ۽ راضپي واسطي ڪرم نہ ڪرڻ گهرجي. اِن
ان پاڻ پاکنڊ ۽ پاپ وڌي ٿو. ڏيکاءَ واريون عادتون پڪيون
ن ٿيون. سچو پوڙهيو ئِي پاڻيءَ ۾!

سڦسين سياٽپ ڪري - جيءَ جڏا ٿيا،
وينا ڳڻن وات سان - گيانَ، ڌيانَ، جَپَ، تَپَ،

نہ پئي ملي، جنهن ڪري دوستن يارن، مٽن مائٽن کان اُڌارا پئسا وٺڻ لڳو، پر اُهو بہ ڪيستائين؟ هاڻ دڪانن ۽ گهرن ۾ وڃي پنهنجو حال ٻڌائڻ لڳو، 'تہ بيماريءَ اچي ورتو آهي، ان سبب ڪم ڪري نٿو سگهان. توهين جيڪر ٿوري مدد ڪريو ڇو تہ ٻار ٻُڪر ٿا مرن!' ڏيا وس ڪجهہ وقت تائين ڪيس ڏان طور ڪجهہ نہ ڪجهہ ملندو رهيو. پر اُهو بہ ڪيستائين؟ آخر سيٺي هنڌان نراس ٿيو. پوڙهيو تہ پڇيس ڪونہ پيو. آخر هڪ ترڪيب سوچيائين. هڪ گيڙو ڊگهو چوغو ناراهي پاتائين. ڏاڙهي رکيائين. پنهنجي استريءَ ۽ سندس ساهيڙين دوارا پاڙي ۾ هُلايائين تہ 'ڪيس سائين بابا جو درشن ٿيو آهي ۽ گهر ۾ سائين بابا جي مورتيءَ مان وڀوتي پئي نڪري.' آهستي آهستي اِها خبر گهڻن ماڻهن تائين پهتي آهي. هاڻ تہ ماڻهو ڪيس گهر ويني پئسا، ڦل، اناج ۽ وستر وغيرہ پهچايو پيا وڃن. هيءَ بلڪل سچي وارتا آهي. سيٺي ڪي وڀوتيءَ جون پُڙيون ۽ ڪارا ڌاڳا ڏيندو آهي. ڪنهن نہ ڪنهن ڪي تہ ضرور ڪجهہ لاڀ ٿيندو هوندو، جئن لاٽريون تہ لکن ۾ وڪامنديون آهن، پهريون يا ٻيو انعام تہ ٻن ٽن کي ملندو آهي. پر البت انوسار ڪنهن بہ هڪ شرڌالوءَ کي ڳالهہ لڳي تہ هڪ بدران هزار پيا شرڌالو بڻجندا! اڄ زماني جي اِها چال آهي!!

(٣) هڪ مهاتما هرروز صبح شام نهي نڪي، تلڪ ڏيئي، مالهائون پائي اچي لوڪن کي اُپديش ڪندو هو. ليڪن ڪتا ڪرڻ ڪانپوءِ ڪائي سڌو وڃي سمهي پوندو هو.

رهي سگهندي؟ ڪام واري پرش کي ڪنهنجو لڄ شرم نہ ٿيندو آهي اِهو سوچي ڪري ترار سان هن جو سِرُ لاهي ڇڏيائين. اڳتي ڪوٺائي ڪندي، وري هڪ سهڻي سندر اِستري نڪري آئي. هن پڇايو سندس نالو ’ديا‘ آهي ۽ نواس مُکہ ۾ آهي.‘ غريب ويچاريو ’هيءَ ڏاڍي سشيل سڀاجهي اِستري آهي. هيءَ هوندي تہ گهٽائي اُپڪار جا ڪاريہ ڪري سگهبا، انڪري هيءَ پلي ساڻ هجي.‘ وڌيڪ ڪوٺائي ڪندي هڪ پرش نڪتو، جنهن پڇايو تہ هو ’ڪروڌ‘ آهي ۽ سندس نواس مُکہ ۾ آهي. درويش جي هدايت ياد ڪري ترار سان هن جو بہ سِر ڪاٽي ڇڏيائين. اڳتي ڪوٺائي ڪيائين تہ ٽين سندر استري نڪري آئي، جنهن پنهنجو نالو ’ڪيرتي‘ پڌايو ۽ ٻڌائين تہ سندس نواس هرديہ ۾ آهي. نيڪ پنيان هڪ پرش نڪتو جنهن چيو، ’مان لوڀ آهيان، منهنجو بہ نواس هردو آهي. غريب خيال ڪيو تہ ’ڪيرتيءَ سان ڪنو لوڀ ڪٿن رهي سگهندو؟‘ اِهو سوچي تلوار سان لوڀ جو سر بہ لاهي ڇڏيائين. آخر ۾ ڪوٺائي ڪندي چوٿين روپوان اِستري نڪري آئي، جنهن پنهنجو نالو ’ڌرتي‘ (ڌيرج) پڌايو. ٻڌائين، منهنجو نواس ’ٻُڌيءَ‘ ۾ آهي. اِن پنيان هڪ پرش بہ نڪري آيو. سندس نالو ’موهہ‘ هو. درويش جي هدايت ياد ڪري تلوار سان هن جو بہ سِر لاهي ڇڏيائين. اڳتي ڪوٺائي ڪندي هڪ شاهي خزاني جي ديگہ هٿ آيس، جنهن کي ڏسي هيءَ غريب ڏاڍو خوش ٿيو. خزانو ۽ چئني اِسترين کي ساڻ وٺي گهر آيو. سندس اَيلاشا پورن ٿي ۽ آنند ۾ گذارڻ لڳو.

هي درشٽانت پڙهي سيڪو چوندو تہ، ’اهڙو مهاتما جيڪر

جاڳي پنهنجي جيءَ مون - ڪين ڪين ڪَلَپَ،
سامِي جئين سَپَ - وِڪُ ويڙهي وياڪُلُ ڪيا.

ڳولهہ، ڳولهہ تہ لهين خزانو!

هڪ دکي غريب اِنسان روزيءَ روٽيءَ لاءِ در در ڀٽڪيو. گهڻي وقت ڀٽڪڻ کانپوءِ هڪ درويش سان ملاقات ٿيس، جنهن سان پنهنجو دکہ جو داستان اوريائين. درويش ديا ڪري ڪيس اٿاهہ ڌن حاصل ڪرڻ جو ڏس ڏنو. درويش ٻڌايس تہ 'بن ۾ هڪ قلعو آهي، اُتي پاڻ سان هڪ ڪوڏر ۽ تلوار کڻي وڃ. ڪنهن خاص هنڌ تي وڃي کوٽائي ڪر. اُتي توکي خزانو هٿ لڳندو. کوٽائي ڪندي ڀرياڻين کي سندر سوپياوان اِستريون نظر اينديون، جن کي پاڻ سان گڏ رکجانءِ، اُن بعد ڪي پرش نظر ايندا تہ تلوار سان اُنهن جو سِرُ لاهي ڇڏجانءِ. آخر ۾ کوٽائي ڪندي خزانا حاصل ٿيندءِ.' درويش جي هدايت مطابق هِي غريب اِنسان هڪ ڪوڏر ۽ تلوار کڻي بن ڏانهن روانو ٿيو. گهڻو اندر وڃي هڪ مٿاهين هنڌ تي کوٽڻ شروع ڪيو. کوٽيندي کوٽيندي برابر هڪ روپوان لڄاري اِستري نڪتي. پڇڻ تي جواب ۾ چيائين، 'مان لڄا آهيان ۽ منهنجو نواس اکين ۾ ٿيندو آهي.' مهاتما جي هدايت ياد ڪري هن کي پاسيرو وهاري وري کوٽائِي شروع ڪيائين تہ يڪانڪ ڇهري وارو هڪ پرش نڪري آيو. پڇڻ تي ٻڌايائين، 'مان ڪام آهيان ۽ نيترن ۾ منهنجو نواس آهي.' هن غريب ويچاريو جي هيءُ نيترن ۾ رهندو تہ لڄا ڪٿن

سکر سمپتيءَ ۾ موھہ بہ کونہ ٿيندو. اھڙو پرش ھميشه
ڌيرجوان ۽ سينل سياءَ جو ھوندو آھي. جنھن منش ۾
مانوتا جا گُڻ ۽ خاصيتون کونہ آھن، اُھي پسُن جي برابر
ئي آھن. اھڙي درجي جا جيوَ اکثر گھٽا ملندا. منش
اکثر ٽن قسمن جا آھن. ھڪڙا وشيش ٻُڌيءَ وارا جيکي
ھروقت منش جيون جي رھسيہ جي کوج ۾ لڳا رھن ٿا.
ھو آتما روپي امرت پيِ، اندر جي آگہ ٻجھائي منش
جيون سڦل ڪن ٿا. ٻيا جيوَ آھن جيڪي فقط ھن جڳت
جي جڙ پدارٿن جو رسُ ماڻين ٿا. ھو ائين ئي ٿا سمجھن
تہ ھيِ جيون آھي رڳو کاءُ پيءُ عيش ڪر ۽ موَج ماڻ.
ٽئين قسم جا جيوَ ھميشه پاپن ۾ ئيِ ڦاٿل آھن. لوڪن
کي لُٽي ڦري غلط طريقي سان ڌن ڪنو ڪري ھر پرڪار
جا شاريرڪ ڀوڳ ڀوڳين ٿا. اھڙا جيوَ نہ ھن لوڪ جو
سُکہ ماڻين ٿا نکو پرلوڪ جو خيال رکن ٿا.

ھڪ ودوان گياني مھاپرش ھو. اُن کي چار پُٽ ھئا.
ھن مھاپرش نندي ھوندي کان ئي پنھنجن پُٽن کي گيان
مارگہ ۾ لڳائي، ويدن شاسترن جو خوب ابياس ڪرايو. پر
ھرڪنھن جي ٻُڌيِ، سمجھہ، پنھنجي گُڻن انوسار ئيِ ٽئي
ٿيِ. جنھن دواران ئيِ اھڙو علم گرھڻ ڪري ٿو. ھڪ
پٽ استر ششتر جي وديا گرھڻ ڪئيِ. ٻيو شاسترن جي
ڪيترن ئيِ سوترن کي ڪنٺ ڪري ويو. ٽيون وَڪتا ٻڻجيِ
خوب وياکياڻ ۽ واد وواد ۾ پربيڻ ٿيو. چوٿون وڏو دانيِ،
پراُپڪاري ٻڻيو. گھڻي وقت کانپوءِ ھن مھاپرش چئني کي
پاڻ وٽ گھرائي سندن ٻُڌيِ، ٻل جيِ پرک ڪرڻ چاھيِ.
پھرئين پٽ کان پڇيائين، ’ٻچا، تو ۾ ڪيترو ٻَلُ آھي؟‘

اسانکي بہ ملي جو اسين اهڙيون سندر اِستريون ۽ خزانو هٿ ڪريون!' پر سچ تہ هن جڳت روپي بن ۾ هرهڪ شرير هڪ قلعو آهي. جڳت ۾ دکن ڪشٽن جون نوڪرون ڪائِي جيڪو آنند روپِي خزانو هٿ ڪرڻ چاهي ٿو، اُهو مهاپرشن ڪان سکيا وٺي اپياس دواران پنهنجي اندر جي ڪوٺائِي (ڪوچ) ڪري ٿو. نيترن ۾ لڄ، شرم ۽ حياءُ بہ آهن تہ ڪام واسنا بہ آهي. اڪثر نيتر برائيءَ ڏانهن ئِي گهلي وڃن ٿا. اڄ سنسار ۾ ڏسبو تہ چارون طرف خراب واسنا سان پرپور چتر، درشيہ ۽ اڊنگا پهريل وسترن وارا شرير شرم حياءَ جو ليڪو لنگهي واسنائن جي وهڪري ۾ تکِي رفتار سان سڀ ڪنهن کي گهلي پيا وڃن. ورلو ڪو لڄ شرم جي ليکي اندر آهي. ڪروڌ تہ اصل ڪنڌ تي بيٺو آهي. هي جو سنسار ۾ هيڏا جهيڙا، تڪرار ۽ لڙايون ٿِي رهيون آهن، اِهي سڀ ڪروڌ جي ئِي ڪارڻ آهن. ديا جو اصل ذڪر پئجِي ويو آهي. ڪيرتِي يعنِي جَسُ! هن جيون ۾ سٺا ڪرم ڪري جس حاصل ڪرڻ ڪنهن ورلي منش کي اِها رمز اچي ٿِي. هر ڳالهہ ۾ لوڀ جو واسو آهي. ترپتِي ڪنهن کي ڪونهي! نہ ڪو ڌيرج ئِي ڪنهن کي آهي.

جيتوڻيڪ هِي ڳڻ مانوتا جا آهن ۽ هرهڪ منش ۾ مؤجود آهن. هرڻ جي ڏُنَ ۾ ڪستورِي آهي. پر اڻڄاڻائيءَ ڪان هوُ ٻاهر پيو اُن کي ڦولهي. لڄ شرم منش ۾ هوندو تہ ڪوٺن ۽ عيبدار ڪرمن کان پيو ڪنُ ڪائيندو. ديا جو ڳُڻ هوندس تہ هميشه دکين دريدرن جِي شيوا ڪندو ۽ ڪيرتِي حاصل ڪندو. سٺن ڪرمن ڪرڻ ڪري سندس ٻاهرئين

ڪ آدرشوادي ۽ صبر ۽ سنبهہ جو مجسم روپ بڻجڻ
گهرجي.‘
هاڻي چوٿين پُٽ جو وارو آيو. هن چيو تہ، ’پتا، مان سمجهان ٿو تہ ديا دان ئي مکيہ گُڻ آهي. غريبن، لاچارن، بيواهن، بيمارن ۽ اپنگن جي شيوا ڪرڻ ئي سچو ڌرم آهي. شاسترن مان اِهوئي سکيو آهيان تہ سڀ جيوَ پرماتما جا روپ آهن. اِن ڪري شيوا ڪرڻ ئي هرهڪ منش جو وشيش ڪرم آهي.‘ پتا هن پُٽ جي ڳالهہ ٻُڌي ڏاڍو خوش ٿيو. پر تڏهن بہ پُٽ کي چيائين، ’بچا، تو برابر شاسترن جي سکيا کي صحيح سمجهيو آهي. پر تہ بہ اهنڪار ۽ ايمان کان پاڻ کي بچائڻو آهي. مانُ، عزت، سنمان ۽ آدر جي بُکہ اڪثر سيني کي رهي ٿي. وري دان ڪري ڦل جي اِڇا بہ هرڪو رکي ٿو. اِن ڪري بچا اِنهن لالچن کان هردم پاڻ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪجانءِ. ائين ڪرڻ سان توکي مها مانو بڻجڻ جو شرف عطا ٿيندو. ياد رکہ تہ انهن مانوي گُڻن کانسواءِ منش هڪ پسوءَ جي برابر ڌرتيءَ تي هڪ بوج آهي. منش اُهو جو پنهنجي اوکہ ڊوکہ ڪري! پنهنجي پرک ڪري پاڻ ۾ پيهي پنهنجي گُڻن جو خزانو ڳولهي. هن وشو وياپي آنند مئہ جڳت اندر سونهن ۽ سوپيا ڦهلائڻ لاءِ ايشور جو هڪ هٿيار بڻجي! ڪوبہ منش اوچو ۽ مهان پنهنجي گُڻن ڪري ئي ٿيندو آهي. ڌن پدارت، سَنمان يا سمپتيءَ ڪري اڄ تائين ڪوبہ اوچو يا مهان ٻڻجڻ ۾ ڪين آيو آهي. مرڻ کانپوءِ اُنهن کي ڪير ياد بہ ڪونہ ڪندو آهي. پر ايشوري گُڻن وارا اِنسان امر بڻجي وبندا آهن. جڳن

پُٽ جواب ڏنو، ’ڪبترا ٻہ ماڻهو گڏجي مون تي حملو ڪن تہ مان اُنهن کي ڏَسي اڪيلي سر، ماري مڃائي سگهان ٿو.‘ پنا چيو، ’ٻچا، شاستر چون ٿا اول تون پاڻ کي جيت، پوءِ ٻيا ازخود اچي توکي پيش پوندا. مهاپرشن ۾ ڪيڏي شڪتي آهي جو هزارين لکين جيوَ اچِي اُنهن اڳيان نِمن ٿا. ٻاهرين بهادريءَ کان بهتر آهي اندرين بهادري، جنهن سان تون من ۽ اندرين کي وس ڪر!‘

ٻئي پُٽ کان سوال ڪيائين، ’پُٽ، شاسترن مان تو ڇا پرايو آهي؟‘ پُٽ جواب ڏنو، ’مونکي ڪيترائي سوتر ڪنٺ آهن ۽ ٻنا هبڪ جي اُهي اُچارڻ ڪري سگهان ٿو.‘ پيءُ چيو، ’ٻچا، اِها سٺي ڳالهہ آهي، پر علم سان گڏ عمل ناهي تہ محنت ئي اَجائي. سوترن ۾ جيڪا سکيا ڏنل آهي، اُها جي عمل ۾ نہ آندي تہ رڳو عامل ٿيڻ سان ڇا ورندو؟‘

ٽئين پُٽ کان پُڇڻ تي اُتر مليو، ’مان وڏو وڪتا ٿيو آهيان. تمام سندر وياکيان ڪري سگهان ٿو.‘ پيءَ چيو، ’عمدا ۽ وٽندڙ واڪ چوڻ ۽ ٻين جي دلين کي ڇڪڻ مان ڪهڙو لاڀ ٿيندو؟ رڳو ٻڌندڙ ڪٽِي ساراهہ ٿنا ڪندا. اُن مان تہ پاڻ اهنڪار وڌندو. هڪ ناچٽِي ٻہ لوڪن کي موهي سگهندي آهي. وَڪتا اُهو جو ٻين جو ڀلو ڪلياڻ ڪري سگهي. باقي پنهنجِي هوشياري ۽ وِدوَتا ڏيکاري پنهنجو جلوو ڏيکاري واهہ واهِي هٿ ڪرڻ مان ڇا هڙ حاصل ٿيندو! وڪتا ٻِجي پر ٻين جي ڳِلا يا نڪتچيني نہ ڪجي. ڪنهن جي راءِ کي غلط ثابت ڪرڻ جِي ڪوشش نہ ڪري. ٻُڌيءَ انوسار هرڪو پنهنجي ليکي برابر آهي. وَڪتا کي

طرح پاڻ سان سچا ڪيترا ٿي سگهندا! اهڙا بهادر ۽ همت وارا ڪيترا هوندا جو پنهنجا اوگڻ، بڇڙايون ۽ ڪوٽايون قبول ڪن؟ راند آ خيالن جي ساري! اِنهن خيالن جي آ ڪئي خواري! سڀ خيال گُم ڪرا! پنهنجو پاڻ ۾ گُم ڪرا! بيو ڪَمُ نہ ڪَرِ!!

پِرين سي پَسَنِ - ٻَئي جِنِي ٻُوٽيون

ساڌڪ سوال ڪيو گروءَ کان، 'سائين، ڌيان مهل منُ الائجي ڪيڏانهن پيو ڊوڙي. ڪهڙا ڪهڙا خيال اچيو من کي گهيڙين. هڪڙا ڦرٽا ٿا لهن تہ ٻيا ٿا اچن. ڪئن من کي ڌيان ۾ جوڙجي. اهڙي جي ترڪيب ٻڌايو تہ ابياس ڪري ڌيان جو آنند ونجي.' اڪثر هر ساڌڪ يا ڌيان ابياسيءَ جي اِهائي شڪايت هوندي آهي. ڌيان مهل من جي پروڙ پوندي آهي تہ من جون عادتون، سياءَ ۽ سنسڪار ڪهڙا آهن! عام طور گهڻن ماڻهن کي اِها پرانتي آهي تہ اڪيون پوري ڪنهن مقرر آسڻ ۾ وهڻ ئي ڌيان آهي. اِن ڳالهہ ۾ گهٽا دوکو کائي ويندا آهن. ڪن ڪن تي اهڙا بہ اثر وڌا ويندا آهن تہ ڌيان مهل روشنيون انيڪ رنگن جون ۽ ڪيترا روپ ڏسي سگهبا آهن. حقيقت ۾ اِهو سڀ مانسڪ پرڀاوَ جو اثر هوندو آهي.

ويدانت ۾ ڌيان ستين درجي تي آهي. جئن ٻار کي دنيوي وديا پرائڻ لاءِ اول نَرسِري پوءِ پرائيمري (اوائلي)، اُن بعد ماڌيم (سيڪنڊري) ۽ آخر ۾ ڪاليج مان لنگهڻو پوندو آهي، تئن ئي ڌيان جي ڏاڪي تي پهچڻ لاءِ،

جا جُڳهه ياد رهندا آهن ۽ اُنهن جي پوڄا ٿيندي آهي.
هرهڪ منش جي انتهڪرڻ ۾ هڪ شڪتي آهي، جنهنکي چيتنا شڪتي ڪونجي ٿو. منش ۾ پرورتي جو گُڻ آهي ته نورتيءَ جو پڻ! پروِرتي معنيٰ ڪرمن ۾ لڳو رهڻ، نورِتي معنيٰ ڪرمن ڪندي به نرليپ يعنيِ مُڪت رهڻ. منش جيون ۾ اِهي ٻئِي گُڻ گڏوگڏ هڪڙي ئي مقدار ۾ هلندا ته هن آنند مئه جڳت جو امرت سَهِجي ئي پي ڪري ڍاپجِي وڃبو.

هرهڪ منش ۾ اُنتيِ ڪرڻ جي چاهنا آهي. اِن اِچا کي ڪٽي وري منش جو جنم ته ملي ٿو پر هن مايا وِي سنسار ۾ پئدا ٿيندي ئي اِها مُول اِڇا وسري وڃي ٿي. جئن هرڪو اِنسان ڏک پاڻ مان پائي ٿو، شاريرڪ، مانسڪ يا ڪالپنڪ، تئن سک به پاڻ مان ئي پائي سگهندو. سينِي ساڌنن ۽ شاسترن جو پڙهڻ، ابياس ڪرڻ جو مقصد آهي ئيِ پاڻ کي سمجهڻ، پاڻ جِي تلاش ڪرڻ! جئن گهر جي صفائيءَ لاءِ گهر جِي ڪُنڊ ڪُڙڇ جاچبِي آهي. ڳولهي ڳولهي سنبيون وستو رکِي ۽ خراب، بنا ڳهرج واريون شيون ڦٽيون ڪندا آهيون. تئن جڏهن اندر کي ڦولهڻ شروع ڪنداسين ته بڇڙا سنسڪار، گنديون عادتون ۽ ڪنا ويچار سامهون ايندا، اُنهن کي تري ٻاهر ڪڍڻو آهي. جئن جئن اندر ڳهڙو وڃبو تئن پنهنجِي پروڙ پوندي ويندي. ’مار! هي ڪهڙا ڪهڙا ڪُهنا اڻوٽندڙ سنسڪار آهن جيڪي اندر ۾ واسو ڪري وينا آهن! اِنهن کي نيڪالي ڏبي ته شڌ ۽ نرمل گُڻ ازخود ٻاهر نڪري ايندا ۽ حياتيءَ ۾ سچِي ترقِي ڪرڻ ۾ واهر ملندي.‘ سوال آهي ان

هرروز نيم سان شڪول ويندو. هڪ منٽ به دير ڪندو
ماستر جي دٻ کائيندو. ان طرح ساڌڪ کي نيم مقرر
ڻ گهرجي سو به هرروز جو! هڪڙو ڏهاڙو گسائڻ سان
ن ڏينهن جي اڀياس جو نقصان ٿيندو آهي. زندگيءَ
ڪنهن به ڪاريه لاءِ جيڪي نيم جا پڪا هوندا آهن
ن کي سهجي سڦلتا ملندي آهي. هي بنيادي اُصول
ون جي هر ڪاريه ۾ سهايتا ڪن ٿا.
ٿيون ڏاڪو آهي آسڻ. ٻار کي اسڪول ۾ داخلا ملڻ
ن ئي ڪيس وهڻ جو مقرر آستان (بينچ) ڏنو ويندو
ي. نيڪ ان طرح ساڌڪ گهر جي اندر يا ڪٿي به
ڪ آستان مقرر ڪري ۽ هڪ آسڻ ۾ وهي. آسڻ آهي
رير کي ضابطي ۾ رکڻ. ڌيان مارگ جي شروعات ٿيندي
ن ٿئي ٿي. پهرين شرير کي وس ۾ آڻڻو آهي. هڪ
ڻ ۾ استر ٿي ويهجي، بنا چُرپُر جي. اول ٿورو وقت،
ءِ وڃجي وڌائيندو. اِهي ٽي ڏاڪا آهن پنهنجي ٻاهرئين
اورڻ، وهنوار ۽ شرير کي وس ۾ آڻڻ جا. ساڌڪ کي
ستائين پريشرم ڪرڻ ۾ ڪافي سمي لڳي سگهي ٿو. مدار
ي ٿو پنهنجي پنهنجي لگن تي. جي لگن ۽ محنت
چي آهي ته اِن جو ڦل به جلد ملندو. ايستائين پهچڻ
د سواس جي گتيءَ کي وس ۾ آڻڻ لاءِ پراڻايام جو
ڪو آهي. هن ڏاڪي تي تمام ڌيرج ۽ صبر جي ضرورت
ي. ڪنهن ودوان يا اَڀياسيءَ کان هدايتون وٺي ڪري
ي سواس جي سمرٿي سوربي ته هني ئي خوب آنند
ڻ لڳندو. هن اڀياس سان صحت به تمام سٺي رهندي
ي. هي اڀياس جي حياتيءَ پر ڪندو رهجي ته شرير

يَمِ، نِيمَ، آسڻ، پراڻايام، پرتياهار ۽ ڌارڻا ڏاڪن تان چڙهڻو پوندو آهي. اينرن ڏاڪن جي چڙهڻ بعد ئِي من ڌيان ۾ جُڙي آخرين ڏاڪي سماڌيءَ ۾ استت ٿيندو آهي. پهريان ڏاڪا ڇڏي ڇلانگ ماري ڌيان جي ڏاڪي تي پهچڻ مشڪل آهي.

عام طور هرهڪ منشيہ شرير جي هيٺين حواسن ۾ نواس ڪري ٿو. منش جي پهچ پيٽ تائين آهي. هو جيڪي ڪجهہ سنسار ۾ ڪاريہ ڪري ٿو، اُن جو لڪش ڪيول پيٽ پالنا ۽ اندرين جو سُکہ ماڻڻ ئِي آهي. سمورو جيون تہ ڇا پر اِن ڪان اڳہ حياتين ۾ بہ منش پالنا، سنتان ۽ سکہ سمپتيءَ تائين محدود پئي رهندو آيو آهي. اِهي جنم جنم جا سنسڪار ۽ ويچار هڪ خزاني جي روپ ۾ انتهڪرڻ ۾ دبيا پيا آهن، ڌيان ۾ وهڻ مهل درشٽي اندر ورائبي آهي تہ اِهي ئِي سنسڪارن، ويچارن ۽ وِرتين جا ڦرڻا اچي ويڙهيندا آهن.

ڌيان آهي آتما جو نِريڪشڻ! آتما هر منش جي من دواران اِندرين ۾ قائل آهي. جيتوڻيڪ اِندرين، من ۽ شرير کي سٺا آتما ئِي ڏئي ٿي. ان ڪري اول اول ٻاهرئين وهنوار کي شڌ رکڻو پوندو. جيون جو نِرواهہ سچ جي آڌار تي ڪرڻو پوندو. سچ ڳالهائڻ، سچو وهنوار، سادو ۽ ساتوڪِي ڀوڄن کائڻ وغيره. سنگہ جو بہ ڌيان رکڻو پوندو ڇو تہ جهڙو سنگہ تهڙو رنگ. سٺن ماڻهن جو سنگ ڪرڻو پوندو. ڪوڙن ۽ برن ويچارن وارن مترن يارن توڙي سنبنڌين جو تياڳہ ڪرڻو پوندو، اِن کي يَمُ چئجي ٿو.

ٻيو ڏاڪو آهي نِيَمُ. جئن ٻار کي سڪول ۾ داخلا ملي

ئر، خيالي پوڄا، ڀڄن ڪيرتن وغيره. پنهنجي اِشٽ
يا سنگروءَ جو خيال ڪجي. خيالن دوران اُن ڪان
ڪائون پُڇجن! ويساهه سچو آهي تہ خيالن دوران جواب
ملندا آهن. اگر اِهو نيم جاري رهيو گهٽي وقت تائين
من جو ماحول ازخود بدلجي ويندو. ٻڇرا ۽ خراب
چار، وڪاري واسنائون پاڻمرادو مٽي وينديون. ليڪن حياتيءَ
اِهو نيم ڪندو رهجي. ڇو تہ من جو وشواس اصل
ڪجي، ڪنهن محل بہ وڪار ۽ واسنا داخل ٿي سگهي
ن.

هڪ مهاتما پاڻ وٽ هڪ ٻِلي پالي هئي. مهاتما هرروز
نديا ويلي پاٺ ڪندو هو. ٻليءَ کي اهڙو اڀياس ڪرايو
ائين جو اکيان وهاري سندس مٿي تي ڏيئو رکندو هو.
ي تيسين شانت وِني هوندي هئي جيسين مهاتما پاٺ
رو ڪري. هڪ ڏهاڙي ٻيو هڪ مهاتما هن پهرئين مهاتما
ن گڏجڻ آيو. خوش ٿيندي هن پهرئين مهاتما چيو،
ائين ڏسو ڪئن نہ هن ٻِليءَ کي وس ۾ ڪيو اٿم!
ٺ ڪندي سندس مٿي تي ڏيئو رکان تہ اصل چُري
نہ!' مهمان مهاتما کلي ڏنو. چيائينس تہ، 'اهو سياڻي
مائبو.' ٻئي ڏهاڙي تي مهمان مهاتما توال ۾ هڪ ننڍڙو
وئو ڪٽي آيو ۽ وِني زمين تي اُڇلايائين. ٻلي ڪوئي
ي ڏسي هڪدم ڪوئي پنيان ڊوڙي، ڏيئو پٽ ۾ ڪري
و.
اِن طرح هر وقت ساڌنا ۾ سجاڳ رهڻو پوندو آهي.
ٺ ۽ اهنڪار اصل نہ ڪجي نڪو دعوٰي سان ڏيان اڀياس
ي هام هڻجي.

هميشه نِروڳ رهندو آهي. البت پرالبڌ جا ڪشٽ ايندا ته به اندر ۾ آنند هوندو. اِن چوٿين ڏاڪي بعد آهي پنجون ڏاڪو پرتياهار. هيءَ من جي محنت آهي. پهريان چار ڏاڪا چڙهڻِ اچڻ بعد هن محنت ۾ وڏي مدد ملندي آهي. من اندر جنم جنم جا ڪنا ڪيل سنسڪارن ۽ ويچارن روپي ڪچرا ڪڍڻ ۾ سهاينا ملندي آهي. اندر پاڻ کي جاچڻو آهي. وير، وروڌ، واسنائون، حسد، تيسو، ساڙو پڇو، اهنڪار وغيره روپي وڪارن کي تڙي ٻاهر ڪڍبو. هتي سنن ويچارن کي خود پاڻ جنم ڏيڻو پوندو آهي. هيءَ من جي ڪنور ساڌنا آهي.

هڪ ڀيري سوامي رامانند هميشه جي طرح پنهنجي ششن سان گڏجي ڌيان اڀياس ۾ وينو هو. ڌيان ۾ اندر ئي اندر سوامي رامانند پنهنجي اِشٽ ديو جي پوڄا ارچنا ڪندو هو. اُن ڏينهن پوڄا، آرتي، اڀشيڪ ڪرڻ بعد وستر پهرائي، جڏهن اِشٽ ديو کي هار تي ڳلي ۾ وڌائين ته هار نندڙو ٿي پيو. ڳلي ۾ وڃي ئي نه! ڏاڍو اچي پريشان ٿيو. آخر ويچار ڪري جڏهن مُڪٽ لاهي تي هار پاتائين، تڏهن سيني ششن مان وينل ڪبير صاحب رڙ ڪري چيو، 'گرديو مُڪٽ مَتِ اُتارو. هار کو توڙ کي ڳلي ۾ پهنائو، اؤر پيڇي سي جوڙو.' سڀ وينل شش وائڙا ٿي ويا. هيءَ ڳالهه فقط سوامي رامانند ۽ ڪبير صاحب ئي سمجهي. ٻنهي گڏجي فقط مسڪرايو.

ان طرح، من ليکي ڌيان ۾ وهڻ سنسار جي سيني ٻنڌنن، فڪرن، ڦرڻن ۽ ويچارن کان من کي آجو ڪري پنهنجن آتمڪ ويچارن کي پئدا ڪجي. خيالي مندر، خيالي

. تن جي شبوا آهي ٻين جي مدد ڪرڻ، ٻين جي
ين ڪمن ۾ بنا ڪنهن اُجوڙي جي واهر ڪرڻ. ڏن
ن شبوا آهي غريبن جي سار سنڀال لهڻ. شڪول، اِسپتالون،
مشالائون، وغيره ناراهڻ. سماج ۾ کھڙي ڳالھ جي ڪوت
ي، اُها پوري ڪرڻ. من جي شبوا آهي سيني جو پلو
هڻ ۽ پريم، همدردي ڏيکارڻ. پاڻ کان وڏيڪ ٻئي جي
ھ جي ڪامنا ڪرڻ. سنجم جو مطلب آهي پنهنجين
ندرين کي ضابطي ۾ رکڻ. اِندريون آهن رٿ جي گھوڙن
نگز. گھوڙن کي وس ۾ نہ رکبو تہ هلي ڪنهن کڏي
نڪاءُ ڪرائيندا. اڄڪلھ مرضن جو مُول ڪارڻ آهي
ي اِندرين جو آواراپڻو. اِندرين جا غلام نہ پر مالڪ بڻجي
نهنجي حڪم سان هلائڻ گھرجي. ساڌنا جو ارٿ آهي
ہ هرروز ڪيترا بہ ڪم هجن، مقرر وقت بچائي پوڄا،
ات، يوگہ اڀياس ضرور ڪجي. عمر وڌندي ساڌنا جو وقت
ڌائيندو رهجي. آخر ۾ آهي سواڌياءَ! جنهن جو ارٿ
هي، 'آتم نريڪشڻ'. جئن چترڪار گھڙيءَ گھڙيءَ پريان
هي پنهنجو نڪتل چتر پيو جاچيندو آهي، تئن وقت
ہ وقت ڪوشش ڪري گذريل جيون جو پوتاميل ونندو رهجي.
نهنجن ڪيل ڪمن تي ويچارجي. پوءِ اُهي چاهي ڀلا
هجن يا بُرا! پاڻ کان پڇجي تہ، 'منش جنم جا لاءِ
ليو آهي؟ جيڪي ڪجھ ڪريون پيا اُهو منش جنم لاءِ
وگيہ آهي يا نہ! سنساري سُک سمپتيءَ مان آخر ڇا هڙ
حاصل ٿيڻو آهي؟ ڇا هي جيون ڪنهن جي ڪم اچي
سگھيو آهي؟ هيتري ڌن پدارٿ هوندي ڪنهن غريب لاچار
جي شبوا ڇو ڪونہ ڪئي اٿم؟ اگر ٻيو جنم مونکي گھوڙي،

ڏيري ڏيري ڪنهن پُٽڪيو ڪنن ۾
جنهنڪي تون ڳولهين بنن جهنگلن ۾،
سو تہ منا آهي تنهنجي اندر ۾!

اِندرين کي اَندرئين طرف وڻي وجڻ کي ئي پرتياهار چئبو آهي. اندر وڃِي جڏهن سڀ اِندريون هڪ مرڪز تي گڏ ٿين ٿيون، اُن کي ڌارڻا چئبو آهي. اِتي هڪ مهاشڪتي پئدا ٿيندي آهي جنهن ۾ من سچو ڪيندرت ٿيندو آهي. من جي ان طرح هڪ تڪ ٿيڻ کي ڌيان چئبو آهي. باهريون وِرتيون ئي جڏهن اندر وڃِي هڪ هنڌ گڏجن ٿيون تڏهن ئي اِن ڌيان ۾ سڦلتا مِلي ٿِي. مطلب تہ ڌيان لاءِ من جو ايڪاگر ٿيڻ ضروري آهي. باقي جيسين وِرتيون پکڙيل آهن، باهرئين سنسار ۾ ڦهليل آهن تيسين هن مارگ ۾ پورڻ سڦلتا ڪونہ ملندي. گهڻا چوندا آهن تہ 'ياڻي ڪلجُڳ ۾ هرڪو اِنسان موهہ مايا ۾ ڦاٿل آهي. اِهي ڳالهيون عام آدميءَ لاءِ مشڪل آهن.' وهنواري سنسار ۾ علم ۾ اڪابر سڀ ڪونہ ٿا ٿين. لڪن ۾ ڪو هڪڙو ڊاڪٽر يا وڪيل ٿو ٿئي. جڙ پدارٿن جي کوج ۾ بہ ڪروڙن ۾ ڪو ڪو ڪامياب ٿو ٿئي. پوءِ هن اَڌياتم ساڌنا جو کهڙو ذڪر ڪجي!

عام ماڻهوءَ لاءِ بہ سؤلو اُپاءُ آهي، اگر ڪو ڪري! اُهو آهي، 'ستسنگ، شيوا، سنجم، ساڌنا ۽ سواڌياءِ'. روزانو نيمائتو ستسنگ ڪرڻ سان من تي اثر ٿئي ٿو. ويد شاسترن جون سکيائون مهاپرشن جي مُکہ مان ٻُڌي جيون سڌري ٿو. پر ستسنگ سان شيوا بہ ضروري آهي. شيوا ڪرڻ سان من جو اهنڪار دور ٿئي ٿو. شيوا تن، من ۽ ڌن سان ٿئي

س ۾ جُڙندو ۽ آتم ساڪياتڪار جي يوڳيہ بڻجندو ۽
ن جي پرم لڪش کي پراپت ڪندو! اوم شانتي!
سِڪَ ساڪا ڀَڳتِي ڪيئِي - ڪيشؤ ڪيئو نہ ميتُ!
چَلي ٿي هرِي مِلَنَ ڪو - بيچِي اَنَڪِيو چيتُ!!

جيسبين ساهہ سرير ۾ - تيسبين ڪر پلو!

ديا ڌرم جو مُول آ، پاپ جو مُول ايمان
تُلسِي ديا نہ ڇڏجانءِ، جيسين تن ۾ پران!

ديا جو انگُ هرهڪ ڌرم جي منش ۾ ملندو. پرماتما
ن جڳت جي اهڙي تہ سندر ويوَستا ڪئِي آهي جنهن
و ڪو انت ڪونهي. هڪ طرف منش پرالبڌ جا ڪشت،
ہ ۽ پيڙائون ڀوڳي ٿو، ٻئي طرف پرشارت ذريعي منش
پ ڪرم ڪري، دکين دريدرن جي شيوا ڪري سگهي
. ڪنهن مصيبت ۾ مَبتلا جي سهايتا ڪرڻ، ڪنهن دُکِي
ن سان همدردي ڪرڻ، ڪنهنکي تڪليف ۾ تڪيو ڏيڻ،
ڪنهن پيڙا ۾ ڦاٿل کي مدد ڪرڻ، اِهي سڀ ديا جا
نگہ آهن.

پرماتما وٽان مليل پئسي پدارٿ مان دان ڌرم جو جذبو
رهڪ منش ۾ هئڻ جڳائي. من کي وشال رکڻ کپي.
ڪلجڳہ ۾ پرماتما جو راضپو پائڻ لاءِ اِهو بہ هڪ رستو
ڻي جو هميشه ٻين جي سکہ جو اونو رکجي. اڳي ملڪن
ا راجائون ۽ حاڪم پرجا جو خيال رکندا هئا. اهڙا بہ
اجائون هئا جو رات جو ڇمراپوش ٿِي پرجا جي دکہ
ڪہ جي سار لهندا هئا. پر اڄ سمورو قصو ئي اُلٽو ٿِي

ڳڏهه يا ڪُتي ٻليءَ جو ملي ته؟' ائين آتم نريکشڻ ڪندي جنم جنم جا ٻچڙا سنسڪار نڪرندا ويندا.

ابياس سؤلو هجي يا ڏکيو پر ڦل رَهِتِ سان ئي ملندو. ٿورو ڪجهه من ڦولجي وڃي ۽ ساراه ثنا ٿئي، مان مشهوري ملي ته سچو پوڙهيو ئي پاڻيءَ ۾! اهڙي ابياس ڪندي به من کي هميشه نرمان ۽ نئڙت سان پرپور رکڻو آهي. 'رهڻي رهيو نه سُپرين کهڻي ڪبو ڪوهه.'

اڄ سنسار ۾ ڌيان Meditation لاءِ ڪيترو نه اُتساهه وڌي ويو آهي! ڪيترائي ڌيان ڪيندرَ مشهوري ڪري عام لوڪن کي آڪرشت ڪري رهيا آهن. ليڪن حقيقت ڪان پري اُهي نه سواڌياءَ ڪن ٿا، نڪو ويدانت جي اُصولن تي هلن ٿا. سڌي ڇلانگ ماري هن اوچي الوڪڪ شکر تي پهچڻ چاهين ٿا. هي دِويه اَمولڪ خزانو بنا محنت جي پراپت ڪرڻ چاهين ٿا. سمو اهڙو آيو آهي جو هن 'پرماتم تتو' کي پائڻ لاءِ به هرڪو Short cut چاهي ٿو. اِها ساڌڪن توڙي سيڪاريندڙن جي وڏي ڀُل آهي. هو اِن ڳالهه کي نظرانداز ٿا ڪن ته منش جي من تي انادي ڪال کان اگيان جو پردو چڙهيل آهي. منش ۽ ايشور جي وچ ۾ اگيان جي وڏي رڪاوٽ آهي. جنهنڪري سنسارڪ وشيه واسنائون، ٻُريون پرورتيون، غلط پرامڪ ويچار ۽ سڌانت اُپري رهيا آهن، جيڪي اصليت کان ڪوهه پري ڌڪي رهيا آهن. اِن لاءِ اول صحيح سڌانتن جو ابياس ڪري روزاني جيون ۾ اُنهن جو ويچار ۽ مَنَن ڪري جنم جنم جي پرانتين کي دور ڪرڻو پوندو. ٻچڙن سنسڪارن کي صاف ڪري من نرمل ڪبو تڏهن وڃي ڪري من ڌيان

سان گيان چرچا ٻه ڪندو هو. هڪ ڀيري راجا پوڇ هڪ سوال ڪيو ته، ’ڪهڙي ڪرم جي ڦل سروپ ڪيس هن جنم ۾ راجائي ملي آهي؟‘ راڄ دربار جا ودوان ۽ گيانوان گهڙي سوچ ۾ پئجي ويا. ڪرم سڌانت جا شاستر نچوريائون پر هن ڳالهه جو ڪوبه حَلُ ڳولهي ڪونه سگهيا. ڪجهه ڏهاڙن بعد هڪ وڏي عمر وارو ودوان راجا جي دربار ۾ آيو. راجا هن کان ساڳيو سوال پڇيو، ’ڪهڙي پڇ جي آڌار تي ڪيس هيءَ راجائي ملي آهي؟‘ هي ودوان وڏي ڪمائيءَ وارو ۽ اَنيوي هو. ڪجهه وقت ڌيان جي گهرائيءَ ۾ ڪوئجي ويو. ٻن گهڙين بعد ڌيان جي اوسٿا مان جاڳرت ٿي هن ودوان راجا کي سندس اڳئين جنم جي ڪٿا ٻڌائي.

’اڳلي جنم ۾ توهان ٻه ڀائر ۽ هڪ ڀيڻ هڪ شهر ۾ رهندا هئا. اُن نگر ۾ هڪ سال ڏڪر پوڻ ڪري ڪيترائي ڏينهن توهان بُک ڪڍي هئي. هڪ ڏهاڙي هڪ ياتري اُن طرف کان لنگهي رهيو هو. اُن کي توهان جي مرڻينگ حالت ڏسي قياس اچي ويو. پاڻ سان ياترا جي لاءِ کنيل پوچڻ مان توهان ٽنهي کي ٻه ٻه روٽيون ڏنائين. هٿ منهن ڌوئي جڏهن توهان کائڻ جي تيارين ۾ هئا ته هڪ بکاري بُک ۾ پاهُ ٿيندو ڪاڏي لاءِ ياچنا ڪرڻ لڳو. تنهنجي ڀيڻ، جا اُن وقت چوُنڪي ۾ ٻُهاري پائي رهي هئي، اُن هن بکاريءَ کي بار بار روٽي گهرڻ تي، غصي ۾ اچي ڪري مُنهن ۾ ٻُهاري هڻي ڪڍي. بکاري ڦري تنهنجي ڀاءُ وٽ آيو. پر تنهنجي ڀاءُ ٻه غصي ۾ اچي بکاريءَ جي ڌوتي جڪي لاٿي. هاڻ بکاري ڦري تو

ويو آهي. اڄ جا حاڪم پرجا کي ڏُکي ڪري ڏينهن رات پنهنجي سک کي سلامت رکڻ ۾ ويست آهن.

اڄ دنيا جي حالت ڇا آهي؟ اِهو پرتکش پيو ڏسجي ته اڄوڪي دنيا اڳي کان گهڻو پتني آهي. ڏينهون ڏينهن خرابيون ۽ بُرايون وڌن پيئون وڌنديون. اڃا به وڌي رهيون آهن ۽ اڳتي به انهن ۾ اِضافو ٿيندو ئي رهندو. ڪارڻ ته منش مان دان، ڌرم، ديا، سچائي، ايمانداري، هڪٻئي لاءِ پريم، هڪٻئي کي اوکي ويل سهاينا ڪرڻ جو ڀاؤ وغيره گُڻ غائب ٿيندا پيا وڃن. سؤ سال اڳ جيڪا جڳت جي اوسٿا هئي، اُها اڄ ڪٿي؟ اُهي گُڻ ڪٿي؟ اُهو آچرڻ ۽ وهنوار ڪٿي؟ پوءِ به اڄ جا منش چون ٿا ته دنيا ترقي ڪري رهي آهي.

ڏسو اڄ جي شاسڪن جا افعال. جڏهن به دئوي آپدائون اچن ته هڪڙا دياوان دان ڪن، مصيبت ۾ ڦاٿل ماڻهن لاءِ! پر اُهي شاسڪ، اُن دان جي پدارٿ مان به اجوڳو فائدو وٺن! ويجهڙائيءَ ۾ ڀوڪمپ جي پيڙتن لاءِ مليل سهاينا جا مال بلئڪيٽ ۽ ٻيا ڪينترا وستر مارڪيٽ ۾ وڪامي رهيا هئا. مليل رقم جو گهڻو حصو وچ ۾ ئي غائب ٿي ويو. هي ڪهڙو نه اَنرٿ ٿي رهيو آهي! جن کي انهن ڳالهين جي ڄاڻ آهي، اُهي به خاموش مُوڪ درشڪ بڻجي ڏسي رهيا آهن.

دان جو مهتو وڏو آهي. اِن جو ڦل به وڏو ۽ وشال آهي. راجا ڀوڄ، هڪ ڌرماتما ۽ نيائڪاري راجا ٿي گذريو آهي. ودوانن، سنتن، مهاتمائن جو تمام گهڻو سنمان ۽ قدر ڪندو هو. راڄ دربار ۾ ودوانن کي وهاري اُنهن

۾ ڪٽائي آيو. نُهن کي چيائين، ’هن جو اتو پيسائي پلي ساڌو سنتن کي ڀوڄن ڪرائجانءِ.‘ نُهن من ئي من ۾ چيو، ’خراب ڪڻڪ هيِ سڀين، دان جو پاءُ تہ من ۾ جاڳيو اٿس. ٻئي ڏهاڙي نُهن اِن اٽي جون روٽيون پچائي سهري کي ڀوڄن ۾ ڏنيون. جئن ئي گرهہ وات ۾ وڌائين تئن ٿوُ ٿوُ ڪري ٿڪِي ڪري ڇڏيائين. واکو ڪري نُهَن کي دٻايائين. نُهٽس نمرتا سان چيو، ’بابا، اڳتي لاءِ ٿي هير وجهانو! جيڪو ۽ جهڙو دان ڪبو اڳتي اهڙو ئي ملندو. ساڌن سنتن کي هھڙو خراب ڀوڄن ڪرائبو تہ پرلوڪ ۾ بہ اهڙوئيِ ملندو.‘ سيٺ جا ڪپاٽ کُليِ پيا. نُهَن کي هٿ جوڙي پيار سان چيائين، ’پُٽ، اڄ تو منهنجون اکيون کوليون آهن. هاڻي توکي هر طرح جيِ ڇوُٽ آهي، جيڪي بہ توکي دان پن ڪرڻو هجي، سو پلي ڪندي ڪر!‘

هر ڌرم جو موُل اُپديش آهي دل اندر ديا ڌارڻ. منش جيڪو منشينا جي درجي تي آهي، اُن جو هردو اينترو نرم هوندو آهي جو ٻئي جو ڏُک ڏسيِ سهيِ نہ سگهندو آهي. اهڙو منش هردم سهاينا، همدرديءَ ۽ مدد لاءِ تيار رهندو آهي. اِهي حقيقت ۾ مانوتا جا گُڻ آهن، جيڪي هرهڪ منش ۾ هئڻ جڳائن. ’شال سڀ جو خئر ٿئي‘ اهڙي ڪامنا ڪندڙ منش چولي ۾ ديوتا آهن. هي جڳت هڪ وشال ڪٽنب آهي. انسان سڀ پاڻ ۾ ڀائر ۽ ڀينر آهن. ڌرم، مذهب الڳہ الڳہ رستا آهن، پر بنيادي اُصول ۽ سڏانت ساڳيا آهن. سوارٿي ۽ خودغرض انسانن ئيِ ڏقير وجهيِ خَلِقَ ۾ ڦوٽ وڌيِ آهي. خالق جيِ هيءَ شاهيِ خلقت هڪ ئيِ پريوار جا ڀاتيِ آهن. هڪ ئيِ نور مان

وت آيو. توکي دل ۾ ديا جو ڀاوُ جاڳيو ۽ پاڻ واريون ٻئي روٽيون هن بکاريءَ کي ڏيئي ڇڏيئه. بکاري کائي ترپت ٿيو ۽ توکي دعا ڪندو ويو، ’شال راجائي ماڻيندين.‘ سو راجا توکي هيءَ راجائي اُنهن ٻن روٽين جي بدلي ۾ ملي آهي. تنهنجي ڀاڱُ ۽ پيٽ جو ڏُشڪرم ٻه خالي ڪونه ويو. تنهنجي پيٽ هن نگر ۾ ڇُهرياٽي ٻڌجي نگر ۾ جهاڙو لڳائي رهي آهي. تنهنجو ڀاڱُ ننگو مستان ٻڌجي پٽڪي رهيو آهي. ٻلي خود ڏسي وڃي خاطري ڪر!‘

دان ديا جو ڀاڱُ آهي آئينده لاءِ توشو ناهڻ. گرهستي پريوارڪ جيون ۾ شاستر آکيا ٿا ڪن ته ڪمائيءَ جو ڏهون حصو ضرور دان ٻلي خرچ ڪجي. ائين ڪرڻ سان ڪمائيءَ ۾ برڪت ٻه پوندي آهي.

هڪ اناج جي واپاريءَ جي گهر ۾ نئين نُهَن آئي. پيڪن ۾ هن ڏيءَ کي دان ڪرڻ جي عادت هئي. پر هتي سهرو هوس پڪو ڪنجوس، اَن جو هڪ داڻو ٻه دان ڪرڻ نه پيو ڏئيس. هڪ ڏهاڙي هڪ ساڌو در تي آيو ته نُهَن پاڻ وارو پوچڻ کٽي هن ساڌوءَ کي ڏنو. سهرو اچي ڪاوڙيو. اِن تي ساڌوءَ پڇيو، ’سيٺ جي هي پوچڻ تازو آهي يا . پاروُٺو؟‘ سيٺ غصي ۾ چيو، ’تازو پوچڻ ڪاڌو اٿيئي.‘ ساڌوءَ نرمائيءَ سان چيو، ’سيٺ جي هي پوچڻ پاروٺو آهي چاڪاڻ ته هي سڪ سمپتي توکي اڳلي جنمن جي پڇن ڪارڻ ملي آهي. اِهي پُڇ هن جنم ۾ فقط تون کائي رهيو آهين، انکري هي پوچڻ جونو ٻه آهي! سيٺ کي ساڌوءَ جي ٿوڪ دل سان لڳي. ٻئي ڏينهن تي گدام مان سڙيل ۽ سُريل ڪڻڪ جي ڳوڻ گهر

۾ ضرور ڀلو ٿيندو. تنهنجي هڪ ڀلائيءَ لاءِ سوين فرشتا ۽ پرلوڪ ۾ تنهنجي مدد ڪندا. جئن قدرت جو اُصول آهي تہ هڪ داڻي جي ٻج مان سوين داڻن سان ڀرپور سنگہ يا ڦل اُپجندو آهي، تئن ڀلائي يا بُرائي بہ هڪ طرح جي پوک آهي، جو تہ ايندڙ حياتين ۾ انهن جو سؤڻو ڦل پراپت ٿيڻو آهي.'

اسانجي ڀارت ديش ۾ اڄ بہ اٿاهہ پدارٿ ۽ سمپدا موجود آهن. پر سوارٿي پرورتين ڪارڻ هڪڙن وٽ اڻميو ڌن دؤلت ڪٺو ٿيو آهي، ٻيا سندن ٿي ڀائر بُکہ ۾ ڀاهہُ ٿي جيون گهاڙي رهيا آهن. اڄ بہ جي منش اِنهن انادي دئوي اُصولن تي هلي ونڊي ورهائي، ٻئي جو ڀلو چاهي تہ سکہ سمردي گهڻو پري ڪونهي.

ڪاش! جيڪر اِها سُمتي، سمجهہ، ساڃهہ ۽ وويڪ ٻُڌي شال سيني ۾ اچي!!

ڇڏي آسرو سڀ جو، وٺ رام جي اوٽ
تہ پاپن سندا ڪوٽ، ڪري ڀوني ڀَٽ ۾

هڪ ڀيري اڪبر بادشاهہ بيربل کان سوال ڪيو تہ، 'هندن جو ڀڳوان پاڻ ڇا لاءِ اوتار ڌارڻ ڪري پرٿويءَ تي ايندو آهي؟ هيترا ديوتائون سندس اَڌين آهن، اُنهن کي موڪلي سگهي ٿو.' بيربل جواب ۾ چيو، 'جهان پناهہ، اِن جو جواب مان ڪجهہ ڏينهن بعد ڏيندس.'

هڪ ڏينهن جنما نديءَ ۾ سئر لاءِ هڪ وڏو ٻيڙو تيار ڪيو ويو، جنهن ۾ اڪبر بادشاهہ پنهنجي رکشڪن ۽ ٻئي

ڪئين جوتيون جڳيون آهن.

هڪ فقير گهٽين ۾ ڦري بيک پنڻ لاءِ هوڪو پيو ڏيندو هو، ’آهي ڪو داني پرش جيڪو مون ٿن جنمن جي بيڪاريءَ کي ڪجهہ ڏئي؟‘ اِهو هوڪو ٻُڌي، هڪ گرمکہ پريميءَ سڏ ڪري پڇيس، ’ڀائي، توکي ڪئن ڄاڻ پيئي ته تون ٽن جنمن جو بيڪاري آهين؟‘ بيڪاريءَ جواب ڏنو، ’سائين، اڳلي جنم ۾ ڪجهہ دان نہ ڪيم، انڪري سمجهان ٿو تہ ضرور خود بيڪاري هوندس، اِن ڪري هاڻ بہ بيڪاري آهيان. هاڻ بہ ڪجهہ دان نٿو ڪري سگهان، ان ڪري اندازو لڳائي ٿو سگهان تہ ايندڙ جنم ۾ بہ ضرور بڪاري بڻجندس.‘ ان تي گرمکہ کيس صلاح ڏنيِ، ’ابا، هاڻ ڪجهہ ڪري سگهين ٿو. جيڪو بکيا ۾ مليئيِ اُن جو وڏو حصو دان ڪندو ڪر تہ اڳتي جي بيڪاريپڻي کان بچيِ سگهندين.‘

گيتا ۾ بہ ڀڳوان ٽئين اڌياءَ ۾ چيو آهي، ’جيڪو منش ديوتائن کان حاصل ڪيل پدارٿ فقط پاڻ اڪيلو ماڻي ٿو، اُهو چور آهي.‘ انڪري پرماتما اِهو اُصول ناهيو، ’ونڊ ورهاءِ، سُکہ پاءِ‘. سڀ جو ڀلو چاهيندڙ جو هردو وشال ۽ اُدار ٿيندو آهي. هو سنتوشيِ، نِسوارٿ، ديا، ڪروڻا، همدرديِ ۽ نمرتا سان ڀرپور هوندو آهي. کيس سيني لاءِ سمان پيار ۽ قرب هوندو آهي. ٻين جا دکہ ڪشٽ، مصيبتون، مشڪلاتون، پنهنجون ڪري سمجهندو آهي. وير ونجوڳ، ڪوڙ ڪپٽ کان آجو هوندو آهي.

’او بندا ياد رکہ تہ گلاب جو گُل جنهن هٿ سان ٻئي کي ڏيندين تہ تنهنجي هٿ ۾ بہ خوشبوءِ ضرور رهندي. انطرح تون اگر ٻين جو ڀلو ڪندين تہ تنهنجو

ٿي سمي ڀڳتن جي رکشا لاءِ ڪيترن جو اُڌار ڪرڻ لاءِ وشنو ڀڳوان شري رام اوتار ۾ پڌاريو.

ڀڳوان جي اوتار ڌارڻ جا ٻيا ڪارڻ هئا سندس ڀڳتن جا سراپ، جيڪي خوشيءَ سان پورا ڪيائين.

هڪ دفعي وشنو ڀڳوان وئڪنٺ کان برهم پريءَ ۾ آيو. اُتي برهما، ٻيا ديوتائون ۽ سنت ڪمار به ويٺل هئا. سڀني اُٿي ڪري وشنو ڀڳوان کي پرڻام ڪيو. پر هڪُ سنت ڪمار نڪي اُٿيو نڪو پرڻام ڪيائين. اِنهيءَ تي ڀڳوان کيس سراپ ڏنو، ’توکي نشڪامپڻي جو اهنڪار آهي، تون ڪام کان ڏُکي ٿي سوامي ڪارتڪ جو جنم وٺندين. موٽ ۾ سنت ڪمار ڀڳوان کي سراپ ڏنو، ’توکي سَرِو گياتا يعنِي سڀ ڪجهه ڄاڻڻ جو اهنڪار آهي، انڪري تون به ڪجهه وقت اگياني ٿي رهندين. رشي وسشٽ مهراج توکي گيان جو اُپديش ڪندو.‘

ٻئي ڪنهن سمي ڀرڳو رشي اِستري ڱُم ٿيڻ سبب ڏاڍو منجهيل ۽ ڏُکِي هو. ڀڳوان وشنو رِشيءَ جي اِها حالت ڏسِي ڪليو. اِن تي ڀرڳو رشيءَ ڪروڌ ۾ اچي کيس سراپ ڏنو، ’تہ ڪنهن سمي تون بہ ان طرح اِستريءَ لاءِ روئندين.‘

ٽيون سراپ وشنو ڀڳوان کي مليو جڏهن نرسنگهہ روپ ڌاري هرناڪس کي ماريو هئائين. هرناڪس کي مارڻ وقت سندس هٿ ۽ منهن رت ۾ ڀرجي ويا هئا. اُنهن کي صاف ڪرڻ لاءِ گنگا نديءَ تي آيو. اُن وقت ديو شرما برهمڻ جي زال اِشنان ڪري رهِي هئِي. وشنو ڀڳوان جو ڀينڪر نرسنگهہ روپ ڏسِي هوءَ ايترو تہ ڊني جو مورڇت ٿِي ڪري پيئي ۽ مري ويئِي. برهمڻ سراپ ڏنس، ’جئن

عملي سان ۽ پڻ بيربل سميت سڄو لاءِ تيار ٿيا هئا.
بيربل هٿ ٻڌي عرض ڪيو، ’جهان پناهه! راڻي صاحب
چيو ته، نئين چاول ٻالڪ کي به سڄو لاءِ ونيِ وڃجو.‘
بادشاهه جو حڪم پائي بيربل محلات ۾ وڃي پنهنجِي
گود ۾ ٻالڪ کي چڱيءَ طرح ڪپڙي ۾ ويڙهي کڻِي آيو.
ٻيڙو جڏهن وچ درياهه ۾ پهتو ته اٽڪل ڪري بيربل
جي هٿن مان ٻالڪ اُڇل کائي وڃِي نديءَ ۾ ڪريو. اڪبر
بادشاهه ترت رڙ ڪري نديءَ ۾ گهڙڻ تي هئو ته بيربل
هٿ کان جهلي چيس، ’جهان پناهه، گستاخي معاف، هيِ
ٻالڪ رانديڪو هو، سچو ڪونه هو. توهانجي اُن ڏينهن
واري جواب لاءِ ئيِ هيِ ناٽڪ ڪرڻو پيو. توهان سوال
ڪيو هو ته هندن جو ڀڳوان پاڻ ڇا لاءِ اوتار ڌارڻ ڪري
پرٿويءَ تي ايندو آهي، جڏهن ديو ديوتائون سندس آڌين
آهن، جن کي موڪلي سگهي ٿو. توهان سان ساڻ رکشڪ
۽ ٻيا آفيسر ۽ خود مان به گڏ آهيون، پوءِ به توهان
پاڻ ٻالڪ لاءِ نديءَ جي پاڻيءَ ۾ گهڙيا ٿي. اهڙيءَ طرح
پرماتما به پنهنجن ٻالڪن جي پريم وس ٿيِ پاڻ پرٿويءَ
تي پڌارجي ٿو.‘

هرهڪ يُگ ۾ جڏهن جڏهن پرٿويءَ تي پڳتن، ساڌن
سنتن مٿان ظلم ٿين ٿا، عام لوڪ هُنن کي ڪشٽ ڏين
ٿا، اُنهن جي رکشا لاءِ، دشمنن کي ناس ڪرڻ لاءِ پرماتما
ساڪار روپ ڌارڻ ڪري پرٿويءَ تي پڌارجي ٿو.

تريتا يُگ ۾ راوڻ ۽ ٻين راڪشس رشين منين کي
ڏاڍو حيران پريشان ڪيو هو. هنن جي يگيه هون ۽ ٻين
پوجا پاٺن ۾ وگهن وجهِي کين تنگ ڪندا هئا. اهڙي

رڻ ڪري شپ ڪرمن، انسان ذات جي ڀلي ۾ جيون
اري، اُنهن جو نالو اڄ به ڳائڻ ۾ اچي ٿو. راماڻ
ڪٿا هر منش جو مارڳ درشن ڪري ٿي ته، ’ڪوڙن
رمن کان، ڪوڙ ڪپٽ، دغا، فريب، وير ڀاءَ کان پاسو
ري، چڱا ڪرم ۽ سچائيءَ سان فرض پالي منش جنم
لو ڪري جس ۽ ناموس حاصل ڪجي. جمڻ ڀلو اُن
جنهنجي سڦل جيون سان جاتيِ ۽ ونش جو نالو روشن
ي.‘

ستيہ وچن پالڻ جو انوکو مثال هن گرنٿ ۾ ملي ٿو.
نهن منش مٿان انيڪ مشڪلاتون هجن پوءِ به پنهنجي
ل تي قائم رهي، ’پراڻ ڀلي هليا وڃن پر وچن ڪُوڙو
ٿئي.‘ ڪيڪئيءَ سان ڪيل انجام پورو ڪرڻ لاءِ راجا
شرٿ پراڻ ڏنا پر وچن واپس نه ورتائين. جيڪو سچ
ان منهن موڙي ٿو، اُن جي من مان وشواس نڪري
و وڃي ۽ سيڪو اُن ڪُوڙي کي ڌڪار جي نظر سان
سي ٿو.

راجا دشرٿ ٿي وواه سنتان جي خواهش سان ڪيا پر
هن ٽن اِسترين ڪري گهر ۾ آخر ونجوڳ پئدا ٿيو.
ڪ ڪيڪئيءَ جي ضد ۽ هٺ سبب سڄو گهر سُنسان
ڄي پيو. ايوڌيا جي ساري پرجا ڏُکي ٿيِ ۽ ڪيڪئيءَ
ي گلا ڪئيِ.

اِن مان اِهو آدرش نرنئہ ٿو ٿئي ته گهر ۾ هڪ اِستريءَ
ان ئيِ شانتيِ قائم رهي ٿيِ ۽ اِهو ڌرم شاسترن جو
ڪم آهي.

ڪيڪئيءَ جيِ گهور نندا ٿيندي، ڌڪار جي اڳنيءَ ۾

تو مونکي اِستريءَ کان وڇوريو آهي، تنهن تون بہ اِستريءَ جي وڇوري ۾ ڏُکي ٿيندين.'

ڇوٿون سراپ جڏهن نارد منيءَ تي ڪام جو نشو چڙهيو. هڪ راجڪماريءَ جي سويمبر ۾ ور مالها پائڻ لاءِ سندر روپ ڀڳوان کان گهرياائين. ڀڳوان کيس باندر جي شڪل ڏني. اِن تي نادرمنيءَ ڀڳوان کي سراپ ڏنو تہ، 'استريءَ خاطر توکي باندرن جي سهايتا وٺڻي پوندي.'

اِن طرح هڪ طرف موقعي انوسار ڀڳوان مليل سراپن جي پوري ڪرڻ لاءِ، ٻئي طرف پرٿويءَ کي پاپن جي بوجي کان هلڪو ڪرڻ لاءِ منش جو روپ ڌارڻ ڪري اوتاري ليلا ڪئي.

رامايڻ ۽ مهاڀارت جون حقيقي گاٿائون آهن. هنن شاسترن اندر مانوتا جا آدرش ۽ مرياداڻون، فرض ۽ ڪرتويہ، گُڻ ۽ وشيشتائون ورڻن ڪيل آهن. جُڳن ڀُنيان جُڳ گذرڻ ڪري منش جي مانوتا جا گُڻ ۽ شڪتيون گهٽبا رهيا آهن. ايتري قدر جو گهٽا منش هنن حقيقتن کي ڏندڪٿائون ۽ من گهڙت ڪهاڻيون سمجهن ٿا. نہ ڄاڻ اڃا ڪجهہ صديون گذرڻ تي مانوتا جو درجو ايتري هيٺانئين تي اچي، جو هن يُگ جي گوتم ۽ نانڪ، شنڪر ۽ گيانيشور، گوبند سنگهہ ۽ وويڪانند جي جيونين جي گاٿائن کي ڏند ڪٿائون سمجهن!

رامايڻ جا آدرش نج حقيقتون آهن. هي سنسار هڪ مهاساگر آهي. ڪير بہ اِن جو انت نٿو ڄاڻي. ڪرمن انوسار ٿي منش جنم ۽ جوڻيون وني ٿو. هن پرٿويءَ تي گهڻئي راجائون، مهاراجائون ٿي گذريا آهن. پر اڄ اُنهن جو نالو نشان بہ ڪونهي. پر جن مهاپرشن رام نام جو

هوڏانهن ڏسو گهر جي ڦوٽ! راوڻ جو مثال! پرائي
ري دوکي سان کڻي آيو. سندس اِستري منڌوڏريءَ اِن
ئيءَ لاءِ کيس کيترو سمجهايو. ياءُ وڀيشڻ کي تہ سني
ح ڏيڻ تي لتون هڻي لنڪا مان ڪڍي ڇڏيائين. سندس
ڪنيڪرڻ بہ چيس تہ، ’اڙي ڪنهن پرناريءَ سان بُرو
ناءُ ڪيو اٿيئي ڇا؟ پوءِ تہ تنهنجي هار نشچت آهي.‘
ڙا آدرش هن امولڪ ۽ پرم گاٿا ۾ ئي ملن ٿا.
اهڙيءَ طرح سگريو سان مترتا ڌرم، هنومان جي شيوا
تي، شبري ماتا جو گروءَ جي وچن ۾ وشواس تہ ’توکي
ن جنم ۾ ڀڳوان رام جي اوتار جو درشن ملندو‘. پتيءَ
ي ڪروڌ ڪري پٿر جو سراپ پائي اهليا جو اُڌار وغيره
هڻيئي آدرشي مثال هن گرنٿ مان ملن ٿا. اڄ سارو
ڳت دُکي آهي جو سڀ اِنهن مول آدرشن کي وساري
وهہ مايا جي دٻڻ ۾ ڦاسجي ويا آهن.
هي گرنٿ اهڙي موهہ مايا ۾ ڦاٿل اِنسان جي اُڌار
ي راهہ ڏيکاري ٿو. ڀليل کي موکش جو دَڳہ درشائي
. پريم سڪ رکڻ واري کي نج ڀڳتي مارگ ۾ لڳائي
. اهڙي مريادا پرشوتم جو اوتار ڌارڻ ڏهاڙو چيٽ جي
هائي نؤمي تي آهي.

تُلسي جڳہ ۾ اچي ڪري، پورا ڪيو بہ ڪم
نت نيم سان ڪريو ڀڄن ۽ ڀيو ڪرم نشڪام!
جيون ٿيندو سڦلو توهانجو، پايو پد نرواڻ!!

چوڏهن ورهيه گذارڻ بعد مريادا پرشوتم رام بن مان موٽي اول ڪيڪئيءَ وٽ آيو. ڪيس پريم ۽ پابوهه سان ملي ڪري چيائين، ’ماتا، تنهنجو مونکي بن ۾ موڪلڻ جو منورٿ مون لاءِ لاڀدائڪ ثابت ٿيو. هيترن رشين منين جو درشن ٿيو. اُنهن جي شيوا لاءِ ڪيترن ئي راڪشسن کي ماري اُنهنکي سراپ کان مڪت ڪيو. انت ۾ راوڻ جو سنهار ڪيو.‘

آدرش اِهو آهي تہ هر آيل مشڪلات کي بہ ڀلو ڪري سمجهجهي. همٿ ۽ حوصلي سان منهن مقابلو ڪبو تہ اوس سڦلتا ملندي.

وري ڀائرن جو پريم ڏسو! بنواس وقت ڀرت، شترگهن ناناڻي ويل هئا. رام سان گڏ فقط لڪشمڻ هو. ڀاءُ رام کي بنواس ملندو ڏسي لڪشمڻ جو هردو اُٿلي پيو. هٺ ڪري ڀاءُ کي مڃايائين تہ هو بہ ساڻس گڏ هلي جئن وڏي ڀاءُ جي شيوا ڪري سگهي.

اِستري مريادا! وواهہ وقت شاسترن انوسار ويد منترن ۾ ورٹن ڪيل هوندو آهي تہ اِستري پرش هڪ ٻئي جي دکہ سکہ ۾، مرض مصيبت ۾ ساٿ ڏيندا. اِهو آدرش نباهڻ لاءِ ماتا سيتا بہ زور ڀريو تہ هوءَ پتيءَ سان گڏ رهي. پتي وَلڪل وستر پهري بن ۾ نواس ڪري، زمين تي سمهي، ڪند مُول ڦل کائي ۽ استري محلات ۾ رهي راجائي وستر پهري، سيج پلنگن تي سمهي ۽ ڇٽيهہ پرڪارن جا ڀوڄن کائي، اِهو پتورتا اِستريءَ جو آدرش ڪونهي. پتورتا استري اُها آهي جيڪا پتيءَ کي هر مشڪلات ۾ ساٿ ڏيئي پتيءَ جي تن من سان شيوا ڪري.

ڃائيِ، ايمانداري، وفاداري ۽ ديش ڀڳتيءَ جي ڀاونا سان
ڙ ڪندا هوندا؟ لوڀ، لالچ ۾ قاتل سياستدان، انيڪ
ڻهن ۽ ڪاندن ۾ قاتل هوندي به هر طرح پاڻ کي
چو ثابت ڪرڻ ۾ رُڌل آهن. عام جنتا کي دوکي سان
ئي اُنهن جا ووٽ وٺي چونڊجي اچڻ بعد اُنهن جو
ءَ چوسي اُنهن کي کوکلو ڪري پاڻ پيٽ ڦندائي دنيا
جا وينا عيش ماڻين. اڙي ڀائي، ڇو نٿا اِن سچائيءَ
ي قبول ڪريو؟ ڇو ڀيا اجايو اهڙن سياستدانن جون وڏايون
ري اُنهن جي ساراهه ۽ ثنا جا بيان لکو؟ ڀرشٽاچار،
چار، بلاتڪار ۽ خونن جي ڪيسن ۾ قاتل، اڄ ديش
ي راڄ ڪري رهيا آهن! جنتا جو آواز دٻجي ويو آهي.
اشڪاري هٿيار ۽ اُپڪرڻ ڪني ڪرڻ جي هوڏ تي هرهڪ
يش بيٺو آهي. سياستدانن جي اِها هوڏ ۽ هوشياري هڪ
ينهن سموري وشوَ جي وناش جو ڪارڻ بڻجندي! آخر
ن پاپ جو ڦل سيني کي ڀوڳڻو پوندو! ’پرٿوي پاپن
ي بوج هيٺ دٻجي رهي آهي!‘
اڇو ڀلا نريڪشڻ ڪريون ڪرمچارين جو! سموري وشو ۾
ڪروڙن ۾ ته ضرور هوندا! سڏانت چوي ٿو ته جيڪو
ڪتي نوڪري ڪري اُهو سچائيِ، ايمانداري، محنت ۽
مرتا سان ڪم ڪري مالڪ کي راضي رکي. وقت تي
ورو هجي، فرض تي پورو هجي، هڏ ڏيئي ڪم ڪري
مالڪ جو نقصان نه ڪري، مالڪ سان وفادار رهي.
انڪ ڳڻ دِل تي هٿ رکي ٻڌائين ته اڄ ڪيترا اهڙا
ڪرمچاري هوندا جيڪي مٿي ڄاڻايل اُصولن مطابق ڪم
ڪندا هوندا؟ گهڻو سيڪڙو هوندو اهڙن ڪرمچارين جو؟

پرٿوي پاپن جي بوجھ هيٺ دٻجي رهي آهي!

اوڙيسا جو طوفان هجي يا گجرات جو ڀوڪمپ، ٻوڏون هجن يا اگني ڪانڊ، ڏوهه ڏيندا قدرت کي! ميار مالڪ کي! ليکڪ، شاعر ۽ ودوان پنهنجن رچنائن ۾ سياپا ڪيندا! مالڪ کي مهڻا ڏيندا! ڪي ايشور جو انياءُ چوندا! اِن نموني دل جو درد، افسوس ظاهر ڪري دل جو غبار هلڪو ڪندا، دردمندن کي دلداري ڏيندا ۽ پرڪرتيءَ جي وروڌ ۾ شڪايت جو اظهار ڪندا.

حقيقت جي نگاهه سان ڏسبو ته اسانجا اِهي شوڪ، شڪوهه ۽ شڪايتون اجايا ۽ وئرٿ آهن. سچائيءَ کان ڪوهه پري آهن. اُها سچائي جنهنکي اسين قبولڻ لاءِ تيار ڪونه آهيون. اُها حقيقت جنهنکي مڃڻ کان پري پيا ڀڄون!

آنادي ڪال کان ايشور ۽ اُن جي پرڪرتي پنهنجي نيم ۽ مريادا اندر ئي ڪاريه ڪري رهيا آهن. سورج چنڊ جو اُڀرڻ ڏسو، ڏينهن رات جو نرماڻ، پوري وقت تي مُندن جا ڪاريه وغيره سڀ پنهنجي پنهنجي ٻڌايل نيم اندر فرض ادا ڪري رهيا آهن.

مانو سرشٽي جي ويوسٿا ۾ جيڪي ڀاڱيدار آهن، اُهي سياستدان، ڪرمچاري ۽ عام جنتا، جن جو پنهنجو مقرر ڪاريه آد جڳاد کان ورهايل آهي، اُهي اڄ آچرڻ، وهنوار ۽ ڪريا ۾ گهڻو هيٺ ڪري پيا آهن. اچو ٿورو ويچار ڪري ڏسون. پرٿويءَ تي انيڪ ملڪ آهن، جن جو ڪاروبار سياستدان هلائين ٿا، جن جو ڳاڻاٽو لکن ۾ ٿيندو. پاڻ گهرائيءَ سان ويچار ڪري ٻڌائيندا ته ڪيترا سياستدان

ي ڪائي اُن جي ساراهہ ڪندا. چي، ’ڪالهہ ڪوڙي
رت جي آڌار تي اِها وشيہ شايع ٿِي هئي.‘ اڙي ايترا
هہ ٿي رهيا آهن! ڪير ڀوڳيندو انهن جو نتيجو؟ ’پرٿوي
ن جي بوج هيٺ دٻجي رهِي آهي!‘
هائي ٿورو غؤر ڪريو عام جنتا تي! هڪ پاسي آهي
اري طبقو ٻئي پاسي وچولي درجي ۽ غريب درجي جا
ور، جيڪي آٽي ۽ چاڙهہ تي آڌار رکن ٿا. اڄ رام
ڪرشن جي ديش ۾، گوتم ۽ گرو نانڪ جي ديش
شنڪرآچاريہ ۽ وويڪانند جي ديش ۾ ٿي رهي آهي
ڌي جي چيزن ۾ ملاوت! دوائن ۾ ملاوت، ٻئي قسم
و مال اصلي نالن ۾ وڪامِي رهيو آهي. ماپ تور ۾
ي، وشواس گهات، بي ايماني وغيره! سرڪار وٽ اِهي
عاملا مؤجود آهن!! مصالحن ۾ جانورن جي لڏ ملايل،
رچن ۾ سِرُن جو پائوڊر، چانورن ڪڪڙ ۾ پٿريون! آلاهي
ا چا ٿا ملائين. اڄ واپاري دماغ، گناهن جو ڪارخانو
ٿي پيو آهي. گهڻا سال اڳہ ڪلڪتي ۾ ڊم ڊم Criminal Bra
لائقي ۾ سرسؤ جي تيل ۾ موبائيل تيل (اڄ ڪان ٣٥
ال اڳہ تڏهن اِهو سرسو تيل ڪان سستو هو) ملائي وڪاٿو.
نهن ڪري انڪل چار سؤ ڀوناٽا اڌرنگہ جي بيماريءَ
ونجي ويا. واپاري پڪڙيو پر پئسا ڪارائي ڇٽي نڪتو.
وائن ۾ ملاوت ڪارڻ ڪيترا شفا پائڻ جي بدران دائم
ريض بڻجيو پون، ڪي تہ مريو بہ وڃن. ڇا سرڪار ڪجهہ
ي ڪري سگهي؟ پر جيڪي پاڻ گناهن ۾ قاتل، سي
ڪئن گنهگارن کي پڪڙيندا؟ شايد ئي ڪو پيشو سچ ايمان
ي هلندو هجي باقِي تہ گهوريءَ کي ئِي گهمرو! اڄ

وڏو حصو ڪم چورن جو ملندو. ڪم ګهٽ پګهار وڏو! رشوتخوريءَ کان خالي شايد ئي ڪو ڪرمچاري ملندو. سرڪار جي هرهڪ کاتي ۾ رشوت جو بول بالا آهي. نه فقط پرش پر اڄ اِهي بُرايون اِستري ڪرمچارين ۾ به ڦهلجي ويئون آهن. جج، وڪيل، ڊاڪٽر، وڏا وڏا عهديدار سڀني ۾ رشوت جو ڪئنسر روڳ پنهنجون جڙون مضبوط ڪري چڪو آهي. جنهن جو علاج سياستدانن وٽ به ڪونهي. اِن ڪري پرڪرتيءَ ڪي ئي وقت به وقت علاج ڪرڻو پوي ٿو.

ريلوي ۾ سرڪار رزرويشن لاءِ تتڪال بوڪنگ جي ويوسٿا ڪئي. تنهن ڏينهن هڪ سڄڻ ٻڌايو، 'ماءُ جي بيماريءَ ڪاڻ ڪلڪتي کان اچڻ لاءِ تتڪال ٽڪيٽ تي ٽي سؤ روپيا دلال کي رشوت ڏنم تڏهن ٽڪيٽ ملي.' وڪيل چيو، 'جج منهنجي پاڪيٽ ۾ آهي. پئسا خرچيندين ته فيصلو جيڪو تون چاهين ٿو اُهو ئي وني ڏيندوسانءِ.' ڊاڪٽر شاهوڪارن جو علاج ڏيان لڳائي ڪن پر غريب جو جهڙو تهڙو ڪري ٽانگه لاهين، ڀلي مُردو نرڳ وڃي يا سرڳ. ڪوڙ ڪپٽ جي بازار گرم آهي. ڏوهاري عيش پيا ڪن، بي ګناهه جيل پيا پوڳين! هلنديءَ وارا جيلن ۾ به عيش پيا ماڻين! عام ڏوهارين کي جيل ۾ پورو کاڌو به ڪين ملي.

اڄ پارٽواسين جو وويڪ اهڙو ته ڪمزور ٿي ويو آهي جو آواز به نه ٿا اُٿاري سگهن. جيڪي آواز اُٿارين، اُنهن کي هميشه لاءِ ڏن ڏيئي خاموش ڪرايو پيو وڃي. پترڪار هجن يا سماج سيوڪ! هڪ ڏينهن دانهن ڪندا ٻئي ڏينهن

۾ ڪنهن سچڻ ٻڌايو تہ هڪ مهاتما پنجن ڏينهن جو پروگرام رکيو. سندس سيڪريٽريءَ چيو، ’اسانجا گرو تہ ڪجھ ڪونہ ونندا آهن، پر اِسپتال پيا ناراهيون، اِن لاءِ ڏن گهرجي. فقط اِن ڪاريہ لاءِ هڪ ڏينهن جي پروگرام جو هڪ لک طئہ ڪيو ويو آهي. پنجن ڏينهن جا پنج لک ۽ ٻيون ڪيتريون سوکڙين جو ٻڳون پرائي ڪٽي ويا پاڻ سان. پرچار ڪندي چوندو هو، ’سَروي ڀَونتوُ سکِنَہ.....‘ تہ هڪ ليکڪ ڏاڍي هن مهاتما جي ساراه لکي. اڄ سچي پرکہ بہ ڪونهي. چوٽي آهي تہ جيڪو چمڪي ٿو، اُهو ڪو سون ڪونهي. اِن ڪري هِي سمو اهڙو آهي جو هر ڳالهہ جي گهرائيءَ تائين وڃي پوءِ ڪجھ چئو. گهڻا چوندا تہ، ’اسانجو ڇا وڃي؟‘ تہ ڄاڻندي اُهي بہ پاپ جا حصيدار ٿيندا. سچ کي ڄاڻڻ واري کي منهن ضرور کولڻ کپي. باقي ٻاهرين سونهن، نزاڪت ۽ پيڪو ڏسي خوشامد ڪرڻ وارو پاڻ تي بہ پاپ جو حصو هموار ٿو ڪري. هرهڪ منش جنم وٺڻ سان، پريوار، سماج ۽ ديش جو ياتي ٿو بڻجي. سچو اِنسان اُهو آهي جيڪو ساري عمر سچ لاءِ سنگهرش ٿو ڪري. اڄ ڀارت ديش ۾ گهڻا آشرم، مندر صرف ڏيکہ لاءِ آهن، پر حقيقت ۾ اُهي گناهن جا اَڏا آهن. ’انهن پاپن جي بوج هيٺ پرٿوي دٻجي رهي آهي!‘

اُن ڏاتار ڏانهن ڏوراپي جي آگر جيڪو ڪٽندو، اُهو بہ پاپ جو ڀاڱي ٿيندو! هُن شان واري شرڻاگت وتسل جي جيڪو شڪايت ڪندو، اُهو پاڻ مٿان گناهن جو بوج وڌائيندو! ايشور ديالو بہ آهي تہ نيائڪاري بہ! جيڪو سندس شرڻ وني ٿو، پرائشچت ڪري ٿو، پاپي جيون جو تياڳ

ڪاڏي پيتي جي شين ۾ اينري تہ ملاوت آهي جو شُڌ وستو ڳولهڻ سان بہ نٿي ملي. هڪ منر اکين ڏٺي ڳالهہ ٻڌائي. هڪ واپاريءَ جي وڏي شاهي گدام ۾ چار پنج ڪانڪريٽ مڪسر پيا هئا. دروازن جي ڇُورنن مان ڏنائين تہ ڪئن شڌ مالن ۾ ملاوت ڪرائي ڳوٽين ۾ پيو ڀري ۽ سلائي ڪرائي. ڪارن مرچن ۾ پپيتي جا ٻج پيا ڪکہ ڪانا، ريتي وغيره طرح طرح جي مصالحن ۾ ملائي رنگارنگي باڪسن ۾ پئڪ ڪرائي، وڏن اکهن تي نيڪال ڪري. اڄ اُهو واپاري ڪروڙپتي آهي. وڏن سياستدانن سان دوستي اٿس. عام لوڪن ۾ ڌرمن جا پيد ڀاوَ، سوارٿ، انڌوشواس، نفرت، ڌڪار، وير وروڌ جهڙيون گهاتڪ برايون ڏينهون ڏينهن وڌي رهيون آهن. شرابخوري، مانسخوري، جوئا، وئشيا ورتيءَ جهڙا گهاتڪ گناهہ اڄڪلهہ جي منورنجن ۽ مؤجن جي ڳٽپ ۾ اچي ويا آهن. اِسترين ۾ پنورتپٽو گهٽو گهٽو گهٽجي ويو آهي. شاريرڪ عيش ۾ مبتلا اِستريون اڄ اِنڪي وقت جي گهرج ٿيون ٻڌائين. وڏن وڏن خانداني گهراڻن جون استريون، سڄيون سڄيون راتيون نائيٽ ڪلبن ۽ هوٽلن ۾ گذاري پاڻ کي اعليٰ ۽ مشهور درجي جون ڄاڻائين ٿيون. ڌن جي پنيان شاهوڪار توڙي غريب پاڳلن وانگر ڏينهن رات ڊوڙي رهيا آهن. ڪُڪرم، پاپ، گهوڙ گناهہ ڪري بہ ڌن ڪنو ڪرڻ جي ريس لڳي پيئي آهي. اهڙن پاپن جو نتيجو ڪير ڀوڳيندو؟ 'پرٿوي پاپن جي بوجهہ هيٺ دٻجي رهي آهي!'

آخر ۾ ڏسو ڌرم جي ٺيڪيدارن ۽ پرچارڪن جو پاسو! اڄ ڌرم ۾ دوکو ۽ دمڀ واڌارو ڪري ويو آهي. ويڇهڙائيءَ

ڪلهي تي ڪنڌ رکي، پنڪيون ڪائي رهيو هو. مهاتما دل ۾ سوچڻ لڳو، ’ريل ۾ سڀ مسافر ته هن طرح ڪي ننڊ ۾ آهن، ڪي جهوٽا پيا کائن. ڪنهنکي به تن بدن جي سُڌ ناهي. پوءِ به ريل هلي پيئي پنهنجي تيز رفتار سان، ڪئن؟ ڪير پيو هلائي؟ سمهيل ننڊاکڙا ۽ غافل ته هيءَ ريل هلائي ڪونه سگهندا. پوءِ پلا..... اڙي ها! هڪ سجاڳ آهي. هو هڪڙو ريل جو هلائيندڙ، سُچيت ۽ سُجاڳ آهي. هوُ ئي تمام خبرداريءَ سان سيني غافل مسافرن کي سلامتيءَ سان هلائي رهيو آهي!

مهاتما سوچيو، هن جڳت جي به اِها اوستا آهي! اڪثر هر منش موهه، مايا، وڪارن، وشين جي ننڊ ۾ غلطان ۽ غافل آهي. هنن کي نه منش جيون جي لڪش يا مقصد جي ڄاڻ آهي، نڪو پنهنجي سکه سلامتيءَ جو اونو. اُهي سڄاڳ، موه مايا کان وِرڪت مهاپرش ئِي آهن جيڪي ساري جڳت روپي گاڏيءَ کي هلائي رهيا آهن!‘

ڪيترو نه سچ آهي هن ڳالهه ۾!

ڪجهه وقت اڳ ’هندواسي‘ ۾ ’پرٿوي پاپن جي بوجه هيٺ دٻجي رهي آهي‘، وارو ليک ڇپيو ته ڪيترن پاٺڪن فون رستي ۽ خطن رستي ليک جي خوب ساراهه ڪئي. هڪ پاٺڪ فون تي چيو، ’هي ننگو سچ اڄ پڙهڻ لاءِ مليو. برابر اِهي ئي ڪارڻ آهن، جنهنکري پرٿويءَ تي هيڏيون آپدائون اچن ٿيون.‘

هن جڳت ۾ سڄو سامراجيه پرڪرتيءَ جو آهي. قاعدا، قانون، ريتيون، رسمون به هُن جون هلن ٿيون. اُبتر يا وروڌ هلڻ واري کي سزاياب هوءَ ئِي ڪري ٿي. سُکه انعام

ڪري ٿو، اُن تي ايشور ديا ڪري ٿو. گنهگارن کي جوڳي سزا ڏئي ٿو ته منجهس آئينده لاءِ سڌارو اچي ۽ سندس گناهن جي ڪارنهن مِٽجي. هن برهمانڊ کي هلائڻ لاءِ ايشور پنجن عناصرن جي روپ ۾ پرڪرتيءَ کي جنم ڏنو. جل، وايو، اگني، پرٿوي ۽ آڪاش. اِنهن ئِي عناصرن جي مرڪب مان هي سٿول شرير ٺهيا آهن. برهمانڊ جي ويوَسٿا هلائڻ لاءِ اُن ايشور وٽان مقرر مريادائن، نيمن ۽ سڌانتن اندر اِهي عناصر ڪاريه ڪري رهيا آهن. پر منش پرماتما وٽان مليل بُڌيءَ روپي شڪتيءَ جو دُرُاُپيوگ ڪري رهيو آهي. مريادائن ۽ مقرر سڌانتن جي وِرُڌ ڪاريه ڪري سوارٿ جي انڌ ۾ پاپن جو بوجهه وڌائي رهيو آهي. پاپ ڪندڙ، ڏسندڙ ۽ ٻڌندڙن کي وقت به وقت سزاياب ڪرڻ لاءِ هي پراڪرتڪ آپدائون ٿين ٿيون. جئن جئن پاپ وڌندو، تئن تئن پراڪرتڪ آپدائن ۾ واڌارو پيو ٿيندو رهندو.

پرڪرتيءَ جو نياءُ اٽل آهي

مهاتما شهر مان پنهنجو پروگرام سماپت ڪري ساٿين سميت اسٽيشن تي آيو. رات جا يارهان لڳي چُڪا هئا. ريل جا سڀ گاڏا ڪڇاڪڇ ماڻهن سان سٽيل هئا. وهڻ جي ته ڇا پر بيهڻ جي به جاءِ مشڪل هئي. جئن تئن ڪري هڪ گاڏي ۾ گُسي پيا ۽ هڪ ڪنڊ ۾ بيهي رهيا. ريل هلڻ لڳي، آهستي آهستي رفتار به تيز ٿيندي رهي. مهاتما چارون طرف نهاري ڏٺو وينل، بيٺل، هيٺ مٽي سڀ ننڊ ۾ مخمور هئا. ڪو پٽ تي، ڪو هڪٻئي جي

ڪِن جا انگ پنگ ڦين ٿا. ڪن ڪي فقط سمپتيءَ جو نقصان پهچي ٿو. ڇا اِهو ڪرمن اَنوسار ناهي؟ جو ڪيترائِي سالم بچِي وڃن ٿا. مهاڀارت ۾ هڪ سندر مثال آهي. وسشٺ منيءَ جي آشرم مان ڪامڌينو ڳانءِ چورائڻ لاءِ رشِي وشوامتر وسوُ ديوتائن کي هيءَ ڪم ڪرڻ لاءِ آڳيا ڪئِي. اول تہ وسوُ (هِي پاڻ ۾ اٺ ديوتائون آهن) گهبرائجِي ويا. سوچيائون جي آڳيا جو پالن نہ ڪندا تہ سراپ ملندن ۽ جي ڪندا تہ سزا! سراپ کان هنن سزا ڀوڳڻ بهتر سمجهيو. هاڻ ڳانءِ تہ هڪ ئِي چوري ڪٽندو ٻيا هن کي ساٿ ڏيندا. اِن چوريءَ جي ڪرم لاءِ سزا جي روپ ۾ هنن کي سراپ مليو تہ وڃِي مرتيو لوڪ ۾ جنم وٺو. معافِي گهرڻ تي جن ساٿ ڏنو هو اُنهن جو جمندي ئِي نيتارو ٿيو. باقِي جنهن ڳانءِ چوري ڪئِي اُهو ڀيشم جي چولِي ۾ رهيو ۽ سارِي عمر مرتيو لوڪ ۾ رهڻو پيس.

وري ڪؤرون جي خاندان ۾ هڪ وِدُر ئِي هو جنهن بار بار اَجوڳ ۽ اڌرمِي ڪرمن لاءِ منهن پٽي ڪوليو. بار بار اَپمان سهندو رهيو پر ڪپٽ ۽ چالبازيءَ جو وروڌ ڪندو رهيو. يُڌ ٿيڻ کان اڳ ئِي ملڪ ڇڏي هليو ويو، چي، ’هيءَ اڌرم جي لڙائِي آهي.‘

اِنهن مثالن جي آڌار تي اڄ جا شاسڪ جيڪي پاپِي ۽ اجوڳ ڪرم ڪن ٿا، اُنهن ۾ ڪيترا آفيسر ۽ ڪرمچاري شامل هوندا! ڇا اُهي پرڪرتيءَ جي نياءَ کان بچِي سگهندا؟ گيتا ۾ ڀڳوان پاڻ پنهنجي مکاروند مان چيو آهي، ’هي بندا، توکي ڪرمن ڪرڻ جو پورو اڌيڪار ۽ سوتنترتا آهي. پر ياد رک، اُن جو نتيجو ۽ ڦل منهنجي هٿ ۾ آهي.

آهن تہ ڏُکہ سزائون! ڇا اِن ڳالھہ کي قبولڻ لاءِ تيار آهيون؟ سمجھہ، ساڃھہ، سياڻپ ۽ ٻُڌيءَ جي وشالتا فقط منش ديھہ ۾ ئِي ملي ٿي. وري انھن کي صحيح يا غلط نموني استعمال ڪرڻ جِي سوتنترتا بہ پوري مليل آهي. اِنھن وصفن کي ڪتب آڻڻ مھل سوارٿ يا پرمارٿ جو عقل بہ ورثي ۾ مليل آهي. پوءِ بہ ڏوھہ ڏاتار کي! ميار مالڪ کي! اِهو آهي اسانجي عقل جو اِنصاف!! ياد رکڻ گهرجي سکہ ۾ توڙي ڏُک ۾ پرڪرتيءَ جي طرفان کي مقرر پابنديون آهن جن جي اندر اسانکي دکہ سھارڻا آهن ۽ سکہ ڀوڳڻا آهن. سکن ڀوڳڻ مھل ناجائز ۽ بي قانونِي طريقا اپنائڻ سان، سکہ جو وڌيڪ لُطف ۽ ذائقو ماڻڻ لاءِ جھڙو آچرڻ ڪبو، اُن مطابق ئِي سزا ۽ سيکت جو پاتر بڻبو! حرفت، هوشياري، چالاڪِي ۽ چترائيءَ سان ڀلي ڪٿِي ڪيترو بہ بچڻ جو اُپاءُ ڪريون، ليڪن پرڪرتي هر ڪاريہ، ڳالھہ ۽ اوسٿا جو پورو نياءُ ڪندي!

منش ڀلي ئِي گذريل ۽ ڀوشيہ جي جنمن جي ڦيري کي نہ بہ مڃي، پر پوءِ بہ اِهو پرڪرتيءَ جو نيم آهي! هر منش پنھنجا ڪرم ۽ سنسڪار ڪٿِي اڳتي جِي ياترا ڪري ٿو. هر جنم پوُرب جي سنسڪارن ۽ ڪرمن جو نتيجو آهي. ٿورو غوُر ڪريو پرڪرتيءَ جي آپدائن تي! مثال ڀوڪمپ! نيڪ سميہ تي ڀوُڪمپ ٿيڻ کان اڳہ هزارين ماڻھو پرڪرتيءَ جي پريرڻا سان اُن ٿنان کان ٻاهر هليا وڃن ٿا. وري هزارين ماڻھو اهڙي نموني ٻاهران اچِي ڪنا ٿين ٿا. وري اُتي سيني رهندڙن کي ساڳئي نموني جو نقصان نٿو پهچي. ڪي مرتيوءَ جو شڪار ٿين ٿا.

جو تہ مري ويل لاءِ چئڻ تہ جڳت ئي مري ويو. اُهو جيوُ جڏهن شرير ۾ جڳت ڇڏيندو آهي تڏهن ئي کيس احساس ٿيندو آهي هن جڳت جي مٿياپٽي ۾ آتما جي ستيتا جو! ان ڪري مردانا مرڻ ئي سچ آهي!'

ڏسو اڄ جو منش اِن سچ کي ڇڏي ڪيترو نہ ڪوڙ ڏانهن ڏُڪن ٿا! ٻوڙي ٻوڙي ساٿا ٿي پيا آهن. جوت جي جهلڪ ۾ سچ جو تجلو ڏسڻ لاءِ ڪي ٿورائي تيار آهن. باقي سڀ جڙواد جي اوندهہ ۾ ٿاڦورا هڻي رهيا آهن. اڄ سائنسدان چون ٿا تہ منش جي سراسري عمر وڌي رهي آهي. سک ڀوڳہ جا ساڌن بہ وڌي ويا آهن. چاڪاڻ تہ شرير جي آيوُ وڌائڻ جا بہ اجوڳہ ساڌن ئي وهنوار ۾ آيا آهن. (جينوٽيڪ سراسري عمر جي واڌ جو سچو ڪارڻ هي آهي. اڌ صدي اڳہ تائين لڙايون، تڪرار، فساد ۽ عام ڪوس جاري هئا، جنهن ۾ گهڻا جوان ئي مرندا هئا. ننڍين وڏين بيمارين جا علاج بہ مشڪل هئا. ليڪن هاڻي ملڪن ۾ سجاڳي آئي آهي. لڙايون، فساد ۽ ڪوس گهڻا گهٽيل آهن. ماتا، سلهہ ۽ وبا جهڙين بيمارين جا بہ علاج نڪري پيا آهن. اِهي مکيہ سبب آهن جنهن ڪري ئي سراسري عمر ۾ اضافو آيل ٿو ڏسجي). ليڪن اهڙي وڌي عمر مان ڪهڙو لاڀ جو اڄڪلهہ جلد ئي مرض ۾ ماڻهو ونجيو وڃي. ڏينهون ڏينهن، منا پيشاب، رت جو داٻ، ڪئنسر، آرٿرائيٽ، ايڊس وغيره جهڙين بيمارين ۾ واڌارو پيو ٿيندو وڃي. پورا تندرست بنا ڪنهن روڳہ جي مشڪل سان ڏهہ يا پندرهن سيڪڙو ماڻهو هوندا. اڳين جُڳن ۾ ماڻهو اڪثر تندرست، جانٺا ۽ سگهارا هوندا هئا.

اِن ڪري ڪوبہ ڪرم من، وچن يا ڪرم سان سوچي سمجهي نتيجي جو ويچار ڪري ڪندو ڪر!‘

اسانجا ويد شاستر، ڌرمي گرنٿ سڀ مانوتا جو اُپديش ٿا ڪن. منش جنم وٺي ڪئن منش ڪي اهڙو آچرڻ، وهنوار، ويچار ۽ ورتاءُ ڪرڻ کپي جئن اڳتي هلي ڪيس دک، پيڙا، مرض، مصيبتون نہ ڀوڳڻيون پون.

اڄ عام طور منش جو لاڙو ڪتابي ۽ جڙواد جي گيان ڏانهن آهي. ويدن شاسترن جون سکيائون عمل ۾ ڪونہ آهن. جيڪو ڪرم ڪريون ٿا فقط هن نشور شرير جي سکہ ڀوڳہ لاءِ! ڪو ماڻهو وڏا عهدا ماڻي ۽ جڏهن اُنهن مان فارغ ٿئي ٿو تہ بہ پاڻکي ڀُوتپُوَرو يعني گذريل عهديدار ئي ڪوٺائي ٿو ۽ ائين ڪرڻ سان فخر وٺي ٿو. پر جڏهن اسانجا ويد شاستر، انيڪ رشي مني، مهاتما اسانکي ٻڌائين ٿا تہ ’تون آتما آهين!‘ تڏهن بہ اسان کي وشواس ڪونہ ٿو اچي! منش جيون جو هن ڪان وڌيڪ درياڳہ کهڙو ٿي سگهندو؟ سنگرو نانڪ ديو ڪان هڪ ڀيرو مرداني پڇيو، ’سچ ڇا هي، ڪوڙ ڇا آهي؟‘ صاحبن جواب ۾ مرداني کي سمجهايو، ’مردانا، جنهنکي هي منش سچ ٿو سمجهي، سوئي حقيقت ۾ ڪوڙ آهي. جنم ڪان وٺي جيوُ هرڳالھ کي سچ سمجهي ٿو. ڪيڏانهن ٿو وڃي ٻالپڻ، ڪيڏانهن جواني! ڪيڏانهن هي سنسار ۽ ڪٽنب جا موّج مزا، سڀ هڪ هڪ ڪري هلندا ٿا رهن. هاڻ جيڪو قائم ئي ناهي اُهو سچ ڪئن ٿيو! پر مردانا موّت ئي سچ آهي جيڪو اِن ڪوڙ جي تصديق ٿو ڪرائي. اُن وقت اکيون پٽجن ٿيون. من اندر وشواس اچي ٿو تہ هي جڳت مِٿيا آهي،

ن جا ساٿي ٻڌندا تہ پرڪرتي اُنهن کي بہ ڪونہ سيندي. جيئن زهر تہ زهر آهي، هڪ بوند هوندي يا بوتل، تيئن گناهہ بہ گناهہ آهي، هلڪو هجي يا ڳرو! ٽ سزا بہ اهڙي هوندي هلڪي يا ڳري! پرڪرتيءَ نياءُ اٽل آهي.

اڙي رُڪِجو! اڳتي نہ وڌو!! ٿورو پُٺتي نِهاريو!!!

وطن کان وڇڙياسين! پنهنجا آباڻا چنا ڇڏي، بي گهر جي برپٽن ۽ مئدانن ۾ پٽڪياسين! هڪ رات ۾ پنهنجو س پرائو بڻجي ويو. آيامن کان ورثي ۾ مليل جائدادون، ينون، مڪان وغيره ائين ئي ڇڏي، خالي هٿين نڪري وار ٿياسين. اُن وقت جي پيڙهيءَ کي، جيڪي اجا بہ ي حيات هوندا، ڪئين وسرندي پنهنجي جنم ڀوميءَ جي !!

ياد آهي اُن وقت جي پريوارڪ ۽ سماجڪ اَوستا. سادگي، چائي، پريم، پيار، شرم حياءُ هو سيني ۾. ڪٽنبن ۾ پ هو، ننڍن وڏن لاءِ مريادا عزت! گڏيل ڪٽنب جنهن ڏهہ ويهہ ياتي خوشحال ۽ پريم شانتيءَ سان رهندا ا. فقط پنجاهہ، سؤ رپين مان گهر جو ماهوار خرچ هلندو . ٽي رپئي مڻ (چاليهن سيرن جو) ڪڻڪ، چانور، داليون يره. هڪ رپئي ۾ مڪڻ مان رجائي اکين سامهون سچو هہ هڪ سير. ٻارهين رپئي سوني ڳني! ڪئين وسرنديون ي يا ديون، اِن پوئين پيڙهيءَ کان جن هنڌا سڪہ پنهنجي ن ۾ ڏٺا! ورلي ڪنهن گهر ۾ ٽيليفون يا ريڊيو هوندو ! گهر مان ڪير ياترا تي ويندو هو تہ اُن جي سلامتيءَ

ايتري قدر جو هو شرير بہ پنهنجِي اِڇا سان تياڳہ ڪندا
هئا ڇو تہ هوُ سڀ ويدڪ اُصولن تي هلِي سنيہ ۽ ڌرم
جو پالن ڪندا هئا. شاستر چون ٿا جيڪو سنيہ ڌرم جو
پالن ڪري ٿو، اُن جي سنيہ ۽ ڌرم رڪشا ڪن ٿا. هڪ
هڪ مهاپرش سنيہ ۽ ڌرم تي هلت ڪرڻ جو اُپديش
ڏنو آهي. ڪلجڳہ جي آرنڀ ۾ گوتم ٻڌ جي روپ ۾
ايشور اوتار ورتو. گوتم جو اُپديش اِهو ئِي هو تہ ’ايشور
جِي ڳولها ڪرڻ ڇڏي ڏيو. پر پنهنجو جيون سچ تي
هلايو. سچ جا اٺ ساڌن گوتم ڏسيا. چيائين ڪلجڳ ۾
سچ ئِي ايشور آهي. جنهن جو جيون سنيہ تي آڌارت
آهي اُن ئِي ڄڻ ايشور کي سڃاتو ۽ پاتو.‘
اڄ سياستدان، نيتائون ۽ ڪرمچاري سماج جو وڏو حصو
هوندي بہ ڪيترن گناهن ۽ غلط ڪارين ۾ ڦاٿل آهن.
عام لوڪ ڄاڻندي تہ هِي پاپ ڪرم آهي، خاموش آهن.
ڇا اُهي اُن پاپ ڪرم جا حصيدار نہ بڻجندا؟ سماج
اندر ڪيترِيون بُرايون وِڪسِت ٿِي رهيون آهن! بلاتڪار،
آتنڪواد، هتيا، ڊڪيتِي، ڏاڙا ۽ دوکادڙيءَ جون عام ڇلت
گهٽنائون اڄ چارون طرف وياپڪ آهن. ڇا سرڪار ڪجهہ
نٿِي ڪري سگهي؟ گناهن ۾ ڦاٿل سياستدان ۽ نيتائون
ڇا ڪندا؟ چوڻِي آهي تہ ’چورن جا پائر ڳنڍي چور‘.
راشٽريہ پريم پاونا اڄ ڪٿي آهي؟ ديا ڌرم جو مُول اڄ
ڪٿي آهي؟ پنورت ڌرم اڄ رهيو ڪونهي! سڳن سنبنڌين
۾ پريم رهيو ڪونهي. پوءِ بہ سياڻپ ۽ ڏاهپ ڏيکاريندڙ
چون تہ پرڪرتِي ائين نياءُ ڪندي آهي، ’جو سُڪن گڏ
آلا!‘ ها ائين نياءُ ٿيندو جيڪي آلا سُڪن جو سنگ ڪندا،

ـب ياتي نوڪري، ڌنڌي يا پيشي سان ڪمائين ته به
ـوت ڪاتو ڪليو پيو آهي. نت شت، ٽِپ ٽاپ، ڪوڙي
ـان ۽ فئشن پرستيءَ پريوارڪ جيون جو جهڳوئِي جَڙِ ڪري
ـڇڏيو آهي. سادگِي ۽ صفائِي ئِي اِنسان جي سچِي سونهن
ـ سوڀيا آهي. صديون اڳ جون عمارتون، مندر وغيره ته
ڏسو! ڪيڏا نه مضبوط اوچي ڳاٽ بينا آهن، اصل حيران
ڪيو ڇڏين. چو ته اُن ۾ سچائِي ۽ صداقت واري پوڙهئي
جو پگهر آهي. پريشرم ۽ پريم جي پيڙهه تي بيٺل آهن
اهڙا شٿان! روشن، هوادار ڪشادا اهڙا شٿان جتي صحت
۽ تندرستِي به هميشه سالم رهندي هئِي.

اڙي ٿورو ته پنيان نهاري ڏسو! ڪيترو نه سکِي هئاسون!
ٿوري ۾ سنتوش هو. زمانو اهڙو ته سهنجو، سنابو ۽ رسُ
پريو هو جو اناج جي جنس مان روز مره جون گهرجون
پوريون ٿينديون هيون. پيرسن ماتائون گهرو نسخا ٻڌائي
دوا سُٽيءَ خواهه علاج پٽيءَ جو ڏسُ پتو ڏينديون هيون.
ڊاڪٽر جي ضرورت ئِي ڪونه ٿيندي هئِي. پائِي پئسي
جي خرچ سان ئِي دکه مرض بيمارِي سيماريءَ جو علاج
ٿي ويندو هو. جٿن جٿن اجا پنتي نهاريندا ته زماني
جِي وڏيڪ اوجلتا ۽ خوشحالِي نظر ايندي. شڪول پانشالائن
۾ اُستاد، وديا گرو هڪ هڪ شاگرد وديارٿيءَ جو اونو
رکندا هئا. وديارٿين جي کاڌ خوراڪ جي به پورتِي ڪندا
هئا. اُن وقت جا وديارٿِي هوشيار، عقل، سمجهه، ساڄهه
۾ وشال هوندا هئا. اتڪار سڃاڻندا هئا ته فرض تي به
پورا هوندا هئا.

اُن وقت جون ماتائون، اِستريون، سيل، سنتوش ۽ سادگيءَ

جي پھچ لاءِ صبر ساں ڏينھن جا ڏينھن انتظار ڪبو ھو. گھڻن گھرن ۾ اٽي پيھڻ جا جنڊ، جو صبح سويل گھر جون ماتائون ۽ وڏور نياٽيون ڏٽيءَ جو نالو بہ پيئون اُچاريندون ھيون ۽ جنڊ پيھنديون ھيون! بزرگن کي پڳوان جو روپ سمجھي، گھر جا پٽ، نھن، پوٽا شيوائون ڪندا ھئا. مجال جو گھر جي بُزرگ جي بي ادبي ڪن يا اُن جي رضاخوشيءَ بنا ڪو ڪم ڪن! اڙي ڀائي ھي کھڙي يُگہ جون ڳالھيون پيا ڪريو؟

ڇا ڪو ڪتاب لکي رھيا آھيو؟

ڪير ڪندو اِنھن ڳالھين تي اعتبار! اِھي تہ سڀ آسرپوٽاٽيون ڳالھيون آھن. اڄ صديءَ ۾ ڏنو وائنو ڪيڏو فرق اچي ويو آھي! سچ، سچ نٿو ڀاسي - اڄ جي ٽھيءَ وارا اِنھن ڳالھين کي خوابي ڳالھيون پيا سمجھن! وات جا وڙا پيا سمجھن! زمانو ۽ اُن جا ماڻھو خوش آھن تہ دنيا ترقي ڪري رھي آھي. ڀوتڪ پدارٿ، شرير ۽ اِندرين جي ترپتيءَ لاءِ ڏينھون ڏينھن وڌي رھيا آھن. نئين روشنيءَ جا نوجوان جنھنکي تيز رفتار واري ترقي ٿا چون، اُن حقيقت ۾ سڄي سنسار ۾ اشانتي ۽ اَسنتوش پئدا ڪيو آھي. مانسڪ جيون ۾ اِھي تباھيءَ جا ڪارڻ بڻجندا پيا وڃن. ذرا ويچار ساں ڏسو تہ پنجاھ، سؤ سال اگہ جيون ۾ جيڪو رَسُ ھو، آنند ھو، شانتي ھئي، اُھي اِن جڙواد جي ترقيءَ ساں غائب ٿيندا رھيا آھن.

اڳي ڏنڌي واپار ۾ سچ ھو، سنتوش ھو، برڪت بہ ھئي. گھر جو ھڪ ڀاتي ڪمائيندو ھو تہ ڏھن ٻارھن ڀاتين جو ڪٽنب خوشحاليءَ ساں پلبو ھو. اڄ گھر جا

راپت ڪندا هئا. اڄ اٺاهه ڏن خرچيندي تيرٿن تان
جيوَ ڏُکي ۽ اشانت ٿي ٿا موٽن. اُتي وڃڻ فقط ڏيکر
ڏيکاءُ ٿي پيو آهي. نڪا آهي اُها شرڌا، نڪو ويساهه،
وشواس. ڏسندا ته تيرٿن ۽ مندرن ۾ هدايتون لکيل آهن،
'مال جي سنڀال ڪريو. پاڪيٽمارن کان پاڻ بچائجو. دلالن
۽ دوکيبازن کان سنڀال ڪجو،' وغيره.

سنسار برابر جڙواد جي ساڌنن ۾ ترقي ڪئي آهي.
پر سچو سک، سنتوش ۽ شانتي پَرَ ڪري اُڏامي ويئي
آهي. جئن جئن وقت وڃي پيو گذرندو، جڙ پدارٿن جي
استعمال جو واڌارو ٿئي پيو، تئن تئن منش وڃي پيو
تيز رفتار سان وناش جي اوراهه ڏانهن وڌندو. چنچلتا
۽ چت جي چريائي منش ۾ جڙون مضبوط ڪري رهي
آهي.

پر انهن حقيقتن تي ڪير ٿو ويچاري؟ ودوان چون
ٿا گذريءَ کي ياد نه ڪريو! هاڻ سچائي ڇا ۾ آهي؟
نتيجي تي ڏُکي ٿيڻ ۽ ڪارڻ تي ويچار نه ڪرڻ ڪهڙي
سياڻپ آهي؟ ڇا ماضيءَ جا آزمودا پوشيده لاءِ سِکيا نٿا
بڻجن؟ ويچاروان اِنسان ته اُهو آهي جيڪو ماضيءَ تي
ويچاري، اُن مان پرايل انڀوُ جو آڌار وٺي پنهنجو آئينده
سرجڻ ڪري ٿو. پر اڄ سچيُن حقيقتن تي ڪير ٿو ويچار
ڪري؟ سچ ڪنهن کي ٿو وڻي؟

هلندڙ زماني ۾ تعليم ۽ وديا جو ٿورو ويچار ڪريو.
اڄ جو لڪش آهي فقط روزي روٽيءَ ۽ عياشي جيون لاءِ
وسيلو بڻجڻ. اِسڪولن ڪاليجن مان جيڪي وديارٿي نڪرن
ٿا اُنهن کي فقط پيٽ پرڻ ۽ سنساري سکن جي ئي

جون جيٺريون ڄاڻنديون ديويون هيون. شرم حياءَ جي پردي ۾ رهي هندو سماج جو شان بُلند رکي وينيون هيون. پتورت ڌرم جي مهانتا جو سڏانت قائم رکي وينيون هيون. سندن سنتان سنن سنسڪارن سان جنم وٺندا هئا. ننڍي ئي ٻارن جي پوري پرورش، منجهن ڌارمڪ سنسڪارن جي پوک ٿيندي هئي. اُن زماني جي کاڌ خوراڪ شُڌ، بنا ملاوت جي کير، مکڻ، ڏڌ، اناج، مصالح واپرائڻ سان اڪثر جوانن جا شرير نروگہ ۽ تازا توانا پيا لڳندا هئا. ليڪن اڄ چشڪيدار طعام، ملاوٽي مالن کائڻ کارڻ شرير روڳي، ڏبرا، ضعيف ۽ ڪمزور هڏين جا پتلا پيا پاسن. پوشاڪ ڏانهن نهاريو! زالون شرير کي اهڙي نموني ڍڪينديون هيون جئن ڪنهن پَرَ پُرش جي خراب درشٽي نہ پوي. ليڪن اڄ رستن ۽ بازارين ۾ اهڙا وستر پهرين جو شرير جا انگ پيا اُگهاڙا ٿين. مردن جا من خراب ٿين ۽ پوءِ بلاتڪار ۽ اَپهرڻ!

اڳلا ڌارمڪ شٿان بہ ذرا ويچار ۾ آڻيو! اُن وقت جا ساڌو سنت، سادگي ۽ غريبيءَ ۾ رهندا هئا. پنگتي ۽ پريوارڪ جيون کي سکدائڪ بڻائڻ ۾ سات ڏيندا هئا. پر اڄ هلندڙ زماني مطابق اُهي ڌارمڪ شٿان عياشي ساڌنن سان پرجندا پيا وڃن. ساڌو سنت ايئر ڪنديشنڊ ڪمرن ۾ اڄڪلهہ جي آرامدائڪ پدارٿن جو اُپيوڳ ڪري عام ماڻهوءَ کان وڌيڪ سُکي جيون بسر ڪن ٿا. ارٿ جو انرٿ پڌائي اَبوجهن کي گمراه ڪن ٿا. اڳي تيرٿن ڪرڻ لاءِ مهنن جا مهنا وهٽن تي سوار ٿي، انيڪ ڪشٽ ڪشالا سهي وشواس ۽ شرڌا سان وڃي سچي راحت ۽ شانتي

استري پرش بہ هڪ ٻئي کان ڌار ڌار رهن. طلاقن
ڊوم مچي رهي آهي. ڪلبن ۽ هوٽلن ۾ پڙهيلن
انداز وڌ ۾ وڌ آهي. اڳي چئبو هو، ’ڌن ويو تہ
جهہ نہ ويو! تندرستي ويئي تہ ٿورو ڪجهہ ويو!! چريتر
لاق ويو تہ سڀ ڪجهہ هليو ويو!!!‘ پر اڄ ڌن ويو
سڀ ڪجهہ ويو! ڌن جي وڃڻ سان اڪثر ماڻهو پاڳل
و پون، هارٽ فيل ٿيو وڃن يا آپگهات ڪن. اڄ ڏسندا
راتوواهہ ڪروڙپتي بڻجڻ جي ڪامنا ڪئن تيز پڪڙي
ي آهي! لاٽريون، شيئر، جوئائون، سٽا، ويساگهاتي، ملاوٽي
ل، ڊرگس وغيره ذريعي ڌن ڪمائڻ جا تڪڙا ۽ تيز
ريعا آهن. ان ڪري اڄ ڌن سماج ۾ وشيش سٿان والاري
نو آهي. پر چريتر اخلاق نالي جي چيز ئي ڪونہ رهي
ي. اڄ پڙهيل استريون آزادي ٿيون چاهين، ۽ اُها آزادي
ڄي پيئي آهي ڇرواڳي، جنهن جو نتيجو آهي اخلاق
چريتر جي گراوٽ! ائين برابر آهي تہ ڪن ڪن ڪٽنبن،
ڪسبن ۽ ذاتين ۾ اِستريءَ مٿان ظلم اتياچار ٿئي ٿو.
ن جو مُول ڪارڻ آهي شاسڪن جي ڪمزوري ۽ سوارٿپڻو.
ڦين جڳن ۾ يا پندرهن، ويهہ صديون اڳہ شرابن، جوئا
ويچار جا اڏا اسانجي ڀارت ۾ ڪونہ هئا. اڪثر سڀ
اڻهو ڌنڌي واپار نوڪري پيشي ۾ رڌل رهندا هئا. اڄ
اسڪن جي ئي غلط ۽ سوارٿي نيتيءَ ڪارڻ ديش ۾
ام جام شرابن جا اڏا، جوئا جا اڏا ۽ وئشاليہ جتي
ڪتي پکڙجي ويا آهن. مردن ۾ بيروزگاري وڌي رهي آهي.
هن ئي بُراين جي ڪارڻ ڪٽنبن ۾ تڪرار، جهيڙا ۽
ارڪُٽَ جون گهٽنائون وڌي رهيون آهن. جنهن ديش ۾

سکيا ڏني وڃي ٿي. اڄ ودیا جو مقصد هوندو هو ماڻهن جي صحيح راهه تي هلي، پنهنجا، پريوار، سماج ۽ ديش جا فرض سڃاڻڻ! اڄ اهڙي سکيا شايد ئي ڪو ورلي حاصل ڪري ٿو. ائين ڪري چئجي ته گهڻن وديارٿين ۾ ڇڻ پسوننا جا گڻ پوکيا ٿا وڃن، جيڪي ٻاهر نڪري، پنهنجن ڪکرمن ۽ ڪُڌن ڪرتوتن سان عوام کي حيران ۽ پريشان ٿا ڪن. اڄ پڙهيلن ۽ اوچي وديا حاصل ڪيل جا اِهي افعال آهن، جو جيترو اوچو درجو اوتري وڏي رشوت، عهدي ۽ درجي جو گهڻي ۾ گهڻو غلط استعمال ۽ دُر-اُپيوگ!!

ڪٽنبي ۽ پريوارڪ جيون نشٽ ٿي رهيو آهي. اِستري ذات کي جيڪا اڳرائي ملي آهي، اُن ڀارت جي سناتن ڌرم کي وڏو ڌَڪ رسايو آهي. اِستري گهر جي ديوي ۽ لڪشمي ڪري پوڄي ويندي هئي. هوءَ گهر گرهست کي سني نموني پالي تاتي گهر ۾ پرٿويءَ تي سرڳ بڻائيندي هئي. سندس شيل، ست، اخلاق ۽ چرتر اوچو هوندو هو. ليڪن اڄ .....

ڪجهه وقت اڳ هڪ ڊاڪٽرياڻي ڀيڻ سان ملاقات ٿي. هيءَ ڀيڻ گرڀ پات جي ڪيسن ۾ ماهر آهي. حال احوال وٺندي ٻڌايائين ته گهڻي ۾ گهڻيون شڪولن، ڪاليجن جون ڇوڪريون ۽ آفيس ۾ نوڪري ڪندڙ ڪنوارين ۽ وواهت استرين جو گرڀ پات ڪندي آهي. گهر جا اِستري پرش نوڪري ڪن ٻار نوڪرن ۽ آيائن جي حوالي. اِهو آهي اڄ استري ذات کي سماج ۾ گهڻي ۾ گهڻي اڳرائيءَ جو نتيجو. گهر برباد ٿي رهيا آهن، پريوار ٽٽا پيا آهن. گڏيل ڪٽنب جو نالو نشان ڪونهي! ايتري قدر جو گهڻا

سان ڪيئن ڏسي سگهندا؟ اڄ هڪ جيو اِن سوڪيم سنا سان هلي رهيو آهي، جنهن کي ڪير ڏسي ڪونہ ٿو سگهي. هِنَ پرٿويءَ تي جيڪي بہ شرير ڏسون ٿا، اُهي سڀ جڙ مُردا ٿِي پون جي اِها سوڪيم اَدرشيہ سنا هڪوار نڪري وڃي. منش جڏهن پنهنجي اندر سمايل سوڪيم سنا نٿو ڏسي سگهي، تڏهن چنڊ، سورج، منگل يا ٻين گرهن ۾ وياپڪ سوڪيم سنا ڪئن ڏسي سگهندو؟ اڙي ڪير هنن عقل جي اڪابرن کي سمجهائي! افسوس سڀ هڪ ٻئي سان سُر ۾ سُر ملائي پيا آلاپين! اڳي رشي مني، آتمڪ شڪتيءَ سان پنهنجي شرير جي سوڪيم سنا سان ٻين لوڪن جو دؤرو ڪري سگهندا هئا. رشي اُدالڪ جو پٽ نَچِڪيتا شرير سوڌو يم لوڪ مان گهُمي آيو. ڌرم راجا يُڌشٽر شرير سوڌو ڌرمراج جي ڌرم پوريءَ ۾ پهتو. افسوس، اڄ جا پڙهيل ڪڙهيل انهن ڳالهين کي نٿا مڃين. باقي ڪوڙي سنسار کي سچ سمجهي وينا آهن. اڙي ڀائي گهڻو ٿيو! اڳتي نہ وڌو! ڀلا اِتي ئِي رُڪجو ۽ سنسار جي ڪلياڻ لاءِ ڪجهہ ويچار ڪريو. سنسار جا لوڪ ڏُکِي آهن. بيمار ۽ روڳِي آهن. وڪارن جي روڳ ۾ ڦاسجِي ويا آهن. ڪجهہ هلندڙ ماحول کي بدلايو. هِي سڄِي انسان ذات اُن هڪ مالڪ جي پيدائش آهي. سڀ پاڻ ۾ ڀائر ڀينر آهيون. ڌرم مذهب جي نالي ۾ هڪ ٻئي جو خون نہ وهايو. هڪ ٻئي کي ناس ڪرڻ جي سازش جِي هوڏ جو تياڳ ڪريو. هي سڄو جڳت اُن مالڪ جو پريوار آهي، 'وسُڌيو ڪٽنبم'. پنهنجو هٺ وڏائِي ڇڏي، هڪ ٻئي سان پريم ۾ رهِي ڪري سچي سک جو لطف ماڻيو. پرماتما هن

اِستري ذات کي ديوي ڪري پوڄيو ويندو هو، اُن ديش ۾ اِستري ذات جو اپمان ٿئي، ان لاءِ شاسڪ ئي جوابدار ۽ گنهگار آهن.

..... اڄ ڌار ڌار ملڪ چون ٿا، ’اسان ترقي ڪئي آهي. اسان پنهنجي بچاءَ لاءِ ائٽم بم ناهيا آهن. ١٩٤٥ع ۾ هيروشما، ناگاساڪي جپان مٿان انهن بمن جو پهريون استعمال ٿيو هو. جنهن ۾ اٽڪل هڪ لک ماڻهو موت جو شڪار ٿيا ۽ لک ڪان مٿي اڄ ڏينهن تائين اَڌ مئا ٿي جيئرا رهيا. اڄ سادا پنج ڏهاڪا پوءِ انهن بمن ڪيتري ترقي ڪئي هوندي! چون ٿا امريڪا هڪ اهڙي بم جي ايجاد ڪئي آهي جو هڪ بم سان سڄي ايشيا کنڊ جو وناش ڪري سگهي ٿو. اسان جو پاڙيسري ملڪ به اهڙو راڳ پيو اُچاري. هڪ طرف پين پين ديش شانتيءَ جو آلاپ پيا آلاپين، ٻئي طرف وناشڪاري هٿيارن جي هوڙ ۽ ريس وڌندي پيئي وڃي! هاڻ ته اسانجو ڀارت به اِن قطار ۾ شامل ٿي ويو آهي.

لکين ڪروڙين، اَربين، خربين رپيا خرچ ڪري چنڊ کي هيٺ لاهڻ جي ڪوشش پيا ڪن. اڙي جواب ڏيو ته اِن مان پرٿويءَ جي اِنسان ذات جو ڪهڙو ڪلياڻ ٿيندو؟ هڪ طرف سنسار جو غريب طبقو ٻُکن ۾ پاهه ٿي رهيو آهي ٻئي طرف هن نموني اٿاهه خرچ ڪري تماشو پيو ڪيو وڃي. اڄ جا پڙهيل ودوان خوش آهن ته زمانو ترقي پيو ڪري. وري چون ٿا ته چنڊ تي جيون ڪونهي. ڇا اسانجا شاستر ڪوڙا آهن؟ اڙي ٻين لوڪن ۾ سوکيم جيوَ رهن ٿا، اُنهن کي هنن چمڙي جي اکين

چوڻ. سنياسيءَ جي بار بار آواز ڪرڻ تي سڀ پاڻ بچائڻ
جي خيال کان اچي ڪناري تي پهتا. پر هڪ نوجوان
ڇوڪرو زوردار لهر ۾ لُڙهندو نظر آيو. ڏسندڙ افسوس ظاهر
ڪرڻ لڳا. ڪو پيو چوي، 'هن جو انت ائين اچڻو هو'،
ڪنهن چيو، 'ويچاري جي پرالبڌ ۾ موت ائين لکيل هو'
وغيره. ليڪن هڪ نوجوان سنياسيءَ پنهنجو هَوَن ڇڏي ترت
وني پاڻيءَ ۾ ٽپو ڏنو. هي سنو تئراڪ ٿي نظر آيو.
ٽکو ٽکو ٻانهون ڦهلائيندو وڃي ٻڏندڙ جوان جي نزديڪ
پهتو. هن جوان کي ٻکر وجهي پنيءَ تي وهاري واپس
ترندو ڪناري تي آيو. خبرداريءَ سان هن جوان کي پنيءَ
پر سمهاري، هَوَن جي گيهه سان پيٽ پنيءَ تي زور سان
مالش ڪيائينس. ٿوري ئي ساعت بعد جوان ٽڪڙا ٽڪڙا
ساهه کڻڻ لڳو ۽ ڪجهه منٽن ۾ ئي اُٿي وينو. پرسان
نوجوان سنياسيءَ کي بينل ڏسي سڀ ياد ڪندي هن جوان
سنياسيءَ جي چرنن ۾ سر جهڪائي چيو، 'اڄ توهان مونکي
نئون جنم بخشيو آهي. توهانجو هي احسان مان عمر ڀر
نه ڀلجندس.'

وسِشٽ مهراج يوگ جو گيان ڏيندي رام کي چيو، 'هي
رامچي، پرشارٿ هي تيرا ڌرم هئه!' پرالبڌ ۽ پرشارٿ
منش جيون جي رٿ جا ٻه ڦيٿا آهن. پرالبڌ ماضي (گذريل
ڪرمن جو ڦل) ته پرشارٿ ورتمان لاءِ پريشرم ۽ پوشيه
سڌارڻ جو موقعو آهي. پرشارٿ سان نه فقط پرالبڌ جي
ڪرمن کي هلڪو ڪري سگهجي پر منش جيون جو
آنند ۽ سک به ماڻي ٿو سگهجي.

هڪ غريب کي ڏس مليو ته جهنگل ۾ هڪ وڻ هيٺ

جڳت جي رچنا آنند ماڻڻ لاءِ ڪئي آهي. سچو سک ماڻڻ لاءِ اسانجي ئي خوشيءَ خاطر پرماتما اسان لاءِ سک جا ساڌن به پئدا ڪيا. انڪري هرهڪ وستو اُن ڏٺيءَ جي سمجهي اُپيوگ ڪندا ته شانتي ۽ سُک ملندو. او پليل بندا! هاڻ ته ڪجهه سوچ! ڪجهه ساڃهه ڌار! منش جيون جو مرم سڃاڻ!!

او هن سرشٽيءَ جا رچنهار، گهٽ گهٽ واسي، تون ئي ڪا سيني کي ساڃهه ۽ سمجهه ڏي. هن پليل بندي کي صحيح راهه ڏيکار! غفلت ۾ غلطان هي اِنسان اهڙي اوراهه ڏانهن گهلجي رهيو آهي، جتي انڌي کوهه ۾ آهي پڙڪندڙ باهه، آسي پاسي وش پريل واسينگ! اِن ڪري هي جڳت جنني، جڳت پتا، تون ئي روپ ڌارڻ ڪري ڪا واهر ڪر!!

او بندا! پُرشارٿ ئي تنهنجو ڌرم آهي!!

هردوار تيرٿ استان تي، هرجي پؤڙيءَ وٽ هردم شرڌالن، سنتن، فقيرن جي پيهه رهندي آهي. اڄ به گهڻيئي شرڌالو پنهنجي پنهنجي ڪرم نيم پوڄا پاٺ ۾ رڌل هئا. سنتن فقيرن مان ڪي هوَن ڪري رهيا هئا، ڪي مالهائون ڦيري رهيا هئا، ڪي شاستر ابياس، وري ڪي يوگ آسڻ، ڌيان وغيره ۾ ويسِت هئا. گنگا نديءَ جي سيتل جل ۾ پڻ ڪيترائي شرڌالو شنان ڪري رهيا هئا. اچانڪ هڪ بزرگ سنياسي ڪناري تي بيهي زوردار آواز ۾ پڪارڻ لڳو، 'هڪ زوردار لهر اچي رهي آهي. سڀ پاڻيءَ مان ٻاهر نڪري

جي سنجوڳ سان اُتپن ٿيو آهي. ايشور پاڻ نرليپ ۽ اڪريہ آهي ۽ پرڪرتي پاڻ جڙ آهي. اُن ۾ چيتنا ڪونهي. پر ايشور جي پريرڻا سان پرڪرتيءَ ۾ پرشارت جي شڪتي پيدا ٿئي ٿي. پرڪرتي ڪريا شيل ٿئي ٿي. هر وستو، هر ڪريا پرڪرتيءَ جي اڌين آهي.ليڪن پرڪرتيءَ جو مُول آڌار ايشور آهي.

سنسار ۾ گهڻا منش فقط پرالبڌ تي ڀاري آلسي بڻجي پيا آهن. ايشور اهڙن آلسي جيون کي پسند ڪونہ ڪندو آهي. هوُ تہ اُنهن کي ڀائيندو آهي جيڪي گهٽي ۾ گهٽو پرشارت ۽ پريشرم ڪري پرالبڌ جي سڦلتا پائين ٿا. ترن ۾ تيل آهي پر اُهو پيڙهڻ بنا ملندو ڇا؟ ڌرتيءَ ۾ خزانا آهن، اُهي کوٽڻ کانسواءِ پراپت ڪين ٿيندا!

ستسنگ ۾ پريرڻا ملندي بہ گهڻا ماڻهو چوندا، 'جڏهن پربوءَ جي اِڇا ٿيندي تہ پاڻ چڪبندو، تڏهن ويندا سين.' شاگرد محنت نہ ڪندو، لاهي ايشور تي رڪندو. فيل ٿيندو تہ ميار ڏيندو مالڪ کي. ان طرح منش جي جڻ جنمن کان عادت ٿي ويئي آهي محنت ۽ پوڙهئي کان پري ڀڄڻ جي! ياد رکڻ گهرجي تہ جڏهن پرشارت ۽ پرالبڌ جو برابر سنجوڳ ٿئي ٿو تڏهن ئي جيون ۾ ڪنهن ڪاريہ ۾ سڦلتا ملي ٿي. ٻالڪ کي اسڪول ۾ داخلا ملي. پستڪ بہ وٺي ڏنا. ٻالڪ رڳو پيو رانديون ڪري، پڙهائيءَ جو نالو ڪونهي. پوءِ بہ بنا پڙهائيءَ جي ٻالڪ جي درجو پاس ڪرڻ جي آشا رکڻ ڪهڙي سياڻپ آهي؟

پرماتما منش جنم ۾ چيتن بُڌيءَ روپي امولڪ شڪتي بخشي آهي. اِن بُڌيءَ جو اگر صحيح اُپيوگ نہ ڪري

خزانو پوريل آهي. هي غريب جهنگل ۾ آيو. چوڌاري گهميو پر اَسٿان نہ لڌس. ان ڪري واپس هليو آيو. جنهن ڏس ڏنو هوس اُن ڪان وري پڇيائين تہ ’اهو خزانو ڪٿي پوريل آهي؟‘ جواب مليس وچ واري وڻ هيٺ. ٻئي ڏينهن پاڻ سان ڪوڏر کڻي آيو ۽ مٽي کوٽڻ لڳو. ڍير مٽيءَ جا لڳي ويا پر خزاني جو نشان بہ نہ مليو. خفي ٿي وري موٽي آيو. اِن تي مهاتما چيس، ’اڃا کوٽيندو رهہ، خزانو اِتي آهي ۽ آخر ملندءِ!‘ واپس اچي وري کوٽڻ شروع ڪيائين. پسيني ۾ لت پت، شرير ۾ ٿڪاوٽ ۽ درد سبب ڪجهہ ساهي پٽي وري کوٽڻ شروع ڪيائين. ماڻهو لنگهن پيا ۽ مٿس کِلن پيا. ڪن چيس، ’اڙي مورکہ، ايڏي محنت ڇو پيو ڪرين؟ پرالبڌ ۾ هوندءِ تہ پاڻيهي گهر ويني ملندءِ!‘ پر هاڻ هي غريب پاڻ وڌيڪ من لڳائي مٽي کوٽڻ لڳو. آخر ۾ اُهو خزاني جو مٽڪو نڪري آيو. هو پنهنجي پريشرم ۽ پرشارٿ ۾ سڦل ٿيو.

حقيقت اِها آهي تہ پرشارٿ بنا پرالبڌ لنگڙي آهي ۽ پرالبڌ بنا پرشارٿ انڌو!

جهڙيءَ طرح هڪ انڌو ۽ هڪ لنگڙو فقير گهڻو پنڌ ڪري رهيا هئا.ڏاڍو بُک ۾ وياڪل ٿيا. ٿورو اڳيان ڏٺائون هڪ وڻ جنهن ۾ انب پڪي لٽڪيا. انڌو ڏسي نہ سگهي ۽ لنگڙو سڌو بهي نہ سگهي. آخر پاڻ ۾ صلاح ڪيائون تہ لنگڙو انڌي جي ڪلهن تي چڙهي انب پٽي ۽ ٻئي گڏجي کائين. ائين هڪ ٻئي جو ساٿ ڏنائون تہ سندن بُک مٽجي ويئي.

شاسترن ۾ لکيل آهي تہ هي برهمانڊ پرش ۽ پرڪرتيءَ

در در ڀٽڪي!! من جو ڀُلائو آهي! ڏوکو آهي!! آتما چوي ٿي، ’تون سُک روپ آهين‘ پر من سمجهي ٿو، ’تون سُک ٿو چاهين.‘

منش جو جنم هڪ اَهڙو موقعو آهي جنهن ۾ پرشارٿ ڪري اڪيچار جنمن جا سنسڪار انتهڪرڻ مٿان چڙهيل مٽائي سگهجن ٿا. ايشور ڪلياڻڪاري آهي. هو چاهي ٿو تہ هرهڪ جيو منش جو چولو پائي پاڻ کي جنم جنم جي سنسڪارن کان مُڪت ڪري.

’يوگ وسشٺ‘ ۾ تہ پرشارٿ کي ئي ڌرم ڪري مڃيو ويو آهي. ڌرم جو مُول اَرٿ آهي ئي پرشارٿ! ٻين اکرن ۾ سِوَ-ڪرپا پڻ چيو ويو آهي. ليڪن اَڄ جي ڌرمن مانوتا جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري سيني کي سوارٿ جي رنگہ ۾ رڱي ڇڏيو آهي. هلندڙ يُگہ ۾ ڌرم دواران جيڪو اتياچار پرٿويءَ تي ٿِي رهيو آهي، اُهو ڪڏهن نہ ٿيو هو. ڌرم جا نيڪيدار مانو-مانو جي وچہ نفرت جي ديوار کڙي ڪري رهيا آهن. اَهڙن نرمَم اَتياچارن سان سڄو اِتهاس ڪلنڪت ٿِي ويو آهي. ڌرم جي نالي ۾ منش کي جيئري جلائڻ، گهاتڪ هٿيارن سان بيرحميءَ سان مارڻ، گولين جو شڪار بڻائڻ، اِهي عام جون گهٽنائون آهن! چا اِنهن کي ئِي اڄڪلهہ جا ودوان، تعليمدان، پڙهيل ڪڙهيل طبقو ڌرم ٿو چوي؟ اهڙا ڌرم جا نيڪيدار شاسترن جي وِرُڌ پرچار ڪري پاڻ کي ئِي ايشور چوائي، پنهنجون پوڄائون ڪرائي، مالن ميڙڻ ۾ مشغول آهن. شاسترن جو ڪلياڻڪاري پرشارٿ اڄ اتياچاري سوارٿ بڻجي چُڪو آهي!

منش-سماج يا راشٽر جي اڄوڪي پرشارٿ ۾ ئِي سياڻي

فقط ايشور تي پاريندا سين تہ ايشور بہ چوندو، ’اگر سڀ ڪجهہ مونکي ئِي ڪرڻو هو تہ ٻُڌي ڏيڻ جي آوشيڪتا ڇو هئي؟‘ هي منش توکي هر ڳالهہ ۾ پريرڻا ڏيندڙ ٻُڌي آهي. اُها ئِي تنهنجو مارگہ درشن ڪندي بلڪ تون هروقت وويڪ کي جاڳرت رکُہ!

ڏسو هڪ ننڍڙو ٻالڪ! ماتيجي ماءُ مٺو ڏنس، ’منهنجي ڪُکہ مان جنم ورتين ها تہ راجائيءَ جي لائق بڻجين ها.‘ ٻالڪ نڪري پيو هڪ مقصد کڻي. سيڪجهہ نِسار پيو لڳيس. پر هڪ ئِي اَپلاشا، هڪ ئِي لڪشُ! جهنگل ۾ پهتو، لين ٿِي ويو ڌيان ۾! يا پريوءَ جو درشن يا شرير جو تياڳہ. صبح، سنڌيا ائين ڏينهن گذريا، مهنا گذريا. چارون طرف سنسنِي، انڌڪار، پر ٻالڪ ڌيان ۾ مگنُ! نہ ڪاڏو، نہ پيتو نہ وشرام! آخر ايشور کي اچڻو پيو ۽ درشن ڏيڻو پيو! اُهو ننڍڙو ٻالڪ دروُ جنهن پرشارٿ سان پرالبڌ کي جاڳايو. دروُ ڀڳت بڻجِي اٽل راڄ جو ڌڻِي بڻيو!

منش جي پراڪرم ۾ زبردست شڪتِي آهي. اگر سنڪلپ سچو آهي تہ پرالبڌ بہ پرشارٿ سان بدلي سگهجي ٿو، نہ تہ منش جي درجي جي وشيشتا ۽ مهانتا ڪهڙي آهي؟ منش کي ايشور جو انش ڪري ليکيو ويو آهي. جيڪي گُڻ ۽ شڪتيون ايشور ۾ آهن، اُهي اَنش ماتر منش ۾ بہ آهن. هاڻي جي چئو، ’ايشور جي اِڇا‘ تہ ڇا اِن ۾ اَنش ماتر منش جي اِڇا ڪونہ آهي ڇا؟ پر ڪلجڳہ ۾ منش پنڪي ۽ پُلجِي ويو آهي. وشين جي سنگ دوش ڪري پنهنجون انادي شڪتيون وساري وينو ڪنگالن وانگر

ڪان جي ڪم تي لڳائي ڇڏيو. وقت پڄاڻا سيٺ ڏرمداس
پرڪاش ۾ سڀ گڻ ڏسي ڪري پنهنجي ڪنيا نرملا جي
ڄ ڪئي. پرڪاش جي ماءُ اِها آڇ قبول ڪئي. نرملا بيحد
سندر، سڊول، قرت ۽ وڻندڙ روش واري سادي سودي سياءَ
جي ڇوڪري هئي. پرڪاش ۽ نرملا جي جوڙي بيحد نهڪندڙ
وڻندڙ هئي. سال کن مس گذريو هو ته پرڪاش جي
ماءُ جو چالاڻو ٿيو. هاڻ گهر ۾ فقط پرڪاش ۽ نرملا رهيا.
پرڪاش هرروز شام جو دڪان بند ڪري سنڌيا جي ستسنگ
۾ شامل ٿيندو هو. ستسنگ ڪانپوءِ شيوا جو ڪاريه پورو
ڪري ڪجهه منٽ سنت جي شيوا ڪري موٽندو هو. نرملا
اِنتظار ۾ ويٺي هوندي هئي. پرڪاش جي اچڻ تي گڏجي
ڀوڄن ڪري وڃي آرامي ٿيندا هئا. ستسنگ ۾ وئراڳي
ويچارن جو ڳالهيون ٻڌي ڪري پرڪاش جو هردو جيتوڻيڪ
سنسار جي موهه ممت، لوڀ، لالچ کان گهڻو مٿي چڙهي
چُڪو هو. پر نرملا جي سونهن ۽ ڀرپور جواني پرڪاش
کي ڪام ۾ ڪيرائي ڇڏيو. نرملا سادي سودي سياءَ جي،
سباجهي ۽ ڇئيوان استري هئي. پتيءَ جي راضپي کي
ڪڏهن ٽاري نه سگهندي هئي. پاڻ کي هردم ڀاڳوان سمجهندي
هئي ته سندس پتي ڪيس ڪيترو نه پيار ڪري ٿو! ٽن
سالن جي عرصي ۾ نرملا کي ٽي ٻالڪ ڄاوا!

ستسنگ جون ٻڌل ڳالهيون پرڪاش جي ذهن ۾ ڌرجنديون
هيون، ’گرهست جيون سنيم سان رهجي. اِستريءَ جي ٻاهرين
سونهن سان اُن جي اندر سمايل وستن جو ويچار ڪجي.
اندر آهي ڇا! هڏا، رت، مانس ۽ گندُ! پوءِ آڪرشت
ڇا تي ٿو ٿجي؟ ليڪن پوءِ به نرملا جي ويجهو ايندي

جي پوشيہ جا ٻج پوکيا وڃن ٿا. اڇوکي ڪشٽن، پيڙائن، مرضن، مصيبتن مان گذريل ڪالھ وارو پرشارت دوشي آهي. ٻچپن جو پرشارت جوانيءَ جي پرالبڌ، جوانيءَ جو پرشارت ورڌ اوسٿا جي پرالبڌ، ورڌ اوسٿا جو پرشارت اسانجي نئين جيون جي پرالبڌ ٿي بڻجي.

اهڙيءَ طرح، 'او منش، تون پاڻ پنهنجي ئي پرالبڌ جو سرجڻهار آهين.' هلندڙ جيون ۾ پنهنجي پرشارت، پريشرم ۽ پوڙهئي سان جيڪو چتر چٽيون ٿا اُن مطابق ايندڙ جيون ايشور اسان لاءِ جوڙي ٿو. هن پرٿويءَ تي ٿيندڙ آپدائن، وپدائن، قدرتي ڪوپن ۽ دردناڪ گهٽنائن لاءِ خود اڄ جو منش پاڻ تلاهي آهي. اِن لاءِ ايشور کي ڏوهہ ڏيڻ مورکتا ۽ اگيان آهي. هاڻ بہ چيتي هلون سڄاڳ ٿي، سنڀالي هلون تہ اوجل، سُکي ۽ سونهرو پوشيہ پاڻ بڻائي سگهون ٿا!

واسنائن جي ويگہ - ٻوڙيو ساري جڳہ کي

پرڪاش هڪ سمجهدار، هوشيار، ڏيرجوان ۽ گنڀير ڇوڪرو هو. هن جي هردي ۾ ڌارمڪ ويچار تمام اوچا هئا. پيءُ سان گڏجي چداڪاشي مندر ۾ ويندو هو. اُتي جي مهراجن کي گروءَ جي روپ ۾ ڏسندو هو. شڪول جي پڙهائي پوري ڪيائين تہ سندس پتا راهہ رباني وٺي رمندو رهيو. هاڻ گهر جي جوابدارين جو سمورو بوجھ پرڪاش تي اچي پيو. مندر جي هڪ ستسنگي پريمي سيٺ ڏرمداس، پرڪاش جي گهر جي هيٺي حالت ڏسي ڪيس پنهنجي

جڳت جو آڪرشڻ اول نيترن مان پرويش ڪندو آهي.
واسنائون جنم جنم کان حئران پريشان ڪندڙ ايذي
شڪتيءَ واريون آهن جو پاپ ۾ ڪيرائي پوءِ ئي شانت
تيون وڃن.' سنياسيءَ به سوئا ڪڻي پنهنجا نيتر ئي
ڙي ڇڏيا.

سنت تلسيداس جو به ساڳيو داستان آهي. پنهنجي استري
ندراوليءَ جي ڪام نشي ۾ غلطان ٿي ويو. جڏهن نشو
و، وڃي وات ورتائين مهاپرشن جي. خوب اڀياس ڪيائين.
خر واسنائن کان ڇوٽڪارو پائي جيون سڦل ڪري اَمر
ٿجي ويو.
اڄ پرڪاش جي دل ۽ دماغ ۾ وڏي هلچل مچي ويئي.
ندس هردو هونءَ ته وئراڳ ورتيءَ سان ڀرپور هو! پر
ڪام جي اگنيءَ کي روڪي نه سگهندو هو! اِستري آهي
ه ڇا ٿيو؟ اُها فقط ڪام ترشنا ٻجهائڻ جو ذريعو آهي
ا؟

شاستر چون ٿا ته، 'فقط سنتان جي چاهنا لاءِ ئي اِستريءَ
انهن وڃجي! باقي سڀ ويچار آهي! پاپ آهي!' اڄ
ڄجي رات پرڪاش کي ننڊ ڪونه آئي. آرام ڪرسيءَ تي
ٺي ستسنگ جي سکيائن تي ويچار ڪري رهيو هو.
'ڇا هي سڀ اڳئين جنم جون واسنائون آهن! ڀڳتي
شيوا جو به جذبو آهي! پر اُن سان ڇا اڳئين جنم
ون ڪامي واسنائون ڪڏهن هلندو رهيو آهيان!! اگر هي
يون به اِن طرح واسنائن جي پورتيءَ ۾ گذرندو ته ايندڙ
نمن ۾ ڪيئن بچي سگهبو؟ هي واسنائون هر جنم ۾
يڇو ڪنديون رهنديون آهن. هرهڪ منش جو جنم سندس

ئي پرڪاش واسنا جي وهڪري ۾ وهي ويندو هو! پاڻ کي روڪي نہ سگهندو هو ۽ نرملا اِن کي پيار سمجهندي هئي. هروقت پرڪاش جي من ۾ واسنائن جي اگنيءَ تي پاڻ سواها ڪندي، پاڻکي ڀاڳوان سمجهندي هئي. وقت گذرندي ويرم نہ لڳي! ڏهن سالن اندر پرڪاش کي ڇهہ ٻالڪ ڄاوا، ٽي نياڻيون ۽ ٽي ڇوڪرا!

دڪان تان ٿي ستسنگ جو هرروز جو نيم بہ چالو هو. وقت بہ وقت ستسنگ ۾ ٻيا بہ سنت مهاتمائون ايندا رهندا هئا. هڪ ڀيري هڪ مهاتما بلوا منگل جو قصو ٻڌايو. 'جوانيءَ ۾ بلوا منگل وشيا پنيان پاڳل هو! شرير جي رس، چمڙيءَ جي چشڪي اصل انڌو ڪري ڇڏيو هوس. هڪ اونداهي رات، تيز برسات ۾ ندي پار ڪري پيت ٽپي وئشيا وٽ آيو. جنهن هيڏو جوکم کٽي هن ڪوڙي ناسونت شرير جي رس ماڻڻ لاءِ اچڻ تي تنبيهہ ڪيس. اِهو طعنو تير ٿي ڪليجي ۾ چُڀجي ويس. پوءِ پير ڪري سنسار جو تياڳ ڪيائين ۽ هڪ مهاپرش جي سنگ ۾ ٻارهن سال رهي ڪري گهڻو يوگہ اڀياس ڪيائين. گروءَ جي هدايت مطابق ٻارهن سالن بعد هڪ سنياسيءَ جي روپ ۾ ٻاهرين دنيا ۾ واپس آيو. رستي تي پياس لڳڻ تي هڪ کوهہ وٽ آيو. هڪ سندر ڪنيا پاڻي ڀري رهي هئي. ٻارهن ورهين جي اڀياس بعد بہ سندس واسنائون شانت نہ ٿيون هيون. اکيون هن سندر ڪنيا ۾ کُپي ويس. ڪنيا جي پنيان پنيان آيو. ڪنيا جي پتا گهر ۾ ڪونايس. ڪنيا جي آڄ ڪيائينس. سنياسيءَ کي پاڻ تي گهرڻا آئي. ويچار ۾ پئجي ويو. 'واسنائن جا مکيہ دوار نيتر آهن.

ٻُرن ۽ سماج جي شيوا ۾ لڳايو. منش جو شرير پرماتما
جِي رچنا آهي. اِن شرير کي پرماتما جي ٻڌايل نيمن
لڳائڻ لازمِي آهي. هر منش جي جيون ۾ سنسڪارن
واسنائن جو پربل زور آهي. اُنهن جو وهڪرو بدلائڻ
۽ فقط منش جنم ئِي اهڙو موقعو آهي، جنهن ۾ اهڙن
ڪاري واسنائن کي ختم ڪري سگهجي ٿو. اِن لاءِ ڪارگر
رستو آهي آڌياتم پرشارت! تنهنجي من اندر جيڪو ڪام
جي وشيہ ۽ آڌياتم پراپتيءَ جو سنگهرش جارِي آهي، اِن
لاءِ توکي هاڻ موجودھ پَرستِتيءَ جو تياڳ ڪرڻ کپي.
هماليہ جي طرف اسانجي گُرن جو آشرم آهي، اُتي رهِي
ڪري وڏيڪ ابياس وجِي ڪر. لڳاتار ابياس ڪندي تنهنجي
من مان وڪاري واسنائون ازخود ناس ٿينديون ۽ تنهنجو
انتهڪرڻ شُڌ ۽ نرمل ٿيندو. هاڻ جڏهن تہ تنهنجا ٻار
وڏا ٿيا آهن، وڏو پُٽ ڪم ڪار لائق ٿيو آهي. پرماتما
تنهنجي لاءِ رستو کليل رکيو آهي. ڪاروبار پُٽ کي سؤنپي
گهر ۽ اِستريءَ جو تياڳ ڪر! شاستر چون ٿا تہ جن
جو انت ويلي اِستريءَ ۾ موهہ ٻڌجِي ٿو وڃي، اُنهن کي
پيو جنم وشيا جو ملندو آهي.'

گرديو جي سکيا پرڪاش تي گهڻو اثر ڪيو. سندس
من گهڻو هلڪو ٿيو. گهر ۾ اچِي ڪري هاڻ تمام گنڀير
۽ شانت رهندو هو. نرملا جي ويجهو ايندي من ۾ واسنا
تہ ضرور اُڀرندي هئِي پر اُن کي دٻائي ويندو هو.

۽ آخر هڪ رات گهر ڇڏي روانو ٿِي ويو گرديو جي
ڏسيل مارگ ڏانهن پوءِ بہ من مان واسنا جو تياڳ ڪو
اهڙو سَرو ڪونہ هو. گهر جي ۽ نرملا جِي ياد کيس حيران

واسنائن جو ئِي روپ آهي! اڄ پنجاهه سال عمر گذري چُڪي آهي، ڇهه ٻار ٻه ڄاوا آهن پوءِ ٻه واسنا جي اگنيِ کونه ٻجهامي آهي. نرملا کي ڏسندي ئِي من تي واسنا جو نشو ٿو چڙهي. ڇا ڪريان؟ ڪِئن بچان اِنهن واسنائن جي واچوڙي کان؟'

ٻئي ڏهاڙي من اندر پڪو ويچار ڪري گروءَ کان وقت وٺِي ڪيس سمورو داستان ٻڌايائين. سندس گروءَ ڄاتو ته 'پرڪاش ۾ نڪو ڪا بري علت آهي، نڪو لوڀ لالچ، نڪو وير وروڌ اٿس. ستسنگ ڏانهن لاڙو ۽ شيوا جو جذبو گهٽو ئِي اٿس. پر هيءَ ڪام جي اگنيِ ڪڏهن ٻه شانت ٿيڻ واري ڪونهي. اِها باهه ته عمر وڌندي وڌيڪ پرڪندي رهندي آهي. وري جي اهڙي سندر سادي سودي سياءَ واري ابوجهه اِستري هردم ويجهو هوندي ته ترشنا ڪڏهن ٻه شانت ڪونه ٿيندي. هي جگياسوُ اهڙو آهي جيڪو جنم جنم جي وڪارن ۽ واسنائن کان ڇوٽڪارو پائڻ چاهي ٿو. واسنائن ۾ ڦاٿل اِنسان هڪوار ڪريو ته ڪرندو ئِي رهندو. اِن ڪري هن کي رستو ٻه اهڙوئِي ٻڌائجي جئن وڌيڪ ايندڙ جنمن ۾ ڪرڻ کان بچِي وڃي.'

پرڪاش جي اکين ۾ آب هو ته گروءَ جي مُکه ۾ رحم جو پرڪاش! گروءَ پيار ۽ همدرديءَ جي اکرن ۾ چيو، 'ٻچا، جيون جو وڏو عرصو گذريو آهي. تنهنجا فرض لڳ ڀڳ پورا ٿيا آهن. اسان جي شاسترن سوچ ويچار سان منش جي جيون جا چار حصا ڪيا آهن. برهمچريه پورو ڪري پلي گرهست جو آنند وٺو. ٻارن ٻچن کي جنم ڏيئِي ڪاروبار اُنهن کي سوُنپيو ۽ باقي حياتيِ پرماتما جي

سبس ڪريو جئن پتيءَ جو پتو ملي ته اُن کي ڳولهيان.'
ڪجهه وقت خاموشيءَ بعد مهاتما چيو، 'ماتا، هاڻ پتيءَ
جي ڳولها جو خيال به من ۾ نه آڻ. تنهنجو پتي ڪڏهوڪو
الڪ سان ملي هڪ ٿي ويو آهي. شال پنهنجي پريوار
سان سکي رهين.' پرڪاش چئتنيه جي من ۾ هاڻ واسنا
جو تڙ به جذبو ڪونه رهيو هو. هو هردم ايشور چنتن
۾ محو رهندو هو. پوءِ به هميشه ساوڌان رهي ڪنهن
سان به اڪيلي ۾ ڪونه ملندو هو.

ڪنهن وڏو خَلَلُ اَچِي هِن خَلِقَ ۾ !

هوُ پنج ئي ساهيڙيون هرروز پاڻ ۾ گڏجي خوب ٺهڪ
ڏيئي کلنديون هيون. واري وٽيءَ سان هڪ ٻئي جي گهر
۾ اچي ڪنيون ٿينديون هيون. فاحش ۽ گندا چرچا شروع
ڪري کلي کلي اصل مانديون ٿينديون هيون. پاڻ ۾ چونديون
هيون ته کلڻ سان خون وڌندو آهي ۽ اِهو به هڪ يوگ
آهي.

هڪ ڏهاڙي ڪملا جي گهر ۾ هرروز جي طرح هي
تماشو هلي رهيو هو. اَچانڪ رنڌڻي ۾ ڪجهه ڪِرڻ جو
آواز آيو. ڪملا هڪدم ڊوڙي رنڌڻي ۾ ويئي. ڪم وارِي
مائيءَ جي هٿان باسڻ صاف ڪندي هڪ پليٽ ڪري
پڄي پيئي هئي. بس اصل هڪ ڪن ۾ کِل ۽ ٺهڪن
وارو ماحول مهاڀارت ۾ بدلجي ويو. ڪملا اوچي آواز ۾
ڪم واري مائيءَ کي ڊانٽي رهي هئي. ذري گهٽ هٿ
هلائڻ تي هئي ته ڪم واري مائيءَ چلائي چيو، 'خبردار!
هٿ هلائيندينءَ ته پوليس ۾ وڃي رپورٽ ڪندس.'

ڪندي رهندي هئي. پر هتي جي سندر ۽ شانتمئہ واتاورڻ، لڳاتار يوڳہ ابياس جو اثر وڌندو رهيو. مَنُ واسنائن کان خالي ٿيندو رهيو. ائين ابياس ڪندي جيون جا ٻيا ٻہ ٽيھہ ورهيہ گذريا.

پنهنجي من کي سنڪلپ سان جڏهن هڪ ئي نقطي تي ٽڪائجي ٿو، پوءِ چاهي اُهو دنيوي هجي يا آتمڪ، تڏهن سڦلتا جا اُهڃاڻ نظر اچڻ ٿا.

هر وقت اُن ايشور جو ڌيان، سچائي ۽ وويڪي جاڳرتا سان، من کي ٻاهر ڀٽڪڻ کان روڪي سگهجي ٿو. اسان جون اندريون شڪتيون اڪثر ٻاهرين ڀٽڪنا ۾ ضايع ٿين ٿيون. من کي ڀلي ٻري سُڃاڻڻ جي شڪتي آهي. پر جي اِها شڪتي پنهنجي پَرکہ ڪري، من کي ٻاهرين ڀٽڪنا کان روڪي يوڳہ ۽ ابياس دواران وشين کان پاسو ڪريون تہ واسنائن کي نگهوسار ڪرڻ ۾ اوشيہ سوپ ملندي. اَهڙي سڦلتا ڪا اتفاق جي پيدائش ڪونهي، پر لڳاتار هوشيار ۽ پورن 'يوڳہ' دواران ئي ملندي آهي.

مهاتما پرڪاش چيتنيہ نگر ۾ آيل هو. حشام ماڻهن جا هرروز صبح شام سندس اُپديش ٻڌڻ ايندا هئا. سندس اکين تي هميشہ ڪارو چشمو پيل هوندو هو. عام ماڻهو سمجهندا هئا تہ شايد مهاتما نيترهيڻ آهي. پر شيوڪن مان ڄاڻ ملي تہ نيترن کي ستسنگہ مهل بلڪل ڍڪيل رکندو آهي جئن سنگت ۾ آيل اِستري توڙي پرش تي سندس درشٽي نہ پوي. اڄ شام جي ستسنگہ ڪانپوءِ هڪ شرڌالو ماتا پنهنجي پُٽ نهن سان اچي مٿو نِيڪي عرض ڪيو، 'سوامي، ٽيھہ سال ٿيا آهن پتيءَ کان وڇڙئي، توهين

هر منش جو اڄوڪو جيون هڪ بوجھ بڻجي پيو آهي. جيون جو سچو رس، آنند، خوشي ۽ موج ورلي ئي ڪو ماڻي ٿو. ڇا اِهي سڀ وصفون ٻاهر جون آهن؟ منش جيترو ٻاهر ڊوڙي ٿو اوترو ڏُکي رهي ٿو. اصل کي ڇڏي هرڪو نقل ڏانهن پيو ڊوڙي.

اسانجي نزديڪ ئي هڪ پريمي رهندو آهي. هرروز نيم مطابق صبح يوگا ڪيندر ۾ ويندو آهي. اُتي 'هاسيہ يوگہ' يعني کِل ٺهڪ ڏيڻ جو يوگہ ڪندا آهن. جيئونٽيڪ پنهنجي ليکي اِها تمام سٺي ڳالهہ آهي ۽ سٺو اُتم يوگہ آهي. پر سوال آهي اسين اِن جو ڪيترو اصلي لاڀ پرايون ٿا. هي پريمي جڏهن ئي يوگا ڪيندر مان موٽي اچي، تڏهن گهر ۾ نڪانوڪي شروع ٿي وڃي. زال سان ڪٽ پٽ، پُٽ نهن کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ. نہ فقط گهر ۾ پر سندس آفيس ۾ سڀ ڪرمچاري منجهائنس ناراض آهن. هاڻ ويچار ڪري ڏسو تہ سچو يوگہ ڇا آهي؟ اسانجي روزاني وهنوار، اُٿڻ ويهڻ ۾ اِهو يوگہ هجي تہ ڪيترو نہ آنند اچي! ڪيترا اهڙا سڄڻ آهن جيڪي 'هاسيہ يوگ' تہ ڪونہ ڪن، پر وهنوار تمام مٺو، ڪلمکہ، جنهن ڪري هنن کي ڪم ۾ آنند پيو ايندو آهي. نوڪر هجي يا مالڪ پر وهنوار سڀني سان مٺو، بنا ڀيد ڀاوَ جي رکڻ ئي سچو يوگ آهي.

اڄ زماني جي هوا ئي ڪا اهڙي لڳي رهي آهي. هر ڳالهہ ۾ نقل ۽ ڏيکاءُ ٿي پيو آهي. زماني جا رنگ ڏسي حيرت ٿي لڳي.

گهڻو وقت ٿيو هڪ نياڻيءَ، جنهن کي شادي ڪئي

ڪملا جون چارئي ساهيڙيون هي نظارو ڏسي هڪ ڪري ٻاهر نڪري هلي ويئون! هي ڪهڙو ڪلڻ ٽيو! ڇا نقل ڪرڻ سان خون وڌندو يا شانتي ايندي؟ حقيقت ڪي دٻائي ماڻهو ڪيترو ئي نقل ڪن پر چت اندر پڙڪندڙ ٻاهيون شانت ٿينديون؟ جيون جي سچ کي سچائي جيڪي حقيقت ۽ اصليت جي اوٽ وٺي اپياس ڪن ٿا اُهي ئي اِنهن ٻاهين کي ٻُجهائڻ ۾ سوڀ حاصل ڪن ٿا.

اهڙي ئي هڪ ٻي حقيقت آهي. راجو هڪ سرڪس ۾ جوڪر بڻجي خوب ڪلائڻ جي نوڪري ڪندو هو. سرڪس جا عام درشڪ راجو جوڪر کي خوب ساراهيندا هئا. هن جي چرچي، مسخري، مذاق ۽ اَهل جي طريقي کي ڏسي بيحد گهڻو کلندا ۽ وِندُرجَندا هئا. ليڪن سندس گهرو زندگي بيحد ڏکدائي هئي. گهر ۾ زال ٻارن جو ساٿ ڪونه هوس. گهر ۾ ايندو هو ته سندس دماغ گهٻرائجي ويندو هو. هڪ ڏهاڙي هڪ ڊاڪٽر وٽ ويو. منووگيانڪ ڊاڪٽر سندس گهرو حالات جو بيان ٻُڌي چيس، ’ڀائي، پاڻ کي هر طرح خوش رکُ! خوش رکڻ ۽ کلندو رهڻ سان اِهي دل جا غم اُڏامي ويندءِ! خوب ٺهڪ ڏيارڻ لاءِ تون سرڪس ۾ وڃ. اُتي راجو جوڪر ۽ مسخرو کلائي ٺهڪ ڏياريندو آهي. تون اُتي وڃي پاڻ کي وندراءِ.‘

مريض چيو، ’سائين، اُهو راجو جوڪر مان آهيان. سرڪس ۾ نوڪري اٿم. کلڻ جو، ڪلائڻ جو ناٽڪ ڪندو آهيان. پر منهنجي حقيقي گهرو جيون ته مها دُکي آهي!‘ ڊاڪٽر جو ٻُڌي ڪري دماغ چڪرائڻ لڳو! هو سوچڻ لڳو، ’تڏهن منووگيان چيز ئي ڪا ٻي آهي.‘

ٿِي. پر مهرباني ڪري دل ۾ رکجو.'

آفيس ۾ منهنجي ساهيڙي پنهنجي گروءَ جي ڏاڍي ساراهه پيئي ڪندي رهندي هئي. گهڻا ئي ڀيرا زور ڀريائين ته گرو ڪر ته انت ۾ موکش ملندءِ! هڪ ڀيري آخر هن ساهيڙيءَ جي ڳالهين ۾ اچي ويس. ڪيس چيم ته وقت وٺي ڏي. مقرر وقت تي، ساهيڙيءَ سان گڏجي سندس گروءَ جي آستان تي ويس. ساهيڙيءَ اول ئي چيو ته گروءَ جي هر آگيا جو پالن ڪجانءِ. اندر ڪمري ۾ ويس. اٽڪل چاليهه سالن جي عمر جو برجستو گيڙو ڪپڙن ۾ ويڙهيل مهاتما آرام ڪرسيءَ تي ويهي مسڪرائي رهيو هو. نالو، عمر، پيشو وغيره پڇڻ بعد چيائين، 'هُن سموري تنهنجي چاڻ ڏني آهي. تون ڀاڳوان آهين، تون موکش جي اڌڪاري ٿيندينءِ.' آرام ڪرسيءَ تان اُٿي ٿورو ويجهو آيو. 'اهڙو ته بدفضيلتو وهنوار ڪيائين، جو مان سهڪندي ڊُڪندي زور سان دروازو کولي ٻاهر نڪري آيس. شرم ڪان مون اُن آفيس جي نوڪري به ڇڏي ڏني. هاڻ گهر ۾ ئي ٻارن کي ٽيوشن ڏيندي آهيان. ڀائو، مان پڇان ٿي ته اگر گيڙو وسترن وارن جو اهڙو آچرڻ آهي ته عام ماڻهوءَ جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي؟ اهڙا ڍونگي سنت جتي ڪٿي ڦهليل آهن! مان سمجهان ٿي اڄ سنت بڻجڻ سؤلو ٿي پيو آهي، پر ماڻهو بڻجڻ مشڪل! اڄڪلهه پاڻ مشهوري ڪرڻ جا سؤلا ساڌن آهن ڪئسيٽ، ٽي.وي.پروگرام وغيره.'

هن ڀيڻ جو داستان ٻُڌي مغز چڪرائڻ لڳو. اڄ سمو اهڙو آهي جو سچ کي ڪير سڃاڻي ڪونه. ٻاهرين ويس

ڇهه ست مهنا مس ٿيا هئا، سان ملاقات ٿي. اڪيلي ۾ ڪانئس حال احوال پُڇڻ تي روئي ڏنائين. گهر سکيو ستابو، شاهوڪار ڌن مال وارو، پر هيءَ نياڻي ڏکي. سربستو احوال ونڻ تي ٻڌايائين، ’منهنجي سس ۽ نران هرروز سويل اُٿن. گهر ۾ گرو گرنٿ صاحب جي سواري آهي. اُن جو پرڪاش ڪري پاٺ ڪن. اُن بعد گردواري وڃن. پر جڏهن ئي اُتان موٽي اچن، تڏهن منهنجي مٿان اصل باهه ٻاري ڏين. ٽوڪون طعنا، ڪٽ ڪٽ، ڪاڏي تان، رڌڻ تان، ڪم ڪرڻ تان، اصل زندگي زهر ڪري ڇڏي اٿن. منهنجو گهوٽ رات جو اچا دڪان تان موٽي ته اُن کي منهنجون دانهون ڏين. پوءِ گهوٽ جو به گارگند، به ٽي پيرا ته هٿ به هلايو اٿس.‘ هاڻ ٻڌايو ته اِن پاٺ پوڄا مان ڇا وريو؟ اِهو ڏيکاءُ ۽ ڍونگ ناهي ته ٻيو ڇا آهي؟ بلڪل ويڇهڙائيءَ جي ڳالهه آهي. هڪ پيرڻ گڏجڻ آئي. سُني ڌارمڪ ويچارن جي آهي. ڳالهين ڪندي ڪانئس سوال ڪيو ويو، ’پيرڻ تو گُرو ڪيو آهي؟‘ بس اصل هي سوال ٻُڌي سندس منهن ڳاڙهو ٿي ويو. اکين ۾ دڪ پيريل غصو پرجي آيس. شايد هي سوال پڇڻ واجب نه هو. تنهن هوندي به دل ٻڌي وري ڪانئس پڇيو ويو، ’پيرڻ ڪائي غلطي يا بي اَدبي ٿي سوال پُڇڻ ۾؟ اگر اهڙي ڳالهه آهي ته معاف ڪجانءِ!‘

هن پيرڻ ڏکاري آواز ۾ چيو، ’ڀائو، اول ته ڇا گُرو ڪرڻ ضروري آهي؟ جي ضروري آهي به، ته اڄڪلهه اَهڙا آدرشي، نشڪام، نرليپ ۽ پيدياوَ رهت گرو ملڻ مشڪل آهن. مون سان جيڪو قصو ٿيو آهي، اُهو توهانکي ٻڌايان

جو رخ ڦيرائڻو پوندو. اڄڪلھ جي ڍنگ جي انڌي نقل ڪان پاسو ڪرڻو پوندو. شرير تندرست آهي تہ فقط اُن جِي سنڀال، سرڪشا ۽ شيوا ۾ پنهنجون اندريون شڪتيون ضايع ڪريون ٿا. ساڌارڻ طور سنڀال سُرڪشنا ضروري آهي، پر سمورو وقت کاڌن پيتن، ڪپڙن لٽن، منورنجن يا عيشن پنيان جيون برباد ڪونہ ڪرڻو آهي. رڳو شرير بڻجِي جيئڻ مان ڪهڙو لاڀ ؟

ٻي ڳالھ تہ اسانکي پنهنجن شخصِي ڪمزورين کي دور ڪرڻ گهرجي. ڪنهن کا ڳالھ چڱِي ڀليٰ ئِي ڪيتري اهم هجي پنهنجِي ويچارڌارا جو ضرور پريوگہ ڪرڻ گهرجي. انڌوشواسي بڻجِي اُن ڳالھ کي شرڌا سمجهڻ وڏي ڀُل آهي. اڄ سنسار دوکي، دمڀ ۽ پاکنڊ سان ڀريل آهي. انڪري شخصِي ويچارڌارا جو ڀرپور پريوگہ ڪري ڳالھ جي تھ تائين وڃجي ! سچائي پروڙي پوءِ ئِي اُن جو انوسرڻ ڪجي.

منش جو جيون هر پل ۾ گهٽن ئِي قسمن جي اثر هيٺ اچي ٿو. ٻُڌيءَ سان روزمره جي گهٽنائن مان ڀن ڀن آزمودا ڪنا ڪري ٿو. اِهي اثر ۽ آزمودا اسانجي شخصِي خيالن تي وڏو اثر وجهن ٿا. نقل ڪرڻ وارا اڪثر اهڙن اثرن هيٺ ترت ئِي اچِي ويندا آهن. ٻاهرين اثرن جون غلاظتون اندر ۾ جمع ٿينديون رهنديون آهن. اِن ڪري هميشه پنهنجي اصليت ۾ رهو. نقل ڪرڻ ڇڏي ڏيو. هِي سڀ نقلِي طور طريقا فقط ڏن ڪمائڻ جو ذريعو بڻجِي رهيا آهن. خبر ناهي، 'ڪنهن وِڏو خَلَلُ اَچي هِنَ خلِقَ ۾ !'

پوشا، گيڙو پيلا ڪپڙا ڏسي عام ماڻهو چڪر ۾ اچيو وڃن. پوءِ بہ پڙهيل ڪڙهيل منش حقيقت کي نہ سمجهي اجايون ساراهون ۽ خوشامدون ڪن. چون تہ سنت جي نندا نہ ڪريو. پائي اهڙن کي سنت ڪئن تا چئو؟

هلندڙ سنسار ۾ انيڪ گهٽنائون گهٽجي رهيون آهن. جن مان هرڪو پنهنجي ٻُڌيءَ انوسار آزمودو پرائي ٿو. ٽنوَ درشي گهٽنا جي گهرائيءَ ۾ وڃي حقيقت جي کوج ڪندا آهن ۽ سنسار جي سامهون رکندا آهن. پر اڄ سچ ڪنهنکي ٿو وڻي؟ سنڌيءَ ۾ هڪ عام چوڻي آهي، 'سچ مرچان، ڪوُڙ ٻُڙ' اِن طرح اڄ بناوٽ ۽ ٻاهريون ڏيکاءُ وڻي ٿو. وڏو پيڪو ۽ ٽڪسات ڪري، نالي ۽ ناموس لاءِ جيڪو اُتسؤ ٿيندو آهي اُهو ئي ماڻهن کي وڻندو آهي ۽ اخبارن جا ڪالم ڪارا ٿيندا آهن.

سچ جي سڳند پريان ئي پڌري. مردي کي ڪيترو بہ گُلن سان ڍڪيون ۽ اُن کي سڳندت بڻايون، پر وقت گذرندي آخر جڏهن گُل ڪومائبا، اُهي بہ بدبوءِ سان پرجي ويندا! نقلي جيون رهڻ مان ڪوئي لاڀ ڪونہ پهچڻو آهي. ائين ڪرڻ سان پاڻ وڏيڪ پاڻ سان دوکو ڪريون ٿا. اِن ڪري پنهنجي چؤڌاري منشن جي اجاين ڳالهين جو نقل نہ ڪرڻ جڳائي. اِها انڌي ۽ نپي تهيل زندگي، جيڪا فقط ٻاهرين سجاوٽ ۽ سونهن ڏانهن آڪرشت ڪري ٿي، اهڙي بيڪار، آلسي ۽ واهيات زندگي مانوتا جي درجي کان ڪيرائي ٿي. منش کي پراڪرتڪ مرياداڻن ۽ بڻايل نيمن اندر رهڻ سان ئي سچي خوشي آنند ملندو آهي. اهڙي سچي ڪِلّ خوشي ۽ آنند ماڻڻ لاءِ اول پنهنجي هلندڙ حياتيءَ

هيون. اهڙيءَ طرح وويڪچند سان روبرو حاليِ احواليِ ٿيِ تمام خوش ٿيو سيٺ آنندرام! دل ۾ سوچيائين تہ هھڙي ايماندار، سچيار ۽ سُچيت ماڻهوءَ کي ڪاروبار جو ڀاڱيدار ڪجي تہ تمام لاڀدائڪ ٿيندو. من اندر اِهو ويچار ڌاري ڪري ٻيءَ آفيس ۾ آيو جنھنجو مئنيجر سچانند هو.

سچانند جي آفيس ۾ ايندي ئيِ سيٺ آنندرام ناراض ٿيِ ويو. مال بنا ترڪيب رکيل هئا. مَٿن مٽيِ ۽ دز چڙهيل هئيِ. هرڪو نوڪر پنھنجي مرضيءَ مطابق ڪم ڪري رهيو هو. خرچ بنا حساب ٿيِ رهيا هئا. ٽيليفون، موٽر، ڪاڌ خوراڪ ۽ ٻيا خرچ ضرورت ۽ انداز کان وڌ ٿيِ رهيا هئا. گراهڪن وٽ اوڌرون گهڻي وقت کان ڪونہ وصوليون ويئون هيون.

سيٺ آنندرام اِن طرح جي ڪم ڪار، ويوسٿا ۽ وهنوار مان ڪافيِ پريشان ۽ دُکيِ ٿيو. سچانند کي ڪوئائي ڪجھہ اَهم سوال پُڇيائين، جن جا جواب سچانند ڏيئيِ نہ سگهيو. سيٺ آنندرام افسوس ظاهر ڪندي چيو، ’پيارا سچانند، تنھنجيِ ايمانداريِ ۽ سچائيءَ ۾ مونکي پورو ڀروسو آهي، ليڪن سُڄاڻيِ ۽ سُچيتائيءَ جي ڪميءَ ڪارڻ ڪاروبار ۾ واڌارو ڪري نہ سگهيو آهين. مال جيِ سنڀال، صفائيِ، نوڪرن کي ضابطي هيٺ رکڻ، گراهڪن کان وقت سر اوڌرون وصول ڪرڻ جهڙا ضروري ڪم نہ ٿيا آهن. اِهو بہ ياد رکہ تہ مالڪ وٽان ڀلي ئيِ سڀ سکہ سھوليتون ملن تہ بہ اُهي ويچار، ديرينائيِ ۽ ضرورت مطابق اُپيوگ ۾ آڻجن. مرضيِ، حرص ۽ شونق سان مليل پدارٿن جو اُپيوگ دُراُپيوگ جي برابر آهي. ڏس فون، بجليِ، ڪاڌ

سادو، سچو رهڻ سنجم ۾-اصلي آنند پاءِ

سيٺ آنندرام جو ڪاروبار ڪافي وڏي ويو هو. ڪيس ضروري ٿيو ته ٻن ڏار ڏار شهرن ۾ نيون آفيسون کولي. آفيسن لاءِ ٻن مئنيجرن جي ضرورت هئي. گهڻي کوج ڪانپوءِ آفيسن لاءِ سٺيون جايون مليون ۽ برجستا مئنيجر به مقرر ڪيا ويا. سيٺ آنندرام ٻنهي مئنيجرن کي خاص هدايتون ڪري ڪم ڪرڻ جا ضروري طريقا ٻڌايا. گراهڪن کي مال وڪڻي وقت سر اوڙرون اُڳارجن. خرچن تي ضابطو، مال جي ديکه ريکه، سنڀال صفائي، نوڪرن تي پورو پورو ڪنٽرول، اِهي سڀ ضروري ڳالهيون سمجهائي پاڻ بي فڪر ۽ بي اونو ٿي واپاري گشت تي نڪري پيو.

پوري هڪ سال بعد گشت تان موٽڻ بعد سيٺ آنندرام چاهيو ته هلي ٻنهي نين آفيسن جو پوتاميل وٺي ۽ مئنيجرن جي لياقت پرکي. سال جو وچوروار حساب ڪتاب ته سيٺ کي مليو. پر ڏسي ڪري حيرت لڳس ته جيتوڻيڪ ڪاروبار ٻنهي سنو هلايو هو پر هڪ ۾ سٺي خاصي بچت ٿي هئي ته ٻئي ڪمائي ۽ خرچ پورا ڏيکاريا هئا.

هڪ آفيس ۾ جتي جو مئنيجر وويڪچند هو، اُن سان روبرو وڃي گڏيو. آفيس ۾ گهڙندي ئي آفيس جي ويوَستا، سٺائي صفائي ڏسي ڪري سيٺ جي دل خوش ٿي ويئي. سيٺ ڏٺو ته وويڪچند سامان رکڻ جو صفائيءَ سان تمام سٺو بندوبست رکيو هو. نوڪر پوري ضابطي هيٺ هئا. ٽيليفون، موٽر ۽ ڪاڏ خوراڪ جي ڪليل سهوليت جو دُرُپيوگ ڪونه ڪيو هو. گراهڪن کان وقت سر اوڙرون اُڳاريون ويئون

اڻ جي لالسا پاڻ پاپ ڏانهن گهلي وڃي ٿي هلي. چرتر
اخلاق ڍلو پئجو وڃي. پاپ سان ڪمايل سک ساڌن اڳتي
لِي ڪري روڳن ۽ مرضن کي جنم ڏين ٿا. ائين هجي
ه شايد جو ڪن کي پاپ هضم ٿِي ٿا وڃن. گهڻن کي
ا شنڪا ٿيندي آهي ته پاپِي سُکِي ڇو آهن؟ البت
سڻ ۾ نه ايندو آهي ته اُنهن کي پاڻ وڏيڪ مانسڪ
ڪ ۽ روڳ لڳل آهن. ٻاهريان سُک ڏسِي شنڪا ٿيڻ سپاويڪ
هي. اِن لاءِ هڪ مثال ڏجي ٿو.
هڪ سيٺ کي ٻه پُٽ آهن، جن لاءِ اٿاهه ملڪيت
ڪنِي ڪري آخر ۾ مري ٿو وڃي. ٻئي پائر ملڪيت
جي اڌ جا وارث آهن. هڪ پٽ سنو سنجم وارو ۽ شڌ
ويچارن وارو آهي. ليڪن ٻيو پُٽ، عيشِي، اڍنگن خرچن
ڪرڻ وارو آهي. دوست يار اٿس جن سان گڏ جوئا، شراب،
ڪلبون وغيره ۾ وڃِي ناڻو اُڏائي ٿو. ڪاروبار جو مئنيجر
کيس گهڻو ئِي سمجهائي ٿو ته پاڻ هن جون گاريون ۽
ڌبون کائي ٿو. مئنيجر بئنڪ ۾ وڃِي شڪايت ٿو ڪري
ه هن جي کاتي جا پئسا نه مَٽي ڏيو ڇو ته هِي اِهي
پئسا ڪڪرمن تي ٿو خرچ ڪري. بئنڪ جو مئنيجر چوي
ٿو، ’پائِي، جيسين هن جي کاتي ۾ رقم جمع آهي،
هن جِي صحيح برابر آهي، تيسين ڪنهن به قاعدي هيٺ
هن جي گهرج جا پئسا روڪي نٿا سگهون. ها، جنهن
مهل هن جو بئلنس گهٽجِي ويندو پوءِ سندس چيڪ موٽائي
ڇڏينداسين.‘ اِهو ساڳيو سڌانت آهي اُنهن پاپين سان، جن
جا اڳلن جنمن جا پڇ ڪرم جمع آهن. جيسين اُهي
پورا ٿين تيسين کين پاپ هضم ٿين ٿا. پر اِهو ٻه

خوراڪ ۽ ٻين ڪمن تي ڪيترا ئي ضروري خرچ آيل آهن.'

رهت رهي نہ رتيءَ جيتري - سُڪ ساڌن جا ماڻي تو

چوراسيءَ جا چڪر پيو ڪاٽي، مارون جم جون ڪاٽي تو

سوچ ويچار سان رهي تو جيڪو، پيار پريوءَ جو پائي تو.

ائين برابر آهي تہ ايشور هرهڪ وستو، ساڌن ۽ پدارٿ، پرڪرتيءَ جا، منش جي سک آرام ۽ سهوليت لاءِ اُتپن ڪيا آهن. ليڪن پيارا، ضرورت کان وڌيڪ جيڪو اُن جو استعمال ۽ اُپيوگ ڪري ٿو، اُهو پاڻ مٿان قرض چاڙهي ٿو، جيڪو وقت اچڻ تي چڪائڻو پوندس. ڌن، دوَلت، سک آرام اگر واڌاري هجي تہ اُهو پراُپڪار ۽ ٻين جي شيوا ۾ ڪم آڻجي. شرير ناسونت آهي ۽ اسين سک سواد اڪثر هن ناسونت شرير لاءِ ئي چاهيون ٿا. آتما کي انهن جي ضرورت بنهہ ڪونهي ڇو تہ هو پاڻ سک سروپ آهي. هي شرير جيڪو من سان ملي سکن جي سامگري پيو طلب ڪري، اُهو اسانکي اِندرين جو غلام بڻائي ٿو ڇڏي، جنهنڪري اِن چوراسي چڪر جو انت ئي ڪونهي. اندر جي سجاڳيءَ سان وويڪي بڻجي، سوچ ويچار سان جيون جو نرواهہ ڪبو تہ پرڪرتيءَ جي قرض کان آجو رهبو.

گهرجون سڀ گهٽاءِ، ڇڏي عيش آرام کي

سادو، سچو ۽ رهي سنجم ۾، اصلي آنند پاءِ

ڏئيِ سمپت گُڻن سان سچي سونهن وڌاءِ

سنت سيوا ۾ لڳاءِ، بچيل حياتي، وقت، ڌن کي

جاچي ڏسبو تہ جيون ۾ گهٽي سامگري ٻي ضروري، ڏيکاءَ ۽ هڪ ٻئي سان ريس ڪارڻ آهي. اڻ ميو سُک

عمل ٿئي ٿو يا نہ، اِها ڪير بہ پرواھ ڪونہ ٿو ڪري. نتيجي طور اڄ گھڻن ماڻھن جو ڌرم جي پاسي لاڙو ھوندي بہ وھنوار ۽ ڪاروبار غلط ۽ سوارٿي بڻجي پيو آھي. ڪم ڪار، ڪاروبار، پيشي نوڪريءَ ۾ عام جنتا جي سک ڪلياڻ جي ڪير بہ چنتا ڪونہ ٿو ڪري. عام شرڌالو ششن ۾ اِھو سڌارو تڏھن ايندو جڏھن اُھي ڌرم آچاريہ ۽ گرو، سُک، ڌن، مانَ ۽ ششن بڻائڻ جو تياڳ نہ ڪندا. اھڙا ڌرم گرو پرچار ڪاريہ کي عملي روپ ۾ آڻڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪن. آدي گرو اھڙو ڌيان ڏيندا ھئا ششن تي!

ڪلڪتي ۾ راڻي راشمڻي شري رامڪرشن جي پرم شش ھئي. ھفتي ۾ ٻہ ٽي ڀيرا ميلن جو مفاصلو گھوڙي گاڏيءَ ۾ چڙھي گروءَ جي چرنن ۾ وھندي ھئي. ھڪ ڀيرو سري رامڪرشن پروچن ڪري رھيو ھو. راڻي اچي ڪري سندس ويجھو ويٺي. راڻيءَ جو شرير تہ ويٺو ھو پر من ۾ ٻيا خيال پئي ڊوڙيس. انترِيامي سري رامڪرشن راڻيءَ کي چماٽ ھڻي ڪري چيو، 'مان ويٺو توکي اُپديش ڪريان ۽ تون پيئي ڪنھن ڪيس بابت سوچين!' راڻيءَ معافي وٺندي چيو، 'سائين، ڀُل ٿي. معاف ڪندا ۽ آسيس ڪندا.' اھڙا ئي ڌرم گروُ ششن جو اُڌار ڪري سگھڻ ۾ سمرٿ آھن، باقي جيڪي ڌن، مان، سکہ، سمپتيءَ ۽ ششن جي تعداد وڌائڻ جي غرض ۾ غرق آھن، اُنھن مان ڪئن اُڌار جي اُميد رکي سگھبي!

ھرڪو اِنسان پنھنجي جيون ۾ سڦلتا، سفورتي ۽ سمپورڻتا پراپت ڪري سگھي ٿو. اھڙي مھان شڪتي ھرڪنھن اِنسان کي حاصل ٿيل آھي. ھر اِنسان جو جيون ستو، رجو ۽

ياد رکڻ کپي تہ پاپن کندي سنا سنسڪار ناس ٿين ٿا. اڳتي لاءِ ڪا بچت ڪونهي تہ سک ملڻ جي ڪابہ اُميد ڪونهي. اِن سڏانت سان ئِي ڪي دکن، روڳن، ڪشٽن ۽ پيڙائن سان جنم وٺن ٿا.

هرڪو چاهي ٿو تہ ڪيس سچو سک ۽ من جي شانتِي ملي، پر لالچِي ۽ ريسارن ويچارن سان سک ۽ شانتِي ڪونہ ملندا. سچِي موج ۽ آنند تہ اهڙن ويچارن تياڳڻ سان ئِي ملندا آهن. ڪير بہ اشانتيءَ ۽ ڏُکہ ۾ جيئڻ نٿو چاهي. هرڪو سُکہ شانتيءَ جي تلاش ۾ آهي. پر اِهي سوارٿِي ڀاوَ سان نہ بلڪ پرمارٿِي ساڌن سان ئِي ملِي سگهندا. عام طور هرڪو اِئين سمجهندو آهي تہ نوڪري، پيشي ڪندي يلي قسمت سارو جيڪو ملي ٿو اُن جو ڀرپور اُپيوگہ ڪري مزا ڪجن. ڏسبو آهي تہ آفيس ۾ نوڪري ڪندي پگهار جيترو بہ ڪم نٿو ٿئي. آفيس جون ڪيتريون شيون مثلاً سٽيشنري ۽ ٻيو ڪتب ايندڙ سامان بنا ڪنهنجي چاهڻ يا اِجازت جي ڪٽڻ جي عادت گهڻن ۾ آهي. ٽيليفون، ڪار يا ڪاڏي پيتي جي سک سهوليت جو بہ تمام گهڻو ڏُر اُپيوگ ٿئي ٿو. هو سمجهن ٿا تہ اِهو سُکہ سهنج ملڻ سان سندن پورو اڌڪار اِن مٿان آهي. ڇا سڏانت طور اِها ڳالهہ صحيح آهي؟

اڄ سنسار کي ضرورت آهي اهڙن آچارين گُرن جي جيڪي مٿي ڄاڻايل سڏانت کي صحيح روپ ۾ سمجهائين ۽ عمل ۾ آڻڻ جو آواهن ڪن. ڌارمڪ گرن کي اِن ئِي ڳالهہ جي اکثر اون رهندي آهي تہ ڪاريہ لاءِ ڌن ڪٺو ڪجي ۽ شرڌالن ششن جو عدد وڌائجي. پرچار ڪاريہ جو

سوکيم شرير ئو چئجي، اُهو ڪڏهن بہ مري ڪونہ ٿو.
عام رواجي ماڻهو سوکيم شرير بابت ڪجهہ ڪونہ ڄاڻن.
ڄا، گيتا پڙهي اِهو دهرائين ٿا تہ آتما اَمر آهي. آتما
برابر اَمر آهي. اُها تہ نہ ڄمي ٿي نہ مري ٿي. پر
آتما جي مٿان جيڪي ڪرمن، واسنائن ۽ وڪارن جا پردا
چڙهيل آهن، ۽ جيسين چڙهيل آهن، جيڪي سوکيم روپ
۾ آهن، اُهي اُن آتما سميت سوکيم جيو کي جنم مرڻ
جي چڪر ۾ ڦيرائيندا رهن ٿا.

جڳت گرو شنڪرآچاريہ سوکيم شرير تي روشني وڌي آهي
تہ، 'هن کي سڪ دکہ جو گيان رهي ٿو. هن ۾ من
۽ بڌي سمايل آهي. هن ۾ جيو سان لاڳاپو رکندڙ ١٧
ڪلائون رهن ٿيون. باهرئين سٿول شرير جي سماپت ٿيڻ
سان اِهو اندريون سوکيم شرير نٿو مري پر ترت باهر
نڪري عدم لوڪ ڏانهن راهي ٿئي ٿو.'

اسانجو پارت اِن اڌياتمڪ علم جو ڪجهہ سمو اڳہ آچاريہ
هو! ليڪن اڄ جو پارتواسي فقط جڙواد ڏانهن جُهڪندي
اِنهن ڳالهين ڏانهن خير کو ڌيان ڏين ٿا. بلڪ اڄ اِنهن
ڳالهين کي بي بنياد ۽ اَوشِواسي نظر سان ڏسي رهيا آهن.
ڏار ڏار پنڻ جا اهڙين آلوڪڪ ۽ رهسيمئہ ڳالهين کي
پنهنجي پنهنجي بُڌيءَ سارو ورنن ڪري رهيا آهن. ڪي
تہ بي بنياد دليل ڏيئي رشين منين جي انيؤن تي نقطچيني
ڪري رهيا آهن. پر اِنجي باوجود ولايت جا ڪيترا وئگيانڪ
اِنهن ڳالهين تي تمام گهرائيءَ سان کوجنائون ڪري رهيا
آهن، جنهن بابت ڪيترائي پستڪ لکيا اٿن.

آتما ۽ سوکيم شرير ۾ فرق آهي. سوکيم شرير جيڪو

تمو گڻن جو سَمنُويہ آهي. هيِ سارو جڳت اِنهن ٽن گڻن اندر ئيِ کيليندو رهي ٿو. جنهنجي اندر ۾ چيتنا شڪتيِ جاڳرت آهي، اُهو پنهنجو جيون سادگيِ، سنجم، سم ڀاوَ ۽ نشڪام شيوا سان رهيِ ايشور جيِ هن مهاليلا جو نہ فقط آنند ماڻي ٿو پر پنهنجو اچڻ هن پرٿويءَ تي سڦلتا پوروڪ نباهي ايشور جو راضپو پائي ٿو. باقيِ جيڪي غفلت ۾ غافل، هن مايا جي لهر ۾ لڙهيِ ٿا وڃن، اُهي جڻ پاڻ پنهنجو کيت اُجاري وڃن ٿا.

مرندو، مرندو جڳ مئو - مرڻ نہ ڄاتو ڪنهن!
اَهڙي مَرڻيِ جو مري - مؤت نہ آيو تنهن!!

اَنادي ڪال کان پرماتما جيِ هيءَ سندر ۽ وچتر سرشٽيِ هلندي پيئيِ اَچي. سرشٽيِ ڪڏهن کان آرنڀ ٿيِ، ڪئن سرجڻ ٿيِ؟ اِهو رهسيہ ڄاڻڻ لاءِ گهڻن ئيِ رشين، منين، ودوانن ۽ وگيانڪن ڪوشش ڪئيِ ۽ بي انت ٽٻيون ڏيئيِ گهڙي عميق ۾ غوطا هنيا، پر اڄ تائين اِهو رهسيہ ڪير ڄاڻي نہ سگهيو آهي. انيڪ پرڪارن جا جيوَ ڪيٽ، پتنگ، ڪيڙا، جانور، پکيِ، پرندا وغيره جنم وٺن ٿا، مري وڃن ٿا! ايشور جي سندر رچنا ۾ منش بہ جنم وٺي ٿو ۽ سميہ انوسار مؤت کي پراپت ٿئي ٿو. البت اِهو ٻُجهہ ڄاڻڻ لاءِ منش اڄ بہ ماندو آهي تہ مؤت ڪانپوءِ انسان ڪيڏانهن ٿو وڃي ۽ سندس ڪهڙو حال ٿو ٿئي؟

شاستر چون ٿا تہ منش جي اندر جيڪو آهي، جنهنڪي

پرلوڪ ۾!' مطلب تہ پڇ ڪرڻ وارو پڇ لوڪ ۾ وڃن
سرڳہ جا سک ڀوڳي پڇن ختم ٿيڻ تي وري اوسٽا
سار مرتيولوڪ ۾ اهڙي ڪل ۽ اوسٽا سارو جنم وٺن
اِن مان ظاهر آهي تہ مرڻ بعد اُهي سوکيم جيوَ
ن لوڪن ۾ نواس ڪن ٿا. جئن تہ سوکيم جيو هن
ز جي اکين سان ڏسي ڪونہ سگهبا آهن، اِن ڪري
س چوڻ تہ مٿين لوڪن ۾ جيو ڪونهن ۽ اُتي جيون
ونهي، اِهو سراسر غلط آهي.

پرلوڪ وديا جي ماهرن ڪجھ حقيقتون ڪنيون ڪيون
ن. پرلوڪ ۾ رهندڙ آتمائن سان هنن جو وارتالاپ بہ
و آهي ۽ اُنهن کي ڪجھ سنديش بہ مليا آهن. اُنهن
نديشن مان هڪ ڳالھ ظاهر ٿي تہ اُتم جيو مٿين لوڪن
وڃي وري مرتيولوڪ ۾ جنم وٺڻ ڪونہ چاهينديون آهن
تہ بہ ٽن سببن ڪري ڪين ڪجھ ڪال بعد جنم
ڻو پوندو آهي. ١. پنهنجي سنڇت ڪرمن انوسار، ٢. ڪن
بنڌين ۽ ڪٽنبين سان گهڻو پريم هئڻ ڪارڻ، ٣. مرتيولوڪ
ڪنهن خاص وڏو ڪم ڪرڻ لاءِ.

اسانجا شاستر صاف ٻڌائين ٿا تہ جنهن جيو اجا جنم
ونہ ورتو آهي اُن جيو آتما سان ڳالهائي سگهبو آهي.
ا وديا اول سکڻي پوندي آهي.

گهڻو وقت اڳہ هڪ فرانس جي سائنسدان ايلن ڪارڊيڪ
هڻي کوجنا بعد Heaven and Hell پستڪ لکيو هو. اُن
گهٽائي آزمودا لکيا اٿس. اِن ۾ ڄاڻايو اٿس تہ، 'گهڻين
آتمائن سان وارتالاپ ٿيو، جنهن مان ڄاڻ ملي آهي
ٽن قسمن جا سوکيم جيو پرلوڪ ۾ وڃن ٿا. ١. سُکہ

آتما مٿان پوش جي روپ ۾ آهي، اُهو ساڳين عضون وارو آهي، جيڪي اسانکي ظاهري روپ ۾ آهن. مرتبو بعد ذرا غؤر ڪري شرير کي ڏسو. هٿ، پير، اکيون، ڪن، نڪ، وات وغيره ڏسجن پيا، پر هاڻ ڪريا هيڻ آهن. اِن مان صاف ظاهر آهي تہ اِنهن حواسن کي ڏار ڏار پنهنجي ڪرم انوسار هلائڻ وارا ٻيا اَندريان ڳجها حواس هئا جيڪي هاڻ نڪري ويا آهن، اُهو سوکيم اِنهن پنجن تنوَن وارو، اَن وارو، ساهہ وارو، گيان وارو، وگيان وارو ۽ آنند وارو سٿول شرير تائين آهي. سٿول شرير جي ناس ٿيڻ سان اَن ۽ ساهہ وارو سٿول شرير ناس ٿئي ٿو پر باقِي ٽي تت سوکيم شرير سان قائم آهن، جن جِي چاڻ پوءِ بہ اُن جيوَ کي رهي ٿِي.

جڏهن گيان ۽ وگيان وارو سوکيم شرير بہ ناس ٿئي ٿو تڏهن ئِي فقط آنند تت بچي ٿو. اُن کي جنم وٺڻو ڪونہ ٿو پوي ڇاڪاڻ تہ اسانجو آتما آنند سروپ آهي. هاڻ سوال آهي تہ جيوَ جيسين سوکيم شريرن جي هستيءَ ۾ آهي تيسين وري سٿول ديهيءَ ۾ جنم وٺڻ تائين ڪٿي ٿو نواس ڪري؟ هرهڪ جيوَ جو ڪرمن انوسار پنهنجو درجو رهي ٿو. اُتم، مڌيم ۽ ڪنشٽ پرڪارن جا جيوَ ٿين ٿا. اِن طرح اهڙن جيون جي ڪجهہ وقت رهڻ جا بہ ڌار ڌار لوڪ آهن. جئن گيتا ۾ ڀڳوان ڪرشن ٻڌايو آهي تہ، ’يوگہ تان ٿرڪيل جيوَ ڪجهہ وقت پڻيہ لوڪ ۾ رهِي وري ڪنهن اُتم ڪُل ۾ جنم وٺي ٿو.‘ وري ٻئي هنڌ چوي ٿو تہ، ’واسنائن ۾ ڀٽڪيل اِنسان هميشه ڀٽڪندو رهي ٿو. اُن کي نہ هن لوڪ ۾ سکہ آهي ۽

وري ڪونہ ٿو.'

هڪ ٻئي مشهور وگيانڪ پنهنجي پُستڪ On the edge of Etheric ۾ هن طرح ورنن ڪيو آهي. 'هن جڳت ۾ اسانجو شرير ٻن حصن ۾ جڙيل آهي. هڪ ظاهري (اسٿول) ۽ ٻيو آدرشيہ (سوکيم). ٻاهرئين شرير کي ٻل اندرئين شرير جو آهي. ٻاهريان حواس اندرين حواسن جي طاقت سان ئي ڪاريہ ڪري سگهن ٿا. ٻئي شرير پاڻ ۾ مليل آهن. ٻاهرئين شرير جي مؤت سان اندريون شرير مري ڪونہ ٿو پر اُهو جڻ هِي مڪان خالِي ڪري ٿو وڃي. اُن شرير ۾ سڀ گُڻ ۽ يادگيريون مؤجود رهن ٿيون. سوکيم شرير ۾ گيان شڪتي قائم رهي ٿي. اسٿول شرير جا ڪيل ڪرم بہ سوکيم شرير سان شامل رهن ٿا. سوکيم شرير ظاهري ڏسي ڪونہ سگهبو آهي ڇو تہ اُن کي نڪو روپ رنگ آهي نڪو شڪل يا ڪو آڪار!'

اِهو ويچار ڪو اسانجي انڌوشواسي پارتواسيءَ جو ڪونهي پر وشوَ جي هڪ مشهور ڪوجنيڪ وگيانڪ جو.

اڄ اسانجا پارتواسِي سنسن، ڀرمن، وهمن ۽ وسوسن ۾ ايترو تہ ڦاسجِي ويا آهن جو هنن حقيقتن کي بہ ويچار ۾ نٿا آڻين. بلڪ انهن کي خيالِي ڪلپنا ۽ بي بنياد ٿا چون. گرو ارجن ديو مهراج اهڙي لوڪ جو ورنن سکمني صاحب ۾ ڪيو آهي. جنهن جو سنڌي ڪويتا ۾ سهڻن اکرن ۾ انواد سرگواسِي پرسرام ضيا هن طرح ڪيو آهي.

منزل اوکِي پنڌ پري - جت جاءِ نہ ميلن ڪوهن جي
اِن منزل ۾ مورکہ من ڪڻ - پونجِي نام جي سمرن جِي
منزل اوکِي پنڌ پري ۽ واٽ ٿي آهي ڪارِي ٻاٽ

آتما، ٢. وچولا (جن کي نہ سک آهي نہ ڏک)، ٣. ڏکي جيوَ (جيڪي سمورو جيون سوارٿ جي انڌ ۾ ڪوڙن ڪرمن ۾ گذارين ٿا). اهڙي ئي هڪ سکہ آتما جو احوال هن طرح لکي ٿو.

سوال : او پراڻي، پنهنجي اوسٿا بابت ڪجھ ٻڌائي سگھندا تہ ڪئن ۽ ڪٿي ڪهڙي حالت ۾ آهيو؟

جواب : جيئن تہ مون پنهنجو جيون صاف، سٺرو ۽ سچائيءَ سان گذاريو هو، بُراين کان هميشه پاسو ڪندو هوس، ان ڪري مان هڪ سندر لوڪ ۾ تمام سُکي آهيان. توهين دعا ڪندا تہ هن ئي لوڪ ۾ هميشه لاءِ رهان. هن لوڪ ۾ سُکي اُهي آهن، جن پنهنجو جيون پرٿويءَ تي نئڙت، نياز ۽ سنتوش سان گذاريو هوندو. پرٿويءَ تي جن کي توهين خوش قسمت ۽ سُکي ٿا سمجھو، اُهي پاسي واري لوڪن ۾ مهاڏکي آهن. اُتي گرم هوائون لڳن ٿيون. جيڪي ٿوري جيئڻ جي واسطي غلط رستا اختيار ڪن ٿا، اُنهن جيون جي اِنهن پرواري لوڪن ۾ تمام ڏُرگتي ٿئي ٿي. هاڻ هن لوڪ ۾ جتي مان سک آنند ۾ نواس ڪريان ٿو، اگر مالڪ جي آگيا ٿي پرٿويءَ تي جنم وٺڻ لاءِ تہ مان جنم وٺي اُنهن کان معافي وٺندس، جن کي مون ستايو هو. جن لاءِ بُرو سوچيو هوندو. هتي خبر پوي ٿي تہ اِهو اهنڪار آهي، مغروري آهي جيڪا سيني ڪليشن جو ڪارڻ آهي. جيڪي جيو طاقت ۽ حقن جو ڏُراُپيوگ ڪن ٿا، ظلم ۽ بي رحميءَ سان هلت هلي، ڌن، عهدو ۽ اِقبال حاصل ڪن ٿا، اُهي هتي اچي ڏاڍو ڏکي ۽ پريشان ٿين ٿا ۽ پڇتائين ٿا. پر هاڻ پڇتائڻ مان ڪجھ

م.اي.والس جو A guide to medium snip ۽ سر آرٿر
ڪولن جو New Renelation.

هنن ليکڪن ڪا نئين کوجنا ڪونہ ڪئي آهي. پر اپياس ڪري انهن ڳالهين کي خود آزمايو ۽ انڀؤ ڪيو آهي. جي سڀ سندن آزمودا اسانجي شاسترن سان هوبهوُ مشابهت رکن ٿا. هنن جدا جدا ڌرمن جي آتمائن جا بيان ورتا آهن. اسين جڙواد جي کوجنائن تي وشواس ڪريون ٿا ڇاڪاڻ تہ اُهي شٿول روپ ۾ ساڌن اسان اڳيان مؤجود ڪيا وڃن ٿا. پر اڌياتمڪ ڳالهين جي کوج تي وشواس نٿا ڪريون، ڇاڪاڻ تہ اِهي فقط خود جي انڀؤ جون ڳالهيون آهن. ڇو تہ اِنهن کي شٿول روپ ڪونهي.

ڪوي ڪاليداس هڪ هنڌ ورنن ڪيو آهي تہ، ’جيڪي ڪجهہ اوائلِي آهي، اُهو سڀ سٺو اِنڪري ٿِي نٿو سگهي ڇو تہ اُهو پراچين آهي. پر نئين ڳالهہ ڱلاري نٿِي ٿِي سگهي ڇاڪاڻ تہ نئين آهي. دوراندیشيِ اِن ۾ آهي تہ ڪنهن بہ ڳالهہ کي تمام باريڪيءَ سان جاچي ڏسجي ۽ سوکيم سمجهہ ۽ ڄاڻ سان اپياس ڪري، ڏيان سان اُن ڳالهہ کي وشواس سان قبول ڪجي، جيڪا هر منش لاءِ تمام لازمِي آهي. مشهور سائنسدان ايلن ڪارڊيڪ پنهنجي رچنا ۾ ورنن ڪري ٿو، ’اسان جو ورتمان، هن سنسار جي چڪر ۾ اسان کي اهڙو تہ ٻڌي قابو ٿو ڪري جو ڪنهنکي پوشيہ (پرلوڪ) جو خيال ڪونہ ٿو اچي. انسان مري ٿو تہ ڪٽنب مٿان ڇڻ پهاڙ ڪري ٿو پوي. هرڪو پنهنجو پنهنجو سکہ ۽ سوارٿ ياد ڪري اُن مري ويل لاءِ روئي ٿو. پر اِهو ڪير ڪونہ ويچاريندو تہ اُن مري

هت ۾ ڪڻ ستنام جو ديپڪ - روشن ٿيندي تنهنجي وات
منزل اؤکي پنڌ پري - جت ڪوئي نہ ڪنهنکي جاڻي ٿو
جاڻي ٿو هڪ جاڻڻ وارو - جاڻي ٿو ۽ سڃاڻي ٿو
منزل اؤکي پنڌ پري - جتي تيز تکي اُس ساري ٿي
نام جو نالو ڇانو ڪري اُت - ڇانو اُها من ناري ٿي
منزل اؤکي پنڌ پري - جت پاڻيءَ لاءِ جيئُہ ترسي ٿو
بادل ٿئي ڀڳوان جو نالو - نانڪ امرت برسي ٿو.

گيتا ۾ ڀڳوان ڪرشن پرماڻ ڏيندي چيو، 'جئن منش پراڻا ڪپڙا لاهي نوان پھريندو آهي، تئن اُهو جيو آتما بہ مقرر حد ڪانپوءِ هڪ شرير جو تياڳ ڪري نئون شرير اختيار ڪري ٿو.' ارجن کي سمجھائيندي، ڀڳوان چيو، 'جيڪڏهن تون لڙائيءَ ۾ مري ويندين تہ وري وچِ ٻيو جنم وٺندين. پوءِ چنتا جو ڪھڙو ڪارڻ آهي ؟'

هيِ ٻوڙهو وگيان آهي، جنهن کي جاڻڻ سان خاطري ٿيندي تہ موت آهي ڪونہ ! موت جو ڀؤ اگيان آهي. صديون اڳہ وديش جا وئگيانڪ اِنهن ڳالهين تي اعتبار ڪونہ ڪندا هئا. پر جڏهن خود اڀياس ڪري کوج ڪيائون تڏهن حقيقتن جي آڌار تي نہ فقط پاڻ وشواس ڪيائون، پر سڄي سنسار کي اسانجي ويدانت جي اُصولن جيِ تصديق ڪرايائون. اهڙن اولهہ وارن ملڪن جي وئگيانڪن جيِ ڳڻپ تمام گهڻيِ آهي جن خود پنهنجن نِجي انيون ۽ آزمودن جي آڌار تي انيڪ ڪتاب لکِي پڌرا ڪيا آهن. جن مان مکيہ آهن : ايلن ڪارڊيڪ جو Heaven and Hell، اي.وڪلئنڊ جو Thirty years among the Dead، سر اوليور لاج جو Reymond، مسٽر آرٿر فنڊلي جو On the Edge of the Etheric، مسٽر

آهي جڻ تہ اِن انتم ياترا لاءِ هروقت تيار هوندا آهن. اُنهن کي پيڙا هوندي بہ تڪليف محسوس ڪونہ ٿيندي آهي. اُهي خوشيءَ سان شرير جو تياڳ ڪندا آهن. ۴. وشئي انسان سٿول شرير ڇڏڻ بعد بہ سوکيم شرير سان اُتي پيا ڦرندا آهن. اُهي تہ سٿول شرير ۾ پرويش ڪرڻ جي ڀيهر ڪوشش بہ ڪندا آهن. ڪن حالتن ۾ ڪيترا دفعا شمشان تائين ويندي بہ پراڻي جيئرا ٿي اُٿندا آهن. اِن وديءَ انوسار ئي اسانجي سناتن ڌرم مطابق شريرن جو اگني سنسڪار ڪيو ويندو آهي. جئن اُهي ڪنشٽ جيوَ، جن جا سوکيم شرير تيسين پيا ڀٽڪندا آهن، جيسين سٿول شرير کي ختم ٿيندو ڏسن، اُتان هليا وڃن. هي تہ ڪن صدين کان جيڪي غير هندو بين ڌرمن مذهبن ۾ ڦهليا، اُنهن سناتن ڌرم جي ورڌ شرير کي زمين ۾ پورڻ شروع ڪيو. نتيجي طور اُنهن ڪنشٽ جيون جا روح ڳچ عرصو پيا ڀٽڪندا آهن. اڪثر ڏسبو آهي تہ قبرستان ۾ ڪيترن کي اهڙن ڀٽڪندڙ روحن جو واسو اچِي ٿيندو آهي، جن کي اسين ڀوت پريت يا ڪنهن ديوي ديوتا جو واسو چوندا آهيون. اهڙن ڀٽڪندڙ روحن کي اينتري شڪتي هوندي آهي جو هو ڪنهن جيوت پراڻيءَ ۾ واسو ڪري سگهندا آهن.

ايلن ڪارڊيڪ جي پستڪ 'هيون ۽ هيل' ۾ هڪ مثال ڏنو اچي تہ سندس هڪ متر ميمبر عرض ڪيو هو تہ سندس سوکيم شرير کي سندس سٿول شرير جي موٽ بعد گهرائي ڪانئس پرلوڪ جو احوال وٺن. جڏهن اُن جو سٿول شرير ڇُٽو يعني موٽ ٿيو، اُن بعد ڪيترن روح جي ڄاڻن کي گهرايو ويو، جيڪي ان وديا جا ڄاڻو هئا ۽ جن کي

ويل جو پرلوڪ ۾ ڪهڙو حال ٿيو هوندو؟ عام ماڻهو موت کي نفرت جي نگاهه سان ڏسن ٿا پر اِهو نٿا سوچين ته مرتيو هڪ آشا جي جهلڪ آهي. ان طرح گويا سڀئا سنبنڌي پچاريءَ جي گڏجاڻيءَ مهل ڏُکه، روڄ، راڙو ۽ سنتاپ ڪن ٿا پر جيو کي سنساري دکن کان آزاد ٿيڻ تي خوش نٿا ٿين. استري چوندي، 'هاڻ هن کانسواءِ ڪيئن جيئندس؟ ڪير منهنجي سنڀال ڪندو؟' ماءُ چوندي، 'منهنجو هوڻهار پُٽ هليو ويو' وغيره. پر اِهو نٿا سمجهن ته هن کي موت کانپوءِ وڏيڪ سک ۽ سچو سکه حاصل ٿيندو. اِهو اِن ڪارڻ آهي جو مرتيوءَ بنسبت پرلوڪ جي ڄاڻ ڪير رکي ڪونه ٿو. ايلن ڪارديڪ پراڻيءَ جي سٿول شرير ڇڏڻ بعد اوستا جو هن طرح ورنن ڪيو آهي، 'انتم سميه پراڻيءَ کي جيڪا تڪليف ٿئي ٿي اُن جو دارو مدار سوڪيم شرير ۽ سٿول شرير تي آهي. جيڪڏهن سوڪيم شرير سٿول شرير کي ترت ڇڏي ٿو وڃي ته پراڻيءَ کي تڪليف اصل محسوس ڪونه ٿي ٿئي. پر جيتري دير سوڪيم شرير کي سٿول شرير ڇڏڻ ۾ لڳندي اوترويُ پراڻي پيو پيڙا سهندو آهي. اهڙين تڪليفن سهڻ جا چار قسم آهن. ١. جڏهن ئي سوڪيم شرير سٿول شرير جو تياڳ ڪري ٿو تڏهن ئي شرير ڪاريه هيڻ بڻجي وڃي ٿو. اُن وقت تڪليف تمام ٿورڙو وقت ٿئي ٿي (مثلاً اچانڪ دل جو بهڻ وڃڻ). ٢. سٿول شرير ۽ سوڪيم شرير جو پاڻ ۾ موهه وس ملبل رهڻ. اِن حالت ۾ هڪ هڪ عضوي مان سوڪيم شرير جو ميلاپ ٽٽڻ تي سخت پيڙا ٿئي ٿي. ٣. يگتي، گيان يا يوگه ابياس دوران جن جو شرير سان لڳاءُ ڪونهي،

ٿا ڏسي سگهو. مونکي توهان جهڙو سٿول شرير ڪونهي. مونکي ڪٿي به هڪ ڪن ۾ پهچڻ جي شڪتي آهي. هينئر مان بلڪل شانتيءَ ۾ سکي آهيان. منهنجو لوڪ بيحد وشال آهي. منهنجو مالڪ به بيحد آهي.

سوال : سٿول شرير ڇڏڻ مهل توهانجي سمجهه قائم هئي؟

جواب : ها! اِها سمجهه هرڪنهن جي قائم هوندي آهي. ڇاڪاڻ ته اِها آتما جي شڪتي آهي. جن جو جيئري شرير سان لڳاءُ ڪونهي، اُنهن جو سٿول شرير سان ناتو بروقت ٽٽي پوي ٿو. هو ڪلي آسمان ۾ هوا جي زور تي ڪنهن عدم لوڪ ۾ پهچن ٿا. اهڙا جيو اُن وقت بيحد سُک محسوس ڪن ٿا. اي منهنجا دوستو، اِن ڪري توهان سنسار ۾ گهڻو نه اٽڪو. هيءَ جيون هڪ ياترا آهي. همت رکو. ڪنهن کي ڏکويو نه. سچ ۽ انصاف سان پنهنجو جيون گذاريو. سنسار جي ساڌنن جو پريوگ گهٽ ڪريو. ڪنهن به وشيه مان فقط ڪم ڪڍو، باقي اُنهن ۾ گهڻي دلچسپي نه ڏيکاريو.'

سنساري عادتن ۾ ڦاٿل جيون جي پرلوڪ ۾ درگتي ٿئي ٿي. جن ۾ بڇڙيون عادتون آهن اُهي پرلوڪ جي ياترا ۾ تمام گهڻو دُکي ٿين ٿا. اُنهن بابت ته ڪيترا سنديش آيل آهن ته اُهي سوکيم جيو اُتي ڏاڍو تڙڦن ٿا، اُنهن وشين لاءِ جن جو سٿول ديهيءَ ۾ جهجهوئي استعمال ڪيو هئائون. اُنهنکي اُهي وشيون ته ڪونه ٿيون ملن، پر منهن تي موچڙا ٿا ملن. اِن جو ورنن گرو صاحبن جي آساديوار ۾ ڪيل آهي :

يوگ خوب پوڳي ٿو بندو، آخر خاڪ ۾ ملي ويو

اهو سڀ ڄاڻڻ جو شونق هو، اُهي سڀ حاضر هئا. سيني جي روبرو مسٽر سينسن جي سوکيم شرير کي گهرايو ويو. ڪانئس هن طرح سوال ڪيا ويا جن جا جواب بہ ڄاڻايل آهن.

سوال : توهانجي انتم اِڇا موجب توهانکان پرلوڪ جو حال احوال ڄاڻڻ لاءِ توهانکي هتي گهرايو ويو آهي. توهان سان ملڻ تي اسانکي بيحد خوشي آهي.

جواب : مان مالڪ جو شڪرگذار آهيان جنهن مونکي توهان سان ملڻ ۽ ڳالهائڻ جي اِجازت ڏني.

سوال : توهان سٿول شرير ۾ ڏاڍي پيڙا ڀوڳي هئي. هاڻ توهانجي حالت ڪئن آهي ؟

جواب : ها ! هتي اچڻ سان بلڪل نؤبنو ٿي پيو آهيان. هتي اچڻ سان ڪجھ سمو تہ سمجھ ۾ نٿو اچي. ويچار صاف نٿا رهن، دنيوي ويچار ڪجھ وقت غالب رهن ٿا. پر منهنجو پرارٿنا جو اڀياس ڪم آيو. مون مالڪ کي پرارٿنا ڪئي، جيڪا مالڪ قبول ڪئي. هاڻي من اِسٿر آهي.

سوال : شرير جي مرتيوءَ بعد اِها پرلوڪ جي شڪتي ڪيتري وقت ۾ ٿي اچي ؟

جواب : اِهو منش جي ڪرمن تي مدار آهي. سنساري وشئي اِنسان کي تمام گهڻو سمو لڳي ٿو. پر ڌارمڪ، وشواسي جيون کي ڪجھ پهر لڳن ٿا.

سوال : توهان ڪئن ٿا محسوس ڪريو تہ توهين پرلوڪ ۾ آهيو ؟

جواب : جڏهن هينئر مان توهانکي ڏسان پيو، توهين ڪونہ

ي همت سان سامهون ڪجي. اِهي تڪليفون جيون کي
ٺيڪ صاف ڪن ٿيون. جنهن سون کي جيترو باهہ ۾ وجهبو
اوترو شڌ ٿيندو.'

ڪڏهن ڪڏهن اُهي سوکيم جيو آتمائون ٻين کي بچائڻ
جي بہ ڪوشش ڪنديون آهن. ليکڪ اهڙي هڪ آتما جو
ذڪر ڪيو آهي. اميريڪا ۾ ويٽيگن هڪ شهر آهي اُتي
هڪ نوجوان مٺان ڪيس هليِ رهيو هو تہ هن ڪاليج
جي ڇوڪريءَ جو خون ڪيو آهي. هڪ ڏينهن اوچتو ڊاڪٽر
وڪليند جي زال ۾ اُن مريِ ويل آتما پرويش ڪيو. ڊاڪٽر
جي زال رڙيون ڪري چيو، 'هُن جوان منهنجو خون ڪونہ
ڪيو آهي. پر مون خودڪشي ڪئي آهي.' ڊاڪٽر عجب
مان زال جو نالو وٺي چيو، 'تون ڇا پيئي چوين؟ ايترو
زور سان ڇو ٿي ڳالهائين؟'

تنهن تي ڊاڪٽر جي زال چيو، 'مان مرينا لئمبرٽ
آهيان، جنهن جي خون جو ڏوهہ فلاڻي جوان تي آهي.
مون بيوقوفيءَ وچان هڪ ڏينهن پوٽيشيم سائنائيڊ وڙتي
۽ اُن نوجوان کي ڊيڄاريو. نوجوان گھڻو ئي روڪيو پر
مان ڪانئي وينس. هاڻ مان هت نرڪ ۾ ڏاڍي ڏُکي آهيان،
پڇتايان ٿي. مان ڪيترا ڀيرا ڪورٽ ۾ اچي ان بابت
واڪا ڪيا آهن. پر ڪير منهنجي ٻڌي ڪونہ ٿو. (جئن
تہ پريت آتمائن کي ڪير ڏسي ڪونہ سگهندو آهي، اِن
ڪري سندن آواز بہ ڪونہ ٻُڌي سگھبو آهي.)

ڊاڪٽر جي زال واڪا ڪري جيڪي چوڻو هوس چئي
وري سمهي پيئي، ڇڻ ڪجھہ ٿيو ڪونہ هو. ڪجھہ وقت
بعد ننڊ مان جاڳڻ تي پنهنجي پتيءَ کي ٻڌايائين تہ

پلي هي نالو خوب ٿئي، دوُت وجهن ڦاهيءَ جو ڦندو
ابُتي جاچ ٿئي نيڪي بديءَ جي، ڪولي ڏسن ڪرمن جو چٺو،
لڪڻ لاءِ جاءِ نہ ملندي، رودن تي داد ڪير ڪندو
من جي انڌي جنم امولڪ، پنهنجي هٿي برباد ڪيو.

انڪري سياٽپ اِها آهي تہ وشين جي غلاميءَ کان، بچڙين عادتن کان هميشھ دور رهجي ۽ پاڻ بچائجي.

جيڪي جيوَ آتم هتيا ٿا ڪن، اُهي تہ نہ فقط مانو شرير لاءِ ايوگيہ بڻجن ٿا پر اُنهن جي سوکيم جيو آتما تمام گهڻيون پيڙائون سهي ٿِي. اِن ڪري اهڙن ڏُکي منشن کي سنسار جا دکہ صبر سان سهڻ گهرجن، پر آتم هتيا جو بنھ خيال بہ نہ ڪجي. گهڻين حالتن ۾ تہ آتم هتيا کان پوءِ جيسين اصلي حياتيءَ جي حد هوندي آهي، تيسين پريت جي جوڻ ۾ رهڻو پوندو آهي. اِن جو ذڪر ايلن ڪارڊيڪ پنهنجي پستڪ ۾ ڪيو آهي. اميريڪا جي مشهور ائڪٽريس مس ورجينيا ۽ فرانس جي هڪ سولجر جي آتمائن سان وارتالاپ ڪندي سندس دل ڏاريندڙ احوال لکيو آهي. اِن تي هڪ ليڪڪ لکيو آهي تہ، ’اسانکي هيءَ حياتي فرض جي ادائگيءَ لاءِ مِلي آهي. اِن کي ناس ڪرڻ جو ڪنهن بہ حالت ۾ اسانکي اڌڪار ڪونهي. اهو وڏو گناھ ليکجڻ ۾ اچي ٿو. جيڪي پنهنجو جيون وقت کان اڳہ پاڻ سماپت ڪن ٿا، اُنهن کي پرلوڪ ۾ پاڻ وڏيڪ پيڙا ملي ٿِي. جنهن مقصد لاءِ منش جيون مليو آهي، اُهو مقصد اڌُورو رهجِي ٿو وڃي. اِن ڪري منش کي گهرجي تہ ڀُل ۾ بہ خودڪشيءَ جو ويچار نہ ڪري. سنسار ۾ سهڻ کان ٻاهر گردشون پيش اچن تہ اُنهن

جواب : مان هن وقت جنهن لوڪ ۾ آهيان اُتي تمام سُکي آهيان. توهين مون لاءِ اصل ڏُک نہ ڪريو. هرهڪ انسان کي آيوُ پوري ٿيڻ تي پرٿوي لوڪ ڇڏڻو ئِي پوي ٿو. مان هاڻ بندنن کان آزاد آهيان.
سوال : ڇا سڀ آتمائون تو وانگر سُکي آهن ؟
جواب : هرهڪ جيو آتما کي ڪرمن انوسار لوڪ پراپت ٿين ٿا. سنن ۽ نيڪ ڪرمن واريون آتمائون مٿين لوڪن ۾ نواس ڪن ٿيون. اُهي اچا بہ مٿين لوڪن ۾ وڃِي سگهنديون آهن. پر ڪنشٽ جيو آتمائون هيٺين لوڪن ۾ دُکي رهن ٿيون. اُهي مٿي چڙهي نہ سگهنديون آهن.
سوال : اسان جيڪي تو لاءِ شراڌ، پنڊ ترپڻ ڪيا، اُنهن جي توکي ڄاڻ آهي ؟
جواب : جي ها ! ڄاڻ اٿم ۽ اُنهن پاوناڻن مان مونکي راحت بہ ملِي. خاص ڪري جيڪي جيو آتمائون دُکِي هونديون آهن، اُنهن کي اِهي شراڌ ۽ پنڊ راحت ڏيندا آهن. اُهي دُکِي آتمائون اِنهن لاءِ انتظار ۾ رهنديون آهن. بيءَ حالت ۾ اهڙيون دُکِي آتمائون ڪٽنب وارن کي پريشان ڪنديون آهن.
سوال : پِلا وري تون پرٿويءَ تي اچڻ چاهين ٿو ؟
جواب : هتي پرلوڪ ۾ اچڻ بعد ڪير بہ وري پرٿويءَ تي اچڻ نہ چاهيندو آهي ڇو تہ هتي پرٿويءَ جهڙا بندن ڪونہ آهن. پر هرڪنهن جي ڪرمن جو ليکو هتي ٿيندو آهي. جنهن انوسار ڪجهہ مدت بعد اُن جيو آتما کي بيو جنم مٿول ديهيءَ ۾ وٺڻو پوي ٿو.
سوال : بيو جنم وٺڻ تائين، تيسين اِتي توهين ڪٿي گذاريو

هڪ سپنو ڏٺم. هڪ جيوُ منهنجي شرير ۾ پرويش ڪري رهيو آهي. پوءِ خبر ڪونهي تہ ڇا ٿيو.' جيڪو ڳالهايو هئائين اُن جي ڪيس چاڻ ڪونهي.

اهڙا پڪندر روح ڪن کي پريشان ڪندا آهن تہ ڪن کي سُکہ ڏيندا آهن. گهڻو وقت اڳہ هڪ نؤجوان جو ڪنهن حادثي ۾ موُت ٿيو هو. سندس زال کي منجهس گهڻو موهہ هئو. هڪ رات ننڊ ۾ اُن محسوس ڪيو تہ ڪير سندس شرير کي هٿ لڳائي پيار پيو ڪري. ننڊ مان جاڳڻ تي رڙيون ڪري اُٿي. اڪثر رات جو ڪيترا ڏينهن ائين محسوس ڪندي هئي. پوءِ هڪ مهاتما سان اِن ڳالهہ جو ذڪر ڪيائين. مهاتما چيس، 'موهہ وس تنهنجي پتيءَ جي آتما پٽڪي رهي آهي. هاڻي اُن جي نمت هون يگيہ ڪرائي ياڳوت جو پاٺ رکاءِ تہ هن جو نيتارو ٿئي.' برابر ائين ڪرڻ سان بعد ۾ وري ڪڏهن شرير تي هٿن جو ڇهاءُ محسوس ڪونہ ڪيائين.

انڪل سٺ سال اڳہ جي ڳالهہ آهي. مدراس ۾ هڪ راءِ بهادر ايم. نرسنگهہ نالي هڪ شخص هو. هن جو نوجوان پُٽ اچانڪ گذاري ويو، جنهن جي موهہ ۽ دکہ ۾ هي پاڻ ڏاڍو وياڪل ۽ منجهيل ملول رهندو هو. ڪن مترن جي صلاح سان ڪن جاڻن جي ذريعي هن پنهنجي پُٽ جي آتما سان ڳالهايو جنهن بعد سندس من کي آٿت آيو. اِهو سمورو ورتانت هن هڪ پستڪ 'ناگيندر ساپي' ۾ ڇاپايو آهي.

سوال : پُٽ تون هينئر ڪٿي ٿو نواس ڪرين؟ مان توکانسواءِ ڏاڍو ڏکي آهيان.

سگهجي ٿو. اَن ڪري اسين اُن کي ڪٿي يا ستا ڏسڻ کونه ايندي آهي.

اَن ڪري ائين چوڻ ته ٻيا لوڪ کونه آهن ڇاڪاڻ ته ڏسجن کونه ٿا، اِهو ڪيتري قدر صحيح اندازو آهي؟ ويدن شاستَرن ۾ اِن جو صاف ورنن آهي. انيڪ انيڪ لوڪ آهن جن ۾ انيڪ جيوَ نواس ڪن ٿا. انادي ڪال کان اِها پرماتما جي رچنا جاري آهي. ان سوڪيم لڪل شڪتيءَ کي سمجهڻ ۽ سڃاڻڻ جي ڪلا ٻه فقط منش جيون ۾ ئي پرپيل آهي. پر اُهو تڏهن ٿيندو جڏهن اسين سوڪيمتا ڏانهن قدم وڌايون.

هڪ راجا کي پنهنجي وزير تي ڏمر آيو. سو ڪٽي سزا طور هڪ اوچي مناري جي ڪوٺريءَ ۾ بند ڪيائينس. وزير جي پتورت استري رات جي مهل سڏ ڏيئي پڇيائينس ته هوءَ ڪيس ڪا مدد ڪري سگهي ٿي؟' وزير چيس، 'تون هڪدم وڃي هڪ ڏينيو هٿ ڪر. ٿوري ماکي هڪ سنهو ڏاڳو، هڪ ٿلهو ڏاڳو ۽ ٿلهي نوڙي کڻي آءُ.' مائيءَ کي عجب ته لڳو پر پتيءَ جو چوڻ مڃي ترت هڪ ڏينيو هٿ ڪري ۽ ٻيون شيون کڻي آئي. وزير چيس ته 'ڏينيوءَ جي اڳئين ٿوڻين تي ماکي لڳاءِ مناري تي مٿي چاڙهيس. پوئين ٽنگ کان سنهو ڏاڳو ٻڌيس.' مائيءَ ائين ڪيو. ماکي جي هٿ ڪرڻ لاءِ ڏينيوُ مٿي چڙهندو اچي ڪوٺريءَ جي ڪڙڪيءَ تي پهتو. وزير هڪدم پڪڙي سنهو ڏاڳو هٿ ڪيو. هاڻ زال کي چيائين، 'اول ٿلهو ڏاڳو ٻڌي پوءِ نوڙي ٻڌي موڪل.' نوڙي مٿي پهچڻ شرط نوڙيءَ رستي وزير هيٺ لهي پهچي ويو.

اهڙي ڪلا پرماتما فقط منش ديهيءَ ۾ ڏني آهي. جڏهن

ٿا ؟

جواب : اسانجو وقت هتي ايشور جي سمرڻ ۾ گذري ٿو. اسين ٻين لوڪن ۾ بہ بنا روڪ ٽوڪ وڃي سگهندا آهيون. پرٿويءَ واري گهر ۾ بہ وڃي سگهندا آهيون. اسانجا سڀا سنٻنڌي جڏهن اسانکي ياد ڪن ٿا، اسانجي نمت پوڄا پاٺ ۽ دان ڪن ٿا تہ اسانجي موجودگي اُتي سمجهڻ گهرجي. خود سپنن ۾ اُنهن سان گڏجاڻي ٿيندي آهي.

اهڙيءَ طرح ڪوجنيڪن انيڪ طرح جي پرماڻن سان ڏيکاريو آهي تہ هن اسٿول شرير ڇڏڻ بعد سوکيم شرير ۾ جيون کي آدرشيہ لوڪن ۾ وڃڻو پوي ٿو. اُنهن سوکيم شريرن کي ڪرمن، عادتن، واسنائن ۽ سنسڪارن مطابق دکن ۽ سُکن جو انڀوُ ۽ احساس ٿئي ٿو.

هلندڙ جيون ۾ بہ گهڻو تڻو ويچاري ڏسبو تہ شاريرڪ دکن کان وڌيڪ مانسڪ (نہ ڏسجندڙ) دکن کان منش گهڻو دُکي هوندو آهي، ويچارن جا دُکہ، ڪالپنڪ دُک ۽ ذهني پيڙائون، شاريرڪ دُکن کان وڌيڪ پريشان ڪنديون آهن.

جڳت ۽ اُن جي رچنا سموري اُن آدرشيہ چيتن سنا جي آڌار تي ڪاريہ ڪري رهيا آهن. ٻاهريان پدارٿ توڙي پسن پکين يا منشن جا شرير جڙ ۽ نشور آهن. جڙ پدارٿن کي پنهنجي ليکي ڪريا جي شڪتي ڪونهي. پر اُنهن جو آڌار ئي چيتن سنا آهي. سنسار ۾ هيڏا بجليءَ جا اُپڪرڻ ڪيترا نندا وڏا ڪم ڪن ٿا. پر اُن ۾ جيڪا بجلي شڪتي آهي، اُها ادرشيہ سوکيم آهي. ڪرم ڪرڻ جا اُپڪرڻ ۽ اوزار ۽ ٿيندڙ ڪرم برابر ٻاهرين درشٽيءَ سان ڏسجن ٿا، ليڪن اچرج اِهو آهي تہ اُها هلائڻ واري

هڪ اُستاد شاگردن کي ٻڌائي رهيو هو ته پرٿويءَ جي ڄيئنان فقط پاڻي پاڻي آهي. هڪ شاگرد سوال ڪيو، ”اُهو پاڻي ڇا تي بيٺل آهي؟“ اُستاد ته منجهي پيو! ڪهڙو جواب ڏئي؟ پرٿويءَ روپي گرهه آڪاش ۾ اسٿت آهي، جئن ٻيا انيڪ گرهه آهن. فقط هن پرٿويءَ جو خيال ٿو ڪجي ته به جواب نٿو ملي. ٻڌيون ٻڌايون، ڪتابي پڙهيل ڳالهيون ڪرڻ آسان آهن. پر اِن جو سچو ڳجهه سلڻ مها مشڪل آهي.

هڪ سوکيم سنا جي آڌار تي هِي برهمانڊ ۽ هن جهڙا انيڪ برهمانڊ ٽڪيل آهن ۽ فقط منش کي ئِي اِن سنا کي سلڻ، سوچڻ ۽ سمجهڻ جي شڪتِي پرپيل آهي.

واهه جِي ايشور راند رچائِي - جنهنجو هن وستار ڪيو
ستي، رجي ۽ تمي گُڻن سان، جڳت جو وهنوار ڪيو.
ٽنهِي گُڻن جي ڦهلڻ سان - پاپ ۽ پڃ نروار ٿيو،
دڪه ۽ سُکه جِي رچنا ٿِي - نرڪ سرڳ جو دئار کليو.
حرص، حوص جي لوڀ لهر ۾ - جڳت جو جنجال وڌيو،
موهه وڌيو، اهنڪار وڌيو، مان وڌيو، اپمان وڌيو.

سوکيم جي شڪتيءَ کي وساري - جڙ ۾ ڦاٿو آهه اِنسان
سج، چنڊ، تارا، گرهه ستارا - جنهنجو مالڪ هڪ ڀڳوان
پرلئه، اُتپت اُن جي وس ۾ - لوڪ پرلوڪ جو آهه ڏٺِي
چيتن جو هِي آهه پسارو، راند رچيائين جا ڪيس وڻِي !!

سوکيم ويچارن دوران، پراڻن جي نوڙي پکڙي شٿولتا جي قيد مان آزاد ٿيون.

اسان شرير کي فقط شرير سمجهون ٿا. اسانجو واسطو فقط شريرن دوران اندرين جي رسن تائين محدود آهي. وڌ ۾ وڌ کو مڙدو کٽي چيري ڏسنداسين تہ اندر کهڙو کهڙو مال آهي!

اصليت کي، سوکيمتا کي ڄاڻڻ لاءِ اول اسانکي بہ سوکيم ٿيڻو پوندو. ٻاهرين شٿول رسن ۽ لذتن جو تياڳ ڪرڻو پوندو. شرير کي چرپر ۾ آڻڻ واري اول سنهي ڏور پراڻن کي پکڙڻو پوندو. پراڻن دوران جيڪي نسيون ناريون سارو جيون لرزش ۾ آهن اُنهن تي ظابطو ڪرڻو پوندو. اِهي نسون ناريون جيڪي من ۽ شرير کي هلائين ٿيون. آخر اُنهن تي ظابطو ٿيڻ سان ئي اُن سوکيم شڪتيءَ جو گيان ٿيندو. حقيقت ۾ گيان جو ارٿ ئي آهي شڪتي!!

هن سموري رچنا جو مول مقصد آهي تہ اِن ڳالهہ کي چڱيءَ طرح سمجهون تہ منش جنم جو لکش ڇا آهي؟ منش ديهي ساري برهمانڊ ۾ اوچي ۾ اوچي ديهي آهي. هن ديهيءَ ۾ ئي سڌ پرش بڻجڻ جو وڏو وجهہ ۽ موقعو مليل ٿو. ديوتا يا فرشتو بڻجڻ لاءِ، رڌين سڌين يا روحاني طاقتن حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ موزون موقعو آهي! اڄوڪي حالات ۾ پلي ئي منش اِنهن ڳالهين تي غور نہ ڪري. پر جڳت جي رچنا جو مقصد اِهو ئي آهي. جئن ڪنهن بہ راند جي رازن رمزن کي ڄاڻندڙ راند جو وڌيڪ لطف ۽ مزو ماڻيندو آهي، تئن هن ڳجهہ کي ڄاڻندڙ هن جڳت جي رچنا جو ڀرپور آنند وٺي سگهندو آهي.

هڪ وڏي نگر ۾ پهتا. اُتي هڪ وڏو جلسو ٿي رهيو هو. دهلن ۽ نغارن جي آوازن سان آڪاش گونججي رهيو هو. ماڻهون ڪٿان ڪٿان ڪان عمدا وستر پهري اچي ڪنا ٿيا هئا. راجا ۽ سنياسي به هڪ ڪنڊ ونڃي بيهي رهيا. ڇا ڏسن ته هڪ ماڻهو نغارا وڄائي وڏي واڪي چئي رهيو هو، ’هن نگر جي راج ڪنيا جو سويمبر ٿي رهيو آهي. راجڪماري ور مالها کڻي پنهنجو ور چوندي اُن جي ڳلي ۾ ور مالها پهريندي.‘ آس پاس جي نگرن مان گهڻائي راجڪمار ناٽ باٽ سان اچي اُتي حاضر ٿيا هئا. راجڪماري به اوچا وستر پهري راجا راڻيءَ کي پرڪرما ڏيئي اچي هڪ سنگهاسن تي ويٺي. اُن بعد وري هڪ ماڻهوءَ اُٿي ڪري هوڪو ڏنو ته، ’راجڪماري جنهن کي پنهنجو ور چونديندي اُن کي هن راج جو اڌ حصو به ملندو.‘ راجڪماري اُٿي ڪري ور مالها هٿ ۾ کڻي چوڌاري ڦرڻ لڳي. هيءَ سيا وڏي دبدبي ۽ شان مان واري هئي. جيتوڻيڪ گهڻائي ناهوڪا، جوان، سندر ۽ وڻندڙ جوان اِن سيا ۾ وينا هئا، پر راجڪماري سڀني کي اورانگهيندي ئي اڳيان هلندي ويئي. اچانڪ هن راجڪماريءَ جي نظر هڪ نؤجوان سنياسيءَ تي پيئي. سنياسيءَ جو تيج ڏسي ڪري راجڪماري تڪڙو اڳيان اچي ور مالها کيس پهرائي. ليڪن هن نؤجوان سنياسيءَ ڳلي مان ور مالها لاهي کڻي ڦٽي ڪئي. ’او راج ڪنيا، هيءَ ڪهڙي بيهودگي جو هڪ سنياسيءَ جي ڳلي ۾ ور مالها پهرايئه؟ سنياسيءَ جو وواه سان ڪهڙو سنبنڌ؟‘ سنياسيءَ زوردار شبدن ۾ چيو.

راجا اڳيان وڌي ڪري چيو، ’بچا، تون خيال نه ڪر!

آدرش ۽ سڌانتن جي پيروي ڪندڙ ئي مهان آهي

هڪ راجا جي نگر ۾ جيڪو بہ سنياسي ايندو هو، اُن کي مان سنمان سان پنهنجي راڄ دربار ۾ گهرائي سوال ڪندو هو، ’وڌيڪ مهان ڪير آهي، اُهو جيڪو سنسار کي تياڳي سنياسي ٿو بڻجي، يا جيڪو سنسار ۾ رهي گرهست ڌرم جو پالن ٿو ڪري؟‘

گهڻائي سنياسي پنهنجي سياڻپ جي آڌار تي شاسترن جا سلوڪ مثالن سان ٻڌائي کي سنياسي ڌرم کي تہ کي گرهست کي مهان ڄاڻائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. پر راجا ڪنهن جي جواب سان سنتشٽ ڪين ٿيو. چيو تہ راجا اهوئي چوندو هو تہ ڪا پرتکش ثابتي ڏيو. ڪن تہ سنياسين راجا کي گرهست جي مهانتا سمجهائيندي سڌ نہ ڪري سگهڻ جي حالت ۾ راجا جي حُڪم سان شادي ڪري گرهست آشرم اَپنايو.

گهڻي وقت ڪانپوءِ آخر هڪ نوجوان سنياسي هن نگر ۾ آيو. هميشه جي طرح راجا هن سنياسيءَ کي راڄ دربار ۾ گهرائي ساڳيو سوال ڪيو. هن سنياسيءَ چيو، ’راجن، ٻئي سنياس ۽ گرهست پنهنجي ليکي مهان آهن.‘ ان تي راجا چيو تہ، ’اهو اول مونکي ثابت ڪري ڏيکاريو.‘

سنياسيءَ وراڻيو، ’اِهو ثابت ڪرڻ لاءِ مان تيار آهيان بشرطيڪ توهين مون سان گڏ ڪجهہ ڏهاڙا هلو. پوءِ جتي مان رهان اُتي توهان بہ مون سان رهو.‘ راجا سنياسيءَ جي ڳالهہ هڪدم قبولي.

راجا ۽ سنياسي گڏ هلندا رهيا. هلندي هلندي اچي

سرديءَ کان هنن جو بچاءُ ٿئي.‘ ائين چئي نر پکي اُڏاڻو ۽ ڪٺان هٿ ڪري ڇهنب ۾ هڪ ڏُکيل ڪاني ڪٽي اچي مهمانن اڳيان اُڇلايائين. سنياسي ترت ڳالهه کي سمجهي سُڪل پن، گاهه ميڙي باه جو پنيٽ ٻاريو. اِن تي مادي پکيءَ چيو، ’مهمانن جي کائڻ جو بندوبست ڪئن ڪبو؟‘ نر پکيءَ سوچي ڪري چيو، ’اسان وٽ ٻيو ته ڪجهه ڪونهي. اسان جو گرهستي هجڻ ڪري فرض آهي ته مهمان جو ٻئاپوگيه سنمان ڪريون ۽ کين بکيو رهڻ نه ڏيون. ان ڪري هن باه ۾ مان پنهنجو شرير ٿو ارپيان جئن هو بچائي کائين.‘ ائين چئي نر پکي اُڏامندو اچي باه ۾ ڪريو. مهمانن کيس بچائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر کيس بچائي نه سگهيا. مادي پکيءَ سوچيو ته هڪ پکيءَ جي ماس مان ڪئن ٽن جو پيٽ ڀربو، اِهو سوچي پاڻ به اُڏامي اچي باهه ۾ ڪري. ٻچن به مائٽن جو وارتالاپ ٻڌو. اُنهن سوچيو جئن اسانجا ماءُ پيءُ فرض ڪارڻ قربان ٿيا، اسان جو پنتي پئون. اِهو ويچاري هي ٻئي ننڍڙا ٻچا به هيٺ لهي دڌڪندڙ اگنيءَ ۾ اچي ڪريا.

هيءُ ڪؤتڪ ڏسي ٽيئي عجب ۾ پئجي ويا. سنياسي جيڪو پکين جون ٻوليون ڄاڻندو هو، تنهن راجا کي سموري وارتا ٻڌائي. تنهين ڏُکه ۾ ساري رات ڪجهه ڪونه ورتايو. صبح ٿيندي ٽيئي جهنگل مان ٻاهر آيا. راجڪماريءَ کي پنهنجي نگر ۾ پهچائي، سنياسي ۽ راجا پاڻ واري نگر ۾ واپس آيا.

سنياسيءَ راجا کي چيو، ’توهان پرتڪش ڏٺو ته سنياس توڙي گرهست پنهنجي پنهنجي پار مهان آهن. سنسار

هن راڄ ڪنيا سان گڏ توکي اڌ راڄ بہ ملندو، جنهن تي راڄ ڪري تون آنند ماڻيندين. منهنجي مرڻ پڄاڻا باقي بہ اڌ حصو توکي ئي ملندو‘ ائين چئي راجا پٽ ۾ ڦٽي ڪيل ور مالها کڻي واپس سنياسيءَ جي ڳلي ۾ وڌي.

پر سنياسيءَ وري بہ ور مالها لاهي ڦٽي ڪئي. چي، ’مونکي نڪو شادي ڪرڻي آهي نڪو راڄ ئي گهرجي. مان سنياس ۾ ئي خوش آهيان.‘ ائين چوندو سيا مان ٻاهر نڪري تڪڙو تڪڙو ڀوڙندو ويو. راجڪماريءَ جو من بہ هن سنياسيءَ تي موهت ٿي ويو هو. اِن ڪري هوءَ بہ سنياسيءَ جي پنيان ڀوڙڻ لڳي. هنن ٻنهي جي پنيان اسان وارو راجا ۽ سنياسي بہ ڀوڙڻ لڳا.

ڀوڙندي سڀ هڪ گهاٽي جهنگل ۾ پهتا. نوجوان سنياسي تہ جهنگل جو ڄاڻو هو. گوهي ڏيئي اندر نظر کان غائب ٿي ويو. راجڪماري پريشان ٿي هڪ وڻ هيٺ ويهي روئڻ لڳي. چو تہ کيس واپس وڃڻ جو پيچرو بہ ڪونہ سمجهہ ۾ آيو. اِن تي اسان واري راجا ۽ سنياسيءَ دلداري ڏيندي راجڪماريءَ کي چيو، ’تون روءُ نہ. هينئر اونده هئڻ ڪري ٻاهر نڪري نہ سگهنداسين. صبح ٿيندي توکي پنهنجي راڄ ۾ هلي پهچائينداسين.‘

ٽنهي گڏجي اچي هڪ وڏي وڻ هيٺان ديرو ڪيو. اُن وڻ ۾ هڪ پکين جو جوڙو پنهنجن ٻن ٻچن سميت رهندو هو. نر پکيءَ هيٺ نهاريو تہ ٽي اتٿي وينل ڏٺائين. زال کي چيائين، ’ٽي مهمان آيل آهن. سياري جي موسم آهي. هنن کي اگنيءَ جو بندوبست ڪري ڏيڻ گهرجي جئن

شرير ۾ ابناسي ديھ ڌاري يعنِي جيو آتما کي ٻنڌنن ۾ وجهن ٿا. (گينا اڌياءُ چوڏهون، سلوڪ چوٿون، پنجون ۽ ڇهون). سُک، موج ۽ منورنجن لاءِ ايشور پاران مذر ميلاپ دواران استري پرش جي رچنا ڪئي. گرهست جو سچو سُک ماڻيندي آنند سان جيون گذاريندي بہ پرماتما جي پراپتي ٿئي اهڙو ئي رهسيہ هن سرشٽيءَ جي رچنا ۾ رکيل آهي. اڳين جُڳن ۾ رشي مني اِن سڌانت سان گرهستي رهِي ڪري ساڌنائون ۽ يوگ ڪندا هئا. ڇو تہ اُنهن هن رچنا جو مرم ڄاتو ٿي. پرماتما جي ٺاهيل نيمن ۽ اُصولن جي دائري اندر ئي رهِي ڪري منش جيو جو سچو آنند ماڻيندي ٻنڌن مُڪت جيون گذاريندا هئا. ايشوري نيم مطابق پرش جو اوائلي جيون ئي برهمچريہ ۾ گذرندو هو. اُن بعد گرهست ۾ ڪجھ سمو رهي ڪري باقي جيون ڀڳتي ۽ شيوا ۾ گذاربو هو. اِهو ساڳيو ايشوري نيم اڄ بہ چالو آهي. پر منش جي آچرڻ، خيالات ۾، ويچارن ۽ وهنوار ۾ رولو اچِي ويو آهي. منش گرهست ۾ مليل يوگ کي ڀوڳ جي روپ ۾ اپنايو. استري پرش جو پوتر سنبنڌ صرف ڪام ڪونهي، پر اِهو فقط سنتان پئدا ڪرڻ جو ذريعو آهي. شاسترن آگيا ڪئي تہ جڏهن استري پرش کي سنتان پئدا ڪرڻ جي اِڇا ٿئي تڏهن ئي پاڻ ۾ مقرر ويلا تي سنجوڳ ڪجي. اُن کي وري سنتان جي پئدا ٿيڻ تائين نہ دهرائجي. اڳي لوڪ انهن ايشوري اُصولن جي سچائي ۽ نشٺا سان پيروي ڪندا هئا. اڄ اهي ايشوري نيم عمل ۾ نہ آڻڻ ڪارڻ، نہ فقط منش پتِڪي ويو آهي پر سچي سک ۽ آنند ماڻڻ کان محروم

تياڳيو تہ هن نوجوان سنياسيءَ وانگر. راڄ ڀاڳ، سندرتا، ڌن پدارٿ کان منهن موڙي وري اُن جي پرلوڀن ۾ نہ ڦاسو. اُهو کهڙو سنياسي جيڪو سڀ ڪجهہ تياڳي وري ٻيو نئون سنسار جوڙي. ڪبير صاحب چون ٿا، 'سنياسي جَنُہ گِرهہ ڪري تانڪو وڏو اَڀاڳہ.' جيڪو سنياس جي آدرشن ۽ سڌانتن جي پيروي ڪري ٿو، اُهو ئي سچو سنياسي آهي.

پرماتما هن سرشٽيءَ جي رچنا باترتيب، سندرتا ۽ ويچار سان ڪئي آهي. هرهڪ جوڻ ۾ نر مادي جوڙو رچيائين جنهن عدد جو سلسلو قائم رهي. هي اکنڊ مهاساگر جَنَ سمُوهہ جو موج، آنند ۽ منورنجن سان لهرن ۾ لهرائيندو رهي. نر ماديءَ جو ميل ٻين جوڻين ۾ تہ بنڌن آهي پر منش ۾ مڪت يوگ آهي. سنسار جو سلسلو جاري رهي، ان لاءِ ئي استري پرش جي مڌر ميلاپ جي يوگہ جي رچنا ايشور پاڻ ڪئي. پرش پرماتما روپ آهي تہ استري پرڪرتي مايا. گيتا ۾ ڀڳوان ڪرشن پنهنجي مکاروند سان چيو، 'مهت برهم روپي پرڪرتي ٽن گُڻن واري مايا منهنجي يوني گرڀ ستان آهي جنهن ۾ سرشٽيءَ جي سنڪلپ روپ ۾ ٻج ڪي ڏريان ٿو.'

تنهن منهنجي ۽ پرڪرتيءَ جي ميلاپ سان سيني ڀوت پدارٿن جي اُتپتي (پيدائش) ٿئي ٿي. سيني گرڀن ۾ جيڪي (مورتيون) شرير اُتپن ٿين ٿا، اُنهن سيني جي گرڀ ڌارڻ واري ماتا پرڪرتي ٽن گڻن واري مايا آهي ۽ مان سنڪلپ روپي ٻج ڇٽيندڙ پتا آهيان. ٽي گُڻ ستو، رجو ۽ تمو پرڪرتيءَ مان اُتپن ٿيل آهن جيڪي هن

ٻڌجي پيو آهي. ووآهہ ڪري آدرشي گرهستي ٻڌجي رهڻ
هڪ اوچ اوسٿا ۽ مهانتا جي منزل آهي. ٻاهران برهمچاري
رهي، پر من ۽ ڪرم سان آدرش هيڻ ٻڌجڻ سان پتت
۽ پرشٽ ئي ٻڌيو رهبو. برهمچاريءَ جو ڏيکہ ڪرڻ فقط
پاڻ کي ئي دوکو ڏيٺو آهي. اِنڪري بهتر آهي گرهست
۾ آدرشن ۽ اُصولن جو پالن ڪندي پرماتما جي پراپتي
ڪري.

گرو ارجن ديو سکمني صاحب ۾ فرمائين ٿا، ’اَن دِنِ
ڪيرتن ڪيول وَکئان، گرهست مَهِ سوئي نِرٻان‘. ڪبير
صاحبن بہ فرمايو آهي، ’گرهست ۾ جو رهي اُداس (ويراڳي)
ڪهي ڪبير هئہ تاڪو داس.‘

گرهست آشرم جي مهانتا ويدن شاسترن پڻ ڳائي آهي.


ستیم شِوم سُندرم